

سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون
ٻولين جا باهمي رابطا ۽ سنڌي ٻوليءَ جو جائزو
سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيلهي لفظن جي اهميت
هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ هڪ معنىٰ لاءِ گهڻا لفظ
سنڌي ٻوليءَ جا ڪجھ منفرد ۽ غير معمولي پهاڪا
سنڌي ٻوليءَ ۾ پس منظر تي مشتمل پهاڪا
جانورن، پکين ۽ جيتن سان منسوب پهاڪا
انساني عضون سان منسوب اصطلاح
شادي غمي بابت اصطلاح
چند غير معمولي اصطلاح
اسمن ۽ فعلن جي بامعنىٰ ٻيهڪ
تجنيس حرفي ۽ معنوي تضاد وارا اصطلاح
ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون

ڊاڪٽر بشير احمد شاد

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

ڪتاب نمبر 36
© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر 2013

ڪتاب: سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون
ليکڪ: ڊاڪٽر بشير احمد شاد
موضوع: ٻولي
پهريون ڇاپو: ڊسمبر 2013
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر
**قيمت**: 120 رپيا

استاڪسٽ:
* مهراڻ ڪتاب گهر، ويجهو گهنٽي ڦاٽڪ، لاڙڪاڻو * رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو * اٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد * سنڌيڪا بوڪ شاپ، حيدر چوڪ، حيدرآباد * سنڌ بڪ ڪلب، مريم روڊ، نواب شاهه * الفقراء ڪتاب گهر، سانگهڙ * فرخ ڪتاب گهر سکر * نويد سراج بڪ اسٽور، قنبر * ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو.

هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمين رياضت برڙي
لکي پريس ڪراچيءَ مان ڇپرائي اڪيڊميءَ جي آفيس قنبر مان پڌرو ڪيو.

Book Name: Sindhi Boli Joon Husnakiyoon

Written by: Dr. Bashir Ahmed Shaad

1st Edition: December 2013

Published by: Dr. Muhabbat Academy Kamber

E-mail: dmacademy@yahoo.com

Price/copy: Rs. 120/-

# انتساب

لسانيات ۽ لوڪ ادب جي پارکو
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي

۽

ناليواري محقق
ڊاڪٽر دُرمحمد پٺاڻ

جي نان ء

_ ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(156)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي اهم ڪتاب **”سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون“** ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر بشير احمد شاد صاحب جو لکيل آهي.

هي ڪتاب **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر** پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون پياري دوست رضوان گُل جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسان**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


- پبلشر نوٽ........................................................................ 07
- ليکڪ پاران ٻه اکر................................................................ 11

## سنڌي ٻولي

- ٻولين جا باهمي رابطا ۽ سنڌي ٻوليءَ جو جائزو.......... 14
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيلهي لفظن جي اهميت...................... 21
- هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون
  ۽ هڪ معنىٰ لاءِ گهڻا لفظ............................................ 29

## سنڌي ٻوليءَ جا پهاڪا

- سنڌي ٻوليءَ جا ڪجهه منفرد ۽ غير معمولي پهاڪا.... 41
- سنڌي ٻوليءَ ۾ پس منظر تي مشتمل پهاڪا............... 50
- جانورن، پکين ۽ جيتن سان منسوب پهاڪا................. 67

## سنڌي ٻوليءَ جا اصطلاح

- انساني عضون سان منسوب اصطلاح.......................... 78
- شادي غمي بابت اصطلاح.......................................... 110
- چند غير معمولي اصطلاح......................................... 117
- اسمن ۽ فعلن جي بامعنىٰ ٻيهڪ
  ۽ تجنيس حرفي توڙي معنوي تضاد وارا اصطلاح.......... 130

## پبلشر نوٽ

پنهنجي ٻوليءَ ۾ ميان، جي تون چوندين ماءُ،
توکي اهڙو ساءُ، ڏيندي ٻي ٻولي ڪٿي. (اياز)

اسان کي اهو ساءُ اسان جي سنڌي مادري ٻولي ڀرپوريت سان ڏي ٿي. ’ماءُ‘، ’امڙ‘، ’امان‘، ’آئِي‘، ’آيَلِ‘، ’جِيجل‘، ’جِيجي‘، ’جِيجان‘... ڪهڙا نه منڊا ۽ موهڻا لفظ آهن جيڪي اسان جي هانوَ ۾ پيهي ٿا وڃن!

مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي. (شاهه)

اها اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي خوبي آهي جو اها هڪ ئي لفظ جي معنىٰ جا انيڪ ۽ وٽندڙ لفظ اسان کي آڇي ٿي، پر ٻيون پڻ ڪيئي خوبيون ۽ خاصيتون سهڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ هر طرح سمايل آهن، جن مان ڪِن خوبين بابت اسان ڄاڻي سگهيا آهيون، ته ڪجهه بابت کوجنا اسان جا عالم، محقق، اديب ۽ لسانيات جا ماهر ڪري رهيا آهن. انهن سڄاڻ ۽ ڏاهن محققن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڌرتيءَ سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي محققن ڪم ڪيو آهي، جن ۾ خاص طور ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، واحد بخش شيخ، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ۽ آفتاب ابڙو شامل آهن. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ان تسلسل کي سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب، محقق ۽ شاعر **ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“** پنهنجي نئين ڪتاب ”**سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون**“ ذريعي اڳتي وڌايو آهي.1950 جي ڏهاڪي

۾ شڪارپور مان لاڙڪاڻي لڏي آيل ڊاڪٽر ”شادَ“ لاڙڪاڻي ۽ ڄامشوري مان تعليم پرائڻ بعد، تعليم کاتي ۾ 1975ع ۾ ليڪچرر طور اچڻ کان وٺي 2002ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائرمينٽ ٿيڻ تائين ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سنڌي مضمون جي لائق ۽ هوشيار استاد طور پڙهايو، ان دوران 1989ع ۾ هن ڊاڪٽريٽ (پي ايڇ.ڊي) جي ڊگري ”مولانا ثناء الله ثنائيءَ جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو“ عنوان تحت نامور محقق ۽ ”گل حيات انسٽيٽيوٽ“ جي باني ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جي نگرانيءَ ۾ حاصل ڪئي. رٽائرمينٽ بعد زيبسٽ لاڙڪاڻي ۾ پڻ ڪجهه سال تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون.

لکڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ سڄي ڄمار گذاريندڙ ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ انيڪ اڀياسي مضمون ۽ تحقيقي مقالا لکيا آهن، جيتوڻيڪ هن ڪوِتا-ڪاڪ جا سير پڻ ڪيا آهن ۽ ڪهاڻيءَ جي ديويءَ کي پڻ ريجهايو آهي. سندس تخليقون ۽ ترجما 14 مختلف ڪتابن جي روپ ۾ پڌرا ٿيل آهن. گڏوگڏ هُو لاڙڪاڻي جي مشهور ادبي اداري ”**سچل ادبي مرڪز**“ جو روح روان، باني ۽ صدر آهي ۽ لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ ۾ پڻ سرگرم رهيو آهي، جڏهن تہ پاڻ سڄيءَ سنڌ ۾ ٿيندڙ لاتعداد ادبي ۽ علمي پروگرامن ۾ مختلف حيثيتن ۾ شرڪت ڪئي اٿائون.

ڊاڪٽر ”شاد“ جي هن ڪتاب ”**سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون**“ ۾ 11 مضمون/مقالا شامل آهن، جيڪي موضوعي سٽاءَ موجب ٽن ڀاڱن ۾ ونڊيل آهن. پهرين ڀاڱي ”**سنڌي ٻولي**“ ۾ 3 مضمون شامل آهن. انهن مان پهرئين مضمون ”**ٻولين جا باهمي رابطا** (سنڌي ٻوليءَ جو جائزو)“ ۾ مختلف ٻولين جي هڪٻئي تي پوندڙ اثرن ۽ انهن جي ڪارڻن جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ سنڌي

ٻوليءَ ۾ عربيءَ، فارسيءَ، انگريزيءَ، هنديءَ ۽ ترڪي ٻولين مان شامل ٿيل لفظن جي مختصر لَڙهي ڏني وئي آهي. ٻئي مضمونَ "**سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيلهي لفظن جي اهميت**" ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم خوبيءَ جو اڀياس ڪيو ويو آهي جنهن ۾ هڪ لفظ پنيان ٻيو لفظ ڳنڍجي پهرئين لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم کي وسعت ڏيندو آهي. انهن لفظن مان "نياٽي سياٽي"، "ڏُڌ پُٽ"، "کير کنڊ"، "هڙئون وڙئون"، "داٽو پاٽي"، "مڇي ماني"، "خون ڪتوري"، "ڪاٺُو پُٽ"، "اٿو، لٿو ۽ اجهو"، "مرٽو پرٽو" ۽ "هڻ ڪڻ" جي سمجهاڻي ۽ تشريح ڏني وئي آهي. ٽئين مضمون "**هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ**" ۾ ادبي ٻوليءَ جي ٻن معيارن جو مطالعو پيش ڪيل آهي، جنهن موجب سنڌي ٻولي پڻ انهن ٻن معيارن تي، جاڙايل مختلف مثالن موجب، پوري لهي ٿي، تنهنڪري سنڌي ٻـ معياري ادبي ٻولي آهي.

ٻئي ڀاڱي "**سنڌي ٻوليءَ جا پهاڪا**" ۾ پڻ 3 مقالا شامل آهن. پهرئين مقالي "سنڌي ٻوليءَ جا ڪجهه منفرد ۽ غير معمولي پهاڪا" ۾ 38 پهاڪن کي مطالعي هيٺ آندو ويو آهي. ٻئي مقالي "**سنڌي ٻوليءَ ۾ پس منظر تي مشتمل پهاڪا، چوڻيون، محاورا، ورجيسون**" ۾ 23 پهاڪن وغيره جي پس منظر تي روشني وڌي وئي آهي، تـ جيئن اسان کي انهن جي جُڙڻ بابت بنيادي ڄاڻ حاصل هجي. ٽئين مقالي "**سنڌي ٻوليءَ ۾ جانورن، پکين ۽ جِيتن سان منسوب پهاڪا**" ۾ 65 پهاڪن کي سهيڙيو ۽ سمجهايو ويو آهي. ڪتاب جو هيءُ ڀاڱو بيحد دلچسپ مطالعي تي مشتمل آهي.

ڪتاب جي ٽئين ۽ آخري ڀاڱي "**سنڌي ٻوليءَ جا اصطلاح**" ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏيڪ خوبيءَ 'اصطلاح' بابت 5 مضمون/مقالا پيش ڪيل آهن، جيڪي انساني عضوَن، شادي غميءَ سميت ٻين رسمن،

انگن وغيره بابت آهن. انهن مضمونن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اِن اهم ذخيري جون انيڪ لسٽون ڏنيون، انهن جي معنىٰ لکي وئي آهي. انهن مضمونن ۾ اصطلاحن جي هيءَ سهيڙ پڻ ڏاڍي وٽندڙ آهي.

پڙرو آهي تہ ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ جو هي ڪتاب ”**سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون**“ سنڌي ٻوليءَ جو مطالعو ڪندڙ، اديبن، محققن، استادن، شاگردن ۽ عام ماڻهن لاءِ پڻ هر طرح لاياڻتو ثابت ٿيندو، شرط فقط اهو آهي تہ اهي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ سان محبت ڪي من ۾ سمائي هي ڪتاب پڙهن.

علم ۽ تحقيق جي واڌاري لاءِ ”**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر**“ ڪم ڪندي رهي آهي. ڊاڪٽر ”شاد“ جو هي ڪتاب پڻ ان سلسلي جي اهم ڪَڙي آهي.

**رياضت ٻرڙو**

19 آڪٽوبر 2013

لاڙڪاڻو

# پهه اکر

بولين بابت معلومات حاصل ڪرڻ واري جستجو ۽ جاکوڙ ٻه هڪ نهايت دلچسپ ۽ محنت طلب ڪم آهي. ٻولين جي ٻُڻ بنياد ۽ باهمي رابطن بابت علم حاصل ڪرڻ سان ٻولين جي تاريخ جي خبر پوي ٿي ۽ پتو پوي ٿو ته ڪهڙي ٻولي ڪيتري قديم آهي. هڪڙيون ٻوليون دنيا جي تختي تان ان ڪري ميٽجي ويون جو انهن ۾ پنهنجي وجود قائم رکڻ جي سگهه ئي ڪانه هئي. جيڪي ٻوليون هن وقت تائين قائم آهن انهن جون پاڙون پاتال ۾ آهن جو ته انهن ۾ اهي سموريون خاصيتون موجود آهن جيڪي ٻوليءَ کي دائمي زندگي بخشيندیون آهن.

اسڪول واري زماني کان اسان چند هم ڪلاس دوست ٻولين سان هٿ چراند کي تفريح طبع طور استعمال ڪندا رهندا هئا سين. مختلف ٻولين جي لفظن اچارن ۽ آوازن کي پنهنجي مخصوص انداز سان چيري ڦاڙي پنهنجي پاران معنائون ۽ مطلب ڪڍي محظوظ ٿيندا هئا سين. جنهن ۾ اسانجو پيارو دوست ايس. ايم يوسف خاص طور تي پيش پيش هوندو هو. اسڪول وارو دور پورو ڪري جڏهن ڪاليج ۾ داخل ٿيا سين ته طبعيت ۾ به سنجيدگي آئي ۽ ادب ڏانهن به سنجيدگيءَ وارو لاڙو وڌيو. پوءِ مون سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪئي جنهن ۾ هڪڙو مڪمل پيپر ٻوليءَ بابت ڏيڻو هوندو آهي. بعد ۾ مون سنڌي ادب ۾ ئي پي. ايچ ڊي جي ڊگري ورتي. پوءِ پنهنجو توجهه سنڌي ٻوليءَ تي ئي ڏنو ۽ ٻوليءَ جي حسناڪين متعلق سوچڻ شروع ڪيو.

هي ڪتاب لکڻ کان اڳ مون سنڌي ٻوليءَ جي مختلف ماهرن ۽ عالمن جا ڪتاب اٿلايا. سنڌي اردو ۽ انگريزي ٻولين جا انسائيڪلوپيڊيا آڏو رکيا. ڪجهه نيون پراڻيون لغتون جمع ڪيون. سنڌي پهاڪن، محاورن ۽ اصطلاحن بابت عالمن جي لکيل مواد جي ورق گرداني ڪئي. ائين ڪوٽي ڪوٽي مواد جمع ڪندو رهيس. ان وچ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اصطلاحن ۽ پهاڪن متعلق ڪجهه مقالا لکيا جيڪي ماهوار ”نئين زندگي“ ۾ شايع ٿيا.

هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل مختلف موضوعن تي مقالا شامل آهن، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حسناڪين کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هونءَ ته هي ڪتاب علم، ادب ۽ ٻوليءَ سان چاهه رکندڙ سيني پڙهندڙن لاءِ آهي پر منهنجي خواهش آهي ته هن ڪتاب کي خاص طور اسانجو نوجوان نسل ضرور پڙهي، جيئن کيس پنهنجي منڙي ٻوليءَ جي اهميت، قدر ۽ قيمت جي ڄاڻ ملي سگهي. آخر ۾ پنهنجي نوجوان ادبي ساٿي ۽ پبلشر پياري رياضت ٻرڙي جي مهرباني، جنهن هن ڪتاب کي سهڻي نموني ڇپائيءَ اوهان جي هٿن تائين پهچايو.

**ڊاڪٽر بشير احمد شاد**

موبائيل # 03013470052 — 15 آڪٽوبر 2013


سنڌي ٻولي

# ٻولين جا باهمي رابطا
## (سنڌي ٻوليءَ جو جائزو)

ٻوليءَ جي ماهرن ۽ فلالاجي (Philology) جي عالمن ڪن لفظن جي هڪ جهڙائيءَ سبب دنيا جي زبانن جا ٽي قسم مقرر ڪيا آهن. اهي ٽي قسم دنيا جون بنيادي زبانون آهن. ٻيون هزارين زبانون انهن مان ئي ڦٽيون آهن.

پهرين آريائي (Aryan) ٻي توراني (Toranian) ٽين سامي (semetic). پهرين قسم جي زبانن مان سنسڪرت، فارسي، انگريزي، فرينچ ۽ ليٽن. ٻئي قسم مان چيني تاتاري ۽ تُرڪي ۽ ٽين قسم مان عربي، عبراني، قلداني ۽ سرياني وغيره ڦٽي نڪتيون آهن.

دنيا ۾ جيئن سڀ انسان انسانيت جي دائري ۾ اچڻ سبب اچڻ سبب ڀائر سڏيا وڃن ٿا، فقط جدا جدا ملڪن ۾ رهڻ ڪري ئي جدا جدا نمونو ۽ ڏار ڏار رهت سهت رکن ٿا، تيئن سڀني انسانن جون ٻوليون بہ قريب قريب هڪ ئي ’ڪُل‘ مان آهن. جيتوڻيڪ جدا جدا ملڪن ۾ وڃي هنن جدا جدا روپ ورتو آهي. ٻولين جي هڪ ئي برادري هجڻ جو هڪڙو وڏو دليل هي آهي تہ دنيا جي سڀني سڌريل ٻولين هڪ ٻئي سان لفظن جي ڏي وٺ ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڏي وٺ ۾ ڪو عار يا عيب نہ سمجهيو اٿن. ٻوليون قدرت طرفان ئي ڪا صورت وٺن ٿيون ۽ وڌن ويجهن ٿيون. ٻين لفظن ۾ ڪٽي ائين چئجي تہ ٻوليون ناهيون ڪين وينديون آهن بلڪ ٺهي وينديون آهن.

ٻوليون هڪ ٻئي جي مٿان اثرانداز ڪيئن ٿيون ٿين، تنهن لاءِ ٻوليءَ جي ماهرن هينيان مکيہ ذريعا ٻُڌايا آهن.

- هڪڙي ملڪ جي ماڻهن جو ٻئي مُلڪ ڏانهن سير سفر ڪرڻ.
- ٻن ملڪن جي وچ ۾ واپاراي ناتا قائم ڪرڻ / ٿيڻ.
- هڪ قوم جي مٿان ٻي قوم کي فتح حاصل ٿيڻ.
- هڪ ئي ملڪ ۾ جدا جدا مذهبن جي ماڻهن جو هڪ ٻئي سان گڏجي گذارڻ.

اهڙو اثر قدرتي طور ٿيندو آهي. ٻين ٻولين جي خزاني مان ڪجھ مال هٿ ڪري پنهنجي ٻوليءَ جي جهولي ڀرڻ ۽ ٻين ٻولين جي ادبي گلشن مان رنگ برنگي ۽ سهڻا گُل چوندي پنهنجي ادبي گلدستي ۾ سنوارڻ سڌريل ۽ ساهتيه ٻولين جي خاص خوبي آهي. سڌريل ٻوليءَ جو درياهُ ٻي انت بحر وانگر هوندو آهي، جيڪو پنهنجي سيلاب سان هميشه اوڙي پاڙي کي سيراب ڪندو رهندو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب ’سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر‘ ۾ لکي ٿو ”زنده زبانون اهي آهن، جيڪي حالتن جي پيش نظر ٻين زبانن جون اثي قبول ڪن ٿيون. اهو قدرتي امر پڻ آهي.“

انهيءَ معيار کي پرکڻ خاطر اسان کي هن دور جي انهن سڌريل ۽ زنده ٻولين جو جائزو وٺڻو پوندو، جن جي ساهت ۽ ادب دنيا ۾ تسليم ٿيل آهي ۽ جن جو لٽريچر دنيا جي ڪُند ڪڙڇ ۾ پهتل آهي. ايران جي هاڻوڪي فارسي زبان تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته فارسي ٻوليءَ جي ماهرن جڏهن اهو محسوس ڪيو ته سندن زبان ۾ نون اصطلاحن ۽ جديد ايجادن لاءِ لفظن جو ذخيرو ناڪافي آهي ته هنن بنا هٻڪ جي عربي زبان کان دل کولي مدد حاصل ڪئي.

اهڙيءَ طرح دنيا جي ٻين ترقي يافته ۽ عالمگير زبانن جهڙوڪ انگريزي، فرينچ ۽ جرمني جو جائزو وٺون تا ته ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته انهن ۾ وڏو حصو ڌارين ٻولين جو آهي. انهن تنهي زبانن

جي ماهرن اندازو لڳايو آهي تہ انهن ٻولين جو وڏو حصو ليٽن (Latin) ۽ يوناني (Greek) زبانن مان ئي آيل آهي ۽ باقي حصو فرينچ، انگريزي ۽ جرمن جو آهي. تنهن ڪان سواءِ منجهن عبراني، عربي، تُرڪي ۽ فارسي زبانن جو بہ گهڻو دخل ڏسجي ٿو.

هتي چند اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا جن مان ٻولين جا هڪ ٻئي تي اثرَ چٽا نظر ايندا. جيتوڻيڪ يورپ هن ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي واري دور ۾ گهڻو اڳتي نڪري چُڪو آهي ۽ وٽس ٻوليءَ جو بہ بي بها خزانو موجود آهي پر تنهن جي باوجود هن طبي توڙي ڪن ٻين سائنسي اصطلاحن لاءِ ٻين ٻولين جي لفظن ۽ اصطلاحن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪيو آهي. هتي مُٺ مان خرار پرکڻ جي مصداق فقط انگريزي ٻوليءَ ۾ عربي، فارسي ۽ هندي لفظن جي استعمال جا چند مثال پيش ڪجن ٿا.

عربي جي ذيابيطس کي انگريزي ۾ ڊائبٽيز (Diabetes)، ماليخوليا کي ميلنڪوليا (Melancholia)، قوما کي بلڪل ساڳي اُچار ۽ آواز ۾ ڪوما (Coma) ، طاطانس کي ٽيٽنس (Tetanus)، زنجبيل کي زنجبيريس (Zigeberis)، افيون (آفيم) کي اپيوم (Opium)، صندل کي سينٽل (Santal)، قنديل کي ڪئنڊل (Candle)، الف، بي، ت کي الفابيٽ (Alphabet) چيو وڃي ٿو. اهڙي طرح فارسيءَ جي شڪر کي شگر (Sugar)، هندي جي سنت کي سينٽ (Saint) ڪري سڏيو وڃي ٿو. اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح مثال ۾ پيش ڪري سگهجن ٿا. هاڻي اسان ڏسندا سين تہ سنڌي ٻوليءَ ٻين ٻولين جو اثر ڪهڙي دور ۾ ۽ ڪيئن وٺڻ شروع ڪيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ۾ ڇهہ سو سال ق.م سنڌ جي اوائلي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جي اثر جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”آثارِ قديمہ مان مليل مواد ۽ معلومات جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا سامي زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان هن قديم زماني ۾ سنڌ جي ٻوليءَ تي گهٽي ۾ گهٽ اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو.“

”آفتابِ ادب“ جو حڪيم فتح محمد سيوهاڻي لکي ٿو:
”تاريخ جي ورق گرداني ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ديس جي اوائلي رهاڪن جا عربن جي سنڌ ۾ آمد کان بہ اڳ پنهنجي پاڙيسري ملڪن ايران، افغانستان ۽ عربستان سان تجارتي تعلقات قائم هئا. اهڙيءَ ريت ايران ۽ عربستان جا واپاري بہ عراق، بندر عباس ۽ بصري کان سنڌ جي سامونڊي ۽ دريائي بندرن ۽ وسنڌڙ شهرن ۽ واپاري منڊين تائين ايندا ويندا رهندا هئا. انهن تجارتي تعلقات سبب ملڪن جي ٻولين توڙي تهذيب ۽ تمدن جا اثرات هڪ ٻي تي پوڻ فطري عمل هو.“

اٺين صدي عيسوي جي شروع ۾ جڏهن سنڌ تي مسلمان عربن جو راڄ ٿيو تڏهن مسلمانن جو لشڪر عراق ۽ ايران مان ٿيندو لس ٻيلي جي رستي سنڌ ۾ پهتو جنهن پاڻ سان ڪيترائي عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ پڻ آندا. ان کان علاوه ان وقت ڪيترائي عربي ۽ ايراني سوداگر سنڌ ۾ گهر ڪري اچي وينا. ساڳي صديءَ ۾ عباسي خليفن جي حڪومت وقت سنڌ جون ڪيتريون ئي قومون بغداد ۾ اينديون وينديون رهنديون هيون. ”تاريخ بغداد“ ۾ لکيل آهي تہ ”سنڌ جي هڪڙي وڏي قوم خليفي هارون رشيد وٽ جنگي ڪاتي ۾ ملازم هئي. جنهن کي ”زط“ سڏيندا هئا. اها ”زط“ قوم اها ساڳي آهي جنهن کي سنڌ ۾ ”جت“ سڏيو وڃي ٿو.“

ڊاڪٽر اياز حسين قادري پنهنجي ڪتاب ”سنڌي غزل جي اوسر“ ۾ سنڌ ۽ ايران جي قديم دور وارن لاڳاپن جو ذڪر ڪندي

لکي ٿو: ”ٻنهي ملڪن جي تاريخ جي ڄاڻن جو خيال آهي ته ايران ۽ سنڌ جا سياسي، تجارتي ۽ معاشرتي تعلقات ان دور کان گهڻو قديم آهن جڏهن آرين اچي هن ڌرتيءَ کي پنهنجو وطن بڻايو. اهڙن تعلقات جون کي شاهديون ٻنهي ملڪن جي قديم آثان جي کوٽاهيءَ مان مليون آهن.“

هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته هڪڙي مڪتبہ فڪر جي خيال مطابق عربي زبان سنڌي قوم جي مٿان مڙهي وئي هئي ۽ ان کي زبردستي سنڌي ٻولي توڙي ثقافت تي اثر انداز ڪرايو ويو. جڏهن ته ائين هرگز نہ آهي. دليل طور تاريخي حوالن سان هيٺيان چند مثال پيش ڪجن ٿا، جن مان اهو ثابت ٿي وڃي ٿو ته سنڌي زبان توڙي ثقافت تي عربي زبان مڙهي هرگز نہ وئي هئي بلڪ هتان جي غير مسلم رهواسين پڻ دل جان سان اها اختيار ڪئي هئي.

بغداد جو مشهور سيلاني اصطخري ڏهين صدي عيسوي ۾ سير ڪندو سنڌ جي معروف شهر بکر ۾ آيو هو. هو پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو: ”بکر، ملتان ۽ ان جي آس پاس عربي ۽ سنڌي ٻئي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.“

ساڳي صديءَ يعني 985 عيسوي ۾ بشاري مقدسي نالي هڪ سياح جڏهن سنڌ ۾ آيو تڏهن ديبل ۾ بہ آيو. هو پنهنجي سفر نامي ۾ لکي ٿو: ”ديبل بندر سمنڊ جي ڪناري تي آهي اتي جا رهاڪو گهڻو ڪري هندو آهن، جيڪي سڀ سوداگر آهن ۽ انهن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي.“ جنهن مان ظاهر ٿيو ته سنڌ جي ڪيترن ئي حصن ۾ خود هندو بہ عام طرح عربي ٻولي، ٻوليءَ طور ڳالهائي سگهندا هئا ۽ انهن کي عربي يا ٻين ٻولين کان ڪا بہ نفرت يا چوٽ چاٽ ڪانہ هئي.

هاڻي هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين مختلف ٻولين جي مستعمل اهڙين لفظن جو مختصر وچور ڏجي ٿو جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيءَ ريت رلي ملي ويا هڪ ٿي آهن جو ڳالهائيندڙ، ٻڌندڙ، پڙهندڙ توڙي لکندڙ کي اهو احسان بنهه ڪونه ٿو ٿئي تہ هو ڪنهن ٻي ٻوليءَ جا الفاظ ڳالهائي، ٻڌي، پڙهي توڙي لکي رهيو آهي، بلڪ ائين ٿو ڀائنجي ڳويا اهي لفظ اصل ڪان سندن ٻوليءَ جي ملڪيت آهن.

***عربي زبان مان آيل لفظ:***

قلم، ڪاغذ، حساب، ڪتاب، صفحو، ورق، جلد، حرف، لفظ، مضمون، تحرير، تقرير، علم، عمل، تعليم، مدرسو، استاد، سبق، امتحان، سوال، جواب، صحيح، غلط، عالم، جاهل، عدل، انصاف، منصف، مصنف، امانت، فيصلو، فتوىٰ، دولت، مال، امير، وزير، وزارت، وڪالت، اظهار، بيان، باب، فصل، عقل، اڪابر، حڪيم، حاڪم، طبيب، حبيب، عشق، عاشق، مجنون، مفتون، محفل، مجلس، طمع، مريض، دعا، شفا، علاج، صحت، مخالف، موافق، فنا، بقا، مرشد، مريد، غريب، غني، دين، دنيا، عاقبت، آخرت وغيره وغيره.

***فارسي زبان مان آيل لفظ:***

آواز، آزار، آزاد، گرفتار، آبرو، آئينو، آبادي، بربادي، آرام، بي آرامي، آهہ، آگاهہ، باري، شبنم، ريشم، پردو، خدا، خودي، مُردار، بندو، زنده باد، بندگي، زندگي، گندگي، دوست، دشمن، هر روز، هر سال، آمدني، روانگي، ويراني، پريشاني، صدي، هزار، گل، بلبل، باغ، بستان، چمن، گلستان، گلشن، بارش، بهار، ناز، انداز، راز، نياز، ڪاريگر، هنر، دل، جان، درد، مردانو، زنانو، آسمان، آستانو، درگاهہ، سست، چست، بيشمار، دانائُ، نادان وغيره.

***انگريزي زبان مان آيل لفظ:***

ريل، لائين، اسٽيشن، ٽڪيٽ، ٽائيم، مارڪيٽ، اسڪول، ڪاليج، پروفيسر، ڊاڪٽر، ڪورٽ، ڪيس، سمن، وارنٽ، پوسٽ آفيس، ايڊيٽر، مئنيجر، جج، ڪليڪٽر، فيس، ڊگري، بينڪ، سوسائٽي، گلاس، جگ، پليٽ، ڪوپ، ساسر، ٽاول، واچ، پيپر، بل، سوٽ، بوٽ، گئلري، لائبريري وغيره.

***هندي زبان مان آيل لفظ:***

سپنو، ساپيان، سندر، ساهت، سنسار، سماچار، درشن، وشواس، پاپي، آگم، اپاٽڪو، اجهاڳ، ادس، شنان، اڪيچار، الک، الوٽ، امر، امرت، اوجاڳو، اوسيئڙو، گيان، وگيان، اوير، برهه، بائيتال، ٻَهڳڻ، پوتار، پٽارو، تلڪ، پاند، پاهت، پريات، پرت، پرديس، پريمي، پجاري، پورب، چڪيا، پتر، ڏهاڳ، ڏهيسر، پوهر، اپاٽو، اهجاڻ، آسروند، آڙاهه، آتڻ، اٽاسي، ٻيائي، سڳن، پينگ، پاٺ، جنجال، جوڳي وغيره.

***ترڪي زبان مان آيل لفظ:***

چقمق، چاقو، قينچي، چاق، چلمچي، چغل، چمچو، چغو، قلي، اوطاق، بورچي، سوغات، بيگ، بيگم وغيره.

هندي زبان مان آيل لفظ:

ان کان علاوه جن بين ٻولين جا لفظ سنڌي زبان ۾ ملن ٿا انهن ۾ آمليٽ (فرينچ)، ڪمرو (اٽالين)، نيلام (پورچوگال) پادري (ليٽن) کان علاوه بيا ٻه ڪيترائي لفظ نظر ايندا. مطلب ته سنڌي ٻولي جو شمار انهن زنده ۽ سڌريل ٻولين ۾ ٿئي ٿو جن ٻولين بين ٻولين مان ڀرپور استفادو حاصل ڪيو آهي ۽ انهن جا لفظ پاڻ ضم ڪري پنهنجي اندر وسعت آندي آهي.

# سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيلهي لفظن جي اهميت

ٻولين جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن کان انسان عالمِ وجود ۾ آيو آهي، تڏهن کان ٻوليون پڻ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون. هونءَ تہ ٻولي اظهار جو ذريعو ئي آهي، جنهن سان هڪڙو انسان پنهنجي مخاطب کي پنهنجي مطلب ۽ مقصد جي ڳالهہ ٻڌائي ٿو. ٻولين جي ارتقا، عروج توڙي زوال جا مختلف تاريخي سبب رهيا آهن. ڪي ٻوليون قديم دورن کان قائم آهن ڇوتہ انهن ٻولين ۾ پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ جي سگهہ ۽ اهي خوبيون اُتم موجود هيون، جنهن ڪري اُهي وقت جي وهڪري ۾ وهي ڪونہ سگهيون پر ڪي قديم ٻوليون وقت گذرڻ سان پنهنجو وجود وڃائي وينيون، ڇالاءِ تہ منجهن اهي گڻ موجود ڪونہ هئا جيڪي کين وڏي وقت تائين زنده رکي سگهن. اهڙي ريت مختلف سببن جي نتيجي ۾ هڪ ملڪ يا ڪنهن علائقي ۾ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ قومن جي گڏ ٿيڻ سبب نيون ٻوليون جنم وٺنديون آهن.

سنڌي زبان جا اهڃاڻ اسان کي موهن جي دڙي واري تهذيب مان ملن ٿا، جنهن ڪري سندس عمر ڪٿڻ وقت اسين پوري اعتماد سان چئي سگهون ٿا تہ اها پنج هزار سالن کان بہ ڪافي اڳُ جي آهي. سنڌي زبان ۾ هڪ مهذب ٻوليءَ جون اُهي سموريون خوبيون موجود آهن، جيڪي ڪنهن زبان جي وجود کي صدين تائين قائم رکڻ لاءِ ضروري ليکيون وينديون آهن.

هر ڪنهن ٻوليءَ جو پنهنجو پنهنجو مزاج هوندو آهي، جيڪو ان خطي جي ماڻهن جي، تهذيب، تمدن، مذهب، رسم و

رواج ۽ اٿڻي ويهڻيءَ منجهان جڙندو آهي. ٻوليءَ جي مناس ۽ ڪرختگيءَ جو دارو مدار به ان قوم جي مزاج ۽ عادات و اطوار تي هوندو آهي. ان ڪان علاوه هر مهذب ٻوليءَ ۾ اتان جي ماحول مطابق محاورا، اصطلاح، ڪنايا، مثال، پهاڪا، تشبيهون ۽ استعارا جُڙندا آهن جن مان ڪن جو نعم البدل اڻ لڀ هوندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي اڻ ڳڻين خوبين منجهان هڪ اهم خوبي اها به آهي جيڪا ٻين ٻولين ۾ ورلي نظر ايندي. اها خوبي هن ريت آهي ته ٻوليءَ جي ڪنهن لفظ جي پويان هڪ ٻيو اهڙو بامعنىٰ لفظ ايندو آهي، جيڪو اصل لفظ جو پرجهلو ٿي ان جي معنىٰ ۽ مفهوم ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيندو آهي ۽ اهي به لفظ ملي وڏي مفهوم وارا بڻجي ويندا آهن. اهڙن لفظن جو استعمال نه رڳو سنڌي ٻوليءَ جي آسودگيءَ جو دليل آهي، بلڪ اهڙن لفظن جي استعمال مان سنڌي سماج جي مزاج، ماحول ۽ قدرن جي پڻ عڪاسي ٿئي ٿي. هيٺ اهڙن لفظن جا فقط چند مثال پيش ڪجن ٿا، جيڪي پرجهلن لفظن سان گڏجي معنىٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان منفرد حيثيت جا حامل بڻجي وڃن ٿا ۽ ڪن صورتن ۾ اهڙن لفظن جي ٻِٽي معنىٰ (ذو معنىٰ) نڪري ٿي، جيڪا پڻ ٻوليءَ جي وسعت جو دليل بڻجي پوي ٿي.

◈ **نياڻي سياڻي**: سنڌي زبان ۾ 'نياڻي' جي لفظ پنيان ٻيلهي لفظ طور عام طور سياڻي ڪم ايندو آهي. يعني چيو ويندو آهي: 'نياڻي سياڻي'. نياڻي ڪنواري هجي توڙي پرڻيل حتاڪ ٻارن جي ماءُ لاءِ به نياڻيءَ جو لفظ استعمال ٿيندو آهي ۽ هر نياڻيءَ کي سمجهو ۽ سياڻي سمجهيو ويندو آهي، جنهن مان سنڌي سماج ۾ نياڻيءَ جي عزت ۽ احترام جو پتو پوي ٿو.

◈ **ڏُڌُ پُٽُ**: سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ڏڌ' ۽ 'پُٽ' جا لفظ به گڏ گڏ استعمال ٿيندا آهن. ڏنو وڃي ته سنڌي سماج ۾ اهي ٻئي لفظ بخت

جا اهڃاڻ طور استعمال ٿيندا آهن. ’ڏُڏ‘ مان مراد حلال مال يا ڍور ڍڳا آهن. مالوندو ماڻهو سکين ستابن ۾ شمار ٿيندو آهن. اسان جي سنڌي معاشري ۾ مال کي ٻه اولاد جهڙي اهميت حاصل هوندي آهي ۽ مالوندا ماڻهو مال جي سنڀال ٻه اولاد وانگر ئي ڪندا آهن ۽ ساڻن ’پُٽ‘ ۽ ’امان‘ جي لفظن سان مخاطب ٿيندا آهن. جيئن مينهن کي ’امان‘ ۽ ڏاند کي ’پُٽُ‘ ڪري سڏيو ويندو آهي. وري جڏهن اهڙي ماڻهوءَ کي پُٽ جو اولاد ٻه هجي ته ان کي وڏو بختاور سمجهيو ويندو آهي. عام طور اسانجي ٻهراڙين ۾ حال احوال ڏيڻ وٺڻ وقت ڏُڏَ ۽ پُٽَ جي خير بابت پڻ پڇيو ويندو آهي. ڪنهن لاءِ دعا طور ٻه اُهي ٻئي لفظ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. جيئن چيو ويندو آهي ”شال! ڏڏين پُٽين جُڙيو رهين.“ يا ”ڏُڏن پُٽن جو خير“ وغيره. اهڙيءَ ريت ٻنهي لفظن جي ڳَڏ ڳَڏ استعمال مان ڪيتري قدر نه ڏاهپ ٿي ٻَکي.

◈ **ڪيرُ ڪنڌُ:** ڪير سان ٻيلهي لفظ طور ڪَنڌُ استعمال ٿيندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن ٻنهي لفظن کي ملائي انهن مان نهايت بامعنىٰ ۽ سهڻي مفهوم طور ڪتب آندو ويندو آهي. جڏهن ٻه ٽڪرايل ڌريون ڳالهين ٻولهين بعد پاڻ ۾ صلح ڪنديون آهن ته سندن انهيءَ صلح جي تمثيل ’ڪير ۽ ڪنڌُ‘ سان ڏني ويندي آهي. چيو ويندو آهي ته ”ٻيلي ڏاڍو چڱو ٿيو جو فلاڻا پاڻ ۾ ڪير ڪنڌُ ٿي ويا.“ يعني پنهنجون دشمنيون ۽ اختلاف وساري هِڪُ ٿي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ڪير ۾ ڪنڌُ ملڻ سان نه فقط ڪنڌُ پنهنجو وجود وڃائي ڪير سان ملي هڪ ٿي ويندي آهي، بلڪ ڪير جي لذت ۽ قوت ۾ ٻه اضافو اچي ويندو آهي. مٿين تمثيل مان ٻوليءَ جي وسعت ۽ با محاوره هجڻ جو ثبوت ملي ٿو.

◈ **هَڙئون وَڙئون:** اها ٻوليءَ جي وڏي خوبي شمار ٿئي ٿي جو ڪنهن ٻه لفظ جو اهڙو ٻيلهي لفظ چونڊيو وڃي جيڪو معنىٰ توڙي مفهوم جي لحاظ کان پنهنجي اندر وڏي اهميت جو حامل

هجي ۽ ڀرپور تاثر ڇڏيندو هجي. هتي هڙئون سان وڙئون جو لفظ ملي ڀرپور معنيٰ ۽ مفهوم وارو بڻجي پوي ٿو. عام طور هَڙئون جي ٻيلهي لفظ طور وَڙئون ڪم ايندو آهي. هڙئون مان مراد مالي طور ڪم اچڻ آهي، جڏهن تہ وَڙئون جو مطلب آهي: خلوص، اخلاق يا ڪردار جو مظاهرو ڪرڻ يا دلي همدردي ڪرڻ. وَڙَ جي معنيٰ اخلاق آهي. عام طور چيو ويندو آهي ”انسان هڙئون وڃي تہ بہ وڙئون نہ وڃي.“ يعني جيڪڏهن ڪو پنهنجي عزيز يا دوست ڪي مصيبت يا منجهيل وقت ۾ مالي طور ڪا مدد نہ ٿو ڪري سگهي تہ ڪم از ڪم دلي طور ساڻس همدردي ڪرڻ تہ متس واجب ٿو ٿئي. هو پنهنجي خلوص ۽ اخلاق جو اظهار ڪري ان دوست يا عزيز جو درد وَنڊي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن ڪو اهڙي اوکي وقت ۾ هڙئون توڙي وڙئون ڪم اچي ٿو تہ چڻ هو دوستيءَ يا مائٽيءَ جو حق ٿو ادا ڪري.

◈ **ڏاٽو پاٽي**: عام طور تي ڏاٽي پاٽيءَ مان مراد نصيب ورتو ويندو آهي. چيو ويندو آهي: ”سڀ ڏاٽي پاٽيءَ جي اختيار آهي“ يا ”هوندو ڏاٽو پاٽي تہ ضرور ايندا سين.“ يا وري ”ڏاٽي پاٽيءَ جي چڪ تي سو اچي نڪتا سين.“ وغيره، پر ٻين لفظن ۾ ڏاٽي پاٽيءَ مان مراد ڪاڏو پيتو آهي. يعنيٰ جتي ڪاڏو پيتو قسمت ۾ لکيل هوندو اتي ضرور ملندو. کائڻ سان گڏ پيئڻ لازم ملزوم آهي. کائڻ دوران يا پوءِ پيئڻ جي ضرورت فطري عمل آهي، تنهن ڪري ڏاٽي سان ٻيلهي لفظ پاٽي آندو ويو. جنهن مان ٻوليءَ جي وسعت ۽ جامعيت جي خبر پوي ٿي.

◈ **مڇي ماني**: ’مڇيءَ‘ سان گڏ پرجهلو ’ماني‘ جو لفظ ايندو آهي. ٻنهي لفظن جو گڏ استعمال خوشحالي جي معنيٰ ڏيندو آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي پيرن تي بيٺل هوندو آهي ۽ معاشي طور تي سندس گذرسفر سکيو ٿيندو آهي ان لاءِ چيو ويندو آهي

”ٻيلي فلاڻو مڇي مانيءَ لائق آهي“. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته مانيءَ کان اڳ هرويرو مڇيءَ جو لفظ هرويرو ڇو ڪم آندو ويو!؟ گوشت يا ڪنهن ڀاڄيءَ جو لفظ استعمال ڇونه ڪيو ويو. منهنجي خيال ۾ ان جو پس منظر ڪجهه هن ريت آهي. انساني آباديءَ جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته پراڻي دور جي انسان ڪي جڏهن سماجي ۽ معاشرتي شعور آيو ته هن پنهنجون وستيون ۽ واهڻ پاڻيءَ جي سيهي تي سمنڊن، درياهن ۽ ڍنڍن ڍورن جي ڪنارن تي اڏيا ۽ خوراڪ طور اپايل اناج سان گڏ مڇيءَ جو شڪار ڪري پنهنجو پيٽ پاليندو هو. جيئن ته مڇيءَ جو شڪار انهن لاءِ ٻين شڪارن جي پيٽ ۾ وڌيڪ سولو ۽ ويجهو هو تنهن ڪري هُن ٻين شڪارن تي مڇيءَ جي شڪار کي ئي ترجيح ڏني. ٻي طرف ڏٺو وڃي ته پاڻيءَ جي ڪنارن تي رهڻ وارن ماڻهن جي مَن پسند غذا مڇي ئي رهي آهي. ان حوالي سان دريائن جي ديس بنگلاديش جو مثال وٺي سگهجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي متين اصطلاح ۾ پنهنجي سهنجي سولي ۽ سستي غذا طور ان حوالي سان مڇيءَ جو مثال موزون نظر اچي ٿو جنهن مان سنڌي ماڻهن جي ڪنايت پسندي جو ثبوت پڻ ملي ٿو.

◈ **خون ڪٿوري:** سنڌي ٻوليءَ جو مشهور محاورو آهي ”خون ڪٿوري لڪڻ جا نه آهن.“ خون مان مراد قتل ۽ ڪٿوري جو مطلب خستوري، مشڪ يا خوشبو آهي. ڏاهن جي هن قول جو مفهوم آهي ته ڪنهن جي خون ڪي گهڻي وقت تائين لڪائي نه ٿو سگهجي يا خون ڪڏهن به رائگان نه ٿو وڃي. اهڙيءَ ريت خوشبو ڪي لڪائي يا قيد ڪري نه ٿو سگهجي بلڪ اها هر طرف ڦهلجي وڃي ٿي.

هتي خون سان ٻيلهي لفظ طور ڪٿوري ڪم آڻي وڏي دانائي جي نقطي کي بيان ڪيو ويو آهي جنهن مان پڙهندڙ خواه

ٻڌنڌڙ وڏو سبق حاصل ڪري سگهي ٿو، يعنيٰ قاتل کي اهڙي وڏي ڏوهه جي مرتڪب ٿيڻ کان اڳ نہ رڳو سوچڻ گهرجي بلڪ اها پڪ ڏيارڻ گهرجي تہ هو ڪيترو بہ رازداريءَ سان اهڙو ڪُڌو عمل ڪندو تہ بہ هڪ نہ هڪ ڏينهن سندس اهو گناهہ ضرور پڌرو ٿي پوندو ڇو تہ اهو قدرتي قانون آهي. خون بہ ڪتوريءَ وانگر پنهنجي پڌرائي ضرور ڪندو.

◈ **ڪاٽو پُٽ**: هتي لفظ ڪاٽو سان پٽ آندو ويو آهي، جنهن جي مثبت معنيٰ ٿيندي تہ پٽ کي هميشہ هڏ ڀڳو، محنتي ۽ جفاڪش هجڻ گهرجي. هو پنهنجو رزقِ حلال لوچڻ سان لهي. پاڻ بہ پالي ۽ مائٽن لاءِ بہ سُکَ جو سبب بڻجي. جيئن ڪنهن سڌريل ۽ برسرِ روزگار پٽ لاءِ چيو ويندو آهي ”ٻيلي فلاڻي جو واهہ جو ڪاٽو پٽ ساماڻو آهي.“

ساڳي وقت ڪاٽو پٽ جي منفي انداز ۾ بہ معنيٰ ورتي ويندي آهي جيئن مائٽ پنهنجن نڪمن ۽ هڏ حرام قسم جي نوجوان کي طعنيٰ طور چوندا آهن ”آيو آ وڏو ڪاٽو پٽ، ڪمائڻ کان ٻرو باقي رڳو مانيءَ تي مارو وارو ڙي وارو.“

◈ **اَنُو، لَتو ۽ اَجهو**: لفظ انو سان ٻيلهي لفظ ’لتو ۽ اَجهو‘ ايندا آهن. ٽنهي لفظن جي اهيمت تي غور ڪبو تہ ائين نظر ايندو تہ اهي ٽئي شيون انسان جي جياپي جون بنيادي ضرورتون آهن. اني مان مراد خوراڪ، لتي مان پوشاڪ ۽ اجهي مان مطلب ’مٿي ڇانون‘ يا گهر آهي. ڏنو وڃي تہ انسان دنيا ۾ سکيو گذارڻ لاءِ انهن ٽنهي شين جي پنيان سرگردان آهي. هرهڪ جي دل ۾ اها تمنا هوندي آهي تہ هو خوش خورڪ ۽ خوش پوشاڪ هجي. وٽس زندگي جي سهوليتن سان مڙين گهر هجي.

انساني زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن جو فقط ٽن لفظن ۾ اظهار ٻوليءَ جي آسودگيءَ جو دليل آهي. ٻي طرف فني نقطءِ نگاهہ

ڪان وري انهن ٽنهي لفظن جو وزن ۽ قافيو به هڪ جهڙو رکيو ويو آهي، جنهن مان پڻ ٻوليءَ جي فني پختگيءَ جو پتو پوي ٿو.

◈ **مرڻو پرڻو:** مرڻو ۽ پرڻو جا لفظ ڏک ۽ سک جي معنىٰ ڏين ٿا. سنڌي زبان ۾ لطيف سائين جي هيءَ سٽ عام چوڻي طور مشهور آهي ته ”ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.“ ڏک ۽ سک انسان جو پاڇي وانگر پيڇو ڪن ٿا. ٻئي ڪيفيتون انسان سان ائين لاڳاپيل آهن جيئن جسم سان روح. لاڪيڻي لطيف پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ مرڻي ۽ پرڻي جي ڪيفيت جو اظهار ڪهڙي نه سهڻي نموني ڪيو آهي:

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏيندين ڪيترو.

مرڻو سان ٻيلهي لفظ پرڻو نه فقط معنىٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان ڀرپور خوشيءَ جي ڪيفيت جي عڪاسي ڪري ٿو بلڪ فني لحاظ کان به مرڻو سان هم وزن ۽ هم قافيه آهي. ٻنهي لفظن جي سٽاءَ مان ٻوليءَ جي حرفت ظاهر ٿئي ٿي.

◈ **هڻ ڪڻ:** ’هڻ‘ ۽ ’ڪڻ‘ سنڌي زبان جا به عام فهم لفظ آهن. هڻ مان مراد ڪنهن کي ڏک هڻي ڪيڻ آهي ۽ ڪڻ جي معنىٰ ڪٽڻ يا مارڻ آهي. ٻنهي لفظن جو گڏيل مفهوم آهي اهڙي ضرب هڻڻ جنهن سان موت واقع ٿي پوي يا جيڪا انت جو ڪارڻ بڻجي. دراصل انهن ٻنهي لفظن جو استعمال انهيءَ خون خوار بلا يا نانگ جي قسم لاءِ چيو ويندو آهي جنهن جي متعلق مشهور آهي ته انهيءَ بلا جي ڏنگيل کي پاڻي به نصيب نه ٿيندو آهي. يعنىٰ ان بلا ’هڻ ڪڻ‘ جو ڏنگيل انسان انهيءَ جاءِ تي ئي ڦتڪي دم ڏيندو آهي. ٻين زبانن ۾ اهڙي بلا لاءِ ڪي نه ڪي نالا ضرور رکيل آهن پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جو نالو معنىٰ خواه مفهوم جي لحاظ کان ڪيترو نه ٺُز نظر اچي ٿو. جيڪو ان بَلا جي زهر جي زود اثر هجڻ

واري عمل ۽ نتيجي جي پيشِ نظر رکيو ويو آهي. يعنىٰ هڻ ۽ کڻ. ٻي طرف هڻ سان کڻ لفظ جو ساٿ ٻوليءَ جي برجستگي ۽ بامفهوم هجڻ جي دلالت ڪري ٿو.

# ادبي ٻوليءَ جا ٻه معيار
# هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون
# هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ

انسان جو ٻوليءَ سان ازلي انگ رهيو آهي ان ڪري ئي انسان کي حيوانِ ناطق سڏيو ويو. جيتوڻيڪ ٻوليءَ کي اظهار جو ذريعو تصور ڪيو وڃي ٿو پر منهنجي نظر ۾ فقط اظهار ئي ڪافي نه آهي. پنهنجي مّدعا سمجهائڻ لاءِ ته جانور، پکي پکڻ توڙي جيت جڻيا به پنهنجي آوازن ذريعي هڪ ٻي سان مخاطب ٿيندا آهن. قوتِ گويائي کان محروم انسان به اشارن ذريعي هڪ ٻي کي پنهنجو مفهوم سمجهائي سگهندا آهن. ٽريفڪ جو سپاهي به پنهنجي خاص اشارن سان سوارين کي گائيڊ ڪندو آهي پر اصل ۾ اظهار جو مؤثر ۽ عام فهم هجڻ بيحد ضروري آهي. سڌريل ٻوليءَ ۾ هڪ طرف جتي ٻوليءَ جي حرفن توڙي لفظن کي بنيادي اهميت حاصل هوندي آهي ته ٻي طرف اتي ٻوليءَ ۾ الفاظ جي مقدار سان گڏ معيار کي به نظر ۾ رکيو ويندو آهي.

ٻوليءَ جي پارکن سڌريل ٻوليءَ بابت ڪجهه معيار مقرر ڪيا آهن جن جي آڌار تي ڪنهن به ٻوليءَ کي پرکي ۽ پروڙي نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته آيا اها ٻولي ادبي ٻولين جي زمري ۾ شمار ٿئي ٿي يا نه؟ اهڙن معيارن مان هتي فقط ٻن معيارن جو ذڪر ڪجي ٿو، جيڪي جيڪڏهن ڪنهن به ٻوليءَ ۾ نظر اچن ته پڪ ڄاڻجي ته اها ٻولي ادبي آهي ۽ باقي ادبي خوبين سان پڻ ضرور مالا مال هوندي. اهڙي ٻوليءَ جو شمار دنيا جي سڌريل ٻولين ۾ ٿيندو. اهي ٻه معيار هيٺيان آهن.

1. ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ هوندا آهن جن جون هڪ ئي وقت گهڻيون معنائون نڪرنديون آهن.

2. اهڙي ٻوليءَ ۾ هڪ معنیٰ يا مفهوم لاءِ گهڻا الفاظ موجود هوندا آهن.

هڪ لفظ جي گهڻين معنائن مان مراد اها آهي ته ڪنهن لفظ هي اعرابن متائڻ ڪانسواءِ لفظ جي صحت به ساڳي رهي، سندس تلفظ يا اُچار ۾ به معنائن متجڻ باوجود ذري جيترو به فرق نه اچي ۽ هڪ ئي وقت ان جون ڪيتريون ئي معنائون نڪري اچن، جن مان هر هڪ معنیٰ پنهنجي اندر پورو پورو مفهوم، مقصد ۽ وزن رکندي هجي.

اهڙيءَ ريت هڪ معنیٰ لاءِ گهڻن لفظن مان مطلب اهو آهي ته ڪنهن به شيءِ، جانور يا جنس جي لاءِ هڪ ئي وقت ايترا لفظ ٻوليءَ ۾ موجود هجن، جن مان جڏهن ڪوبه هڪ لفظ ورتو وڃي ته ٻولي سمجهندڙ يا هم زبان ان شيءِ جي اصليت يا تونڙ تائين پهچي وڃي ۽ سولائيءَ سان سمجهي سگهي ته ڇا جي متعلق ذڪر ڪيو پيو وڃي.

جڏهن اسان مذڪوره ٻنهي معيارن تي سنڌي زبان کي پرکيون ٿا ته ان ۾ اسان کي اهي ٻئي خوبيون اتم درجي تي نظر اچن ٿيون ۽ ان جا ڪيترائي عمده مثال ملن ٿا. هتي سنڌي ٻوليءَ مان ٻنهي معيارن جا فقط چند مثال پيش ڪجن ٿا جن مان سنڌي زبان جي ادبي ۽ سڌريل هجڻ جا پڪا پختا ۽ واضح ثبوت ملن ٿا.

***هڪ لفظ جي گهڻين معنائن جا مثال:***

◈ **آب:** پاڻي ـ جل.

☆ لُڙ، لهرون، لس، ليٿ، جتي انت نه آب جو.

☆ جوهر يـــا تيزائي.

☆ تلوار آبدار يا جوهردار.

(اهڙي تلوار جنهن کي وچ جو پاٽي ڏنل هجي.)

✯ چلڪو، چمڪو، تجلو.

✯ ديدَ، شرم، حياءُ.

مثال: هن جي اکين مان آب ئي نڪري ويو آهي.

✯ نيرُ يا اکين جو پاڻي، اکين ۾ ڳوڙها اچڻ.

✯ آٽيو آب اکين ۾، ڏيهہَ کي ڏيکارين.

◈ **آفـــت:** مصيبت، بــلا.

✯ حادثو، ظلم.

✯ ڏُڪر، قحط.

✯ چالاڪ، ذهين يا شرير.

استعمال: مڙس تہ ڪو آفت لڳو پيو آ.

◈ **آبـــادي:** وسنديءَ واري جاءِ يا بستي.

✯ پوک.

✯ آدمشماري.

✯ آبادي ڪرڻ، سوپ کٽڻ، ڪاميابي حاصل ڪرڻ.

✯ آبادي نہ ڪرڻ، ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهڻ.

✯ استعمال: تون وري ڪهڙي آبادي ڪندين!

◈ **استاد:** رهبر، معلم، سيکاريندڙ.

✯ سياڻو، چالاڪ.

✯ هر فن مولا، هوشيار.

استعمال: سائين! هو تہ وڏو استاد ماڻهو آ.

◈ **پـــلـــي:** مٽرن جي وَل، چڻن جي وَل.

✯ اَنَ رکڻ لاءِ ٺوئن مان نهيل ڳُندي.

✯ ڪاري جي ميجيءَ جو هڪ قسم.

✯ ڪجيءَ جي ڦرهي جي پُڇڙي.

✯ روڪي يا جهلي.

☆ ذات جو نالو ۽ سنڌ جي تعلقي ساماري ۾
ديهه جو نالو

☆ ٻلي نپجي جوان ٿي يا پالي ويئي.

◈ **ڇُـــڪَ**: غلطي، خطا، ڀُل.

☆ چيلهه جي سور جي بيماري.

☆ چيلهه جي رڳ جو چڙهي پوڻ.

◈ **ڪَـــلَ**: خبر، سُڌِ، ڏسُ پتو، پروڙ.

☆ راز، ڳجهه.

☆ ٻاڦ تي هلندڙ اوزار، پرزو.

☆ هنر يا ڏانءُ.

☆ ڪاپار، مٿو، کوپڙي.

☆ برسات جي پاڻي جمع ٿيڻ لاءِ قدرتي ڪڏ.

☆ ڪَلَ ٽٽڻ يعني مغز خراب ٿيڻ.

استعمال: هن مسڪين جي ڪا ڪَل ٽٽي وئي آهي.

◈ **ڪـــاڻِ**: گهٽتائي، ڪمي.

☆ خطا، عيب.

☆ محتاجي، پرواهه.

☆ تارازيءَ واري ڪاڻ.

☆ واسطي لاءِ، جي ڪري.

استعمال: ڪاڻ ڪني جي ڪـاڻ، تا ڪاٽون ڪيون ڪن جون،
نہ تہ ڪير ڪاڻ، ڪير اسين، ڪير ڪيڏي هوند ڪـاڻ،
اسين پاڻ اُتامرا، ڪـيون نـہ ڪنهنجي ڪـاڻ،
هڪ سُرهي ساجن ڪاڻ، تا ڪاٽون ڪيون ڪـن جون.
(حمل فقير)

◈ **رتُ**: خون، لهو.

☆ نسل، اولاد.

☆ سگهه، طاقت، زرو، ٿولهه.
☆ سونهن، مُنهَن جي رونق، لالائي.
☆ غصي ۾ ورتل، بيزار.
استعمال: هينئر تہ ويچاري جي منهن ۾
رت ئي ڪانہ رهي آهي.

◈ **سِـــٽ**: رٿ يا تجويز.
☆ اٽڪل.
☆ ڪتاب جي سِٽ.

◈ **لنـگهـــي**: ذات جو نالو، لنگهو (مگڻهار) جو مؤنث.
☆ گذري
☆ ٻي نڪي، ٻي ديدي، ٻي لڄي.
☆ پاڻيءَ جي هڪ پکيءَ جو قسم.

◈ **مَـــڪِ**: اڏامندڙ جيت جو قسم (عام مَڪِ).
☆ ماڪيءَ جي مک.
☆ بندوق جي ناليءَ تي لڳل ڪِلي.
☆ ڪا سٽيي شيءِ مکڻ لاءِ چوڻ (اَمُر).
استعمال: بدن تي ٿورو تيل مَک
☆ مکن جو ميڙُ.
استعمال: اڄ تہ ڏاڍي مک ٿي آهي.

◈ **مـوڙو**: شاديءَ ڪانپوءِ ڪنوار کي ملندڙ مُنهن ڏيکائي.
☆ ٻڍَ، ڳنڙي، ٻيرِي.
☆ ڪانئن مان نهيل موڙو.
☆ ڍڳيءَ جو نيڙو اوهہ.

◈ **نــارِ**: ٻاهہ، مچُ، آڙاهہ.
☆ عورت، مائي، زال.
☆ پاڻيءَ جي نارِ.

☆ زمين اندر پاڻيءَ جو وهڪرو، ڪاري.
☆ ڪوهه اندر پاڻيءَ جو سيمو.
☆ نبض يا رڳَ.
☆ ڪورين جو ڪپڙي اُڻڻ لاءِ ڪاٺ جو اوزار.
☆ تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

◈ **نـــرو:** بدن جي عضوي جو هڪ حصو.
☆ ٻڪريءَ جون اڳيون ٽنگون ڪٽي ٻيهڻ واري حالت.
☆ ڳاٽ.

◈ **نهـــائين:** ڪنير جي ٿانورن جون ڪورو، ٻني يا آوي.
☆ بدن جو هڪ عضوو.

آويءَ واري معنيٰ ۾ لطيف سائين جو هڪ بيت:

نهائينءَ ڪان نينهن، سڪ منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻـــاهر ٻاڦ نہ نڪري.

◈ **وَٽِ:** ڏيئي جي وَٽِ.
☆ ڪپڙي تي لڳل وٽ ـ رئي جي وٽ، پٽي يا ڪناري.
☆ ڪنڌي، ڪنارو.
☆ پرسان، لڳ، ڳَڏ.
☆ ڪنهن شيءِ جي وٽڻ جو امرُ.
استعمال: ڏيئي وٽ، وٽ، ويهي وٽ.
☆ ڪنهن جو وڪيل ٿيڻ يا حمايت ڪرڻ.
استعمال: نبي بخش، سياڳي خان جي وٽ ونيو بيٺو آهي.

◈ **وَرُ:** مڙس، ڪانڌ، گهر وارو.
☆ وراڪو، ڏنگ، ڦڏُ موڙ (امر).
استعمال: وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڌو ڪيو.
☆ پيچ، مروڙ، جهڪُ.
☆ ولو، چڪر.

☆ وارن جو ڪاڪُل.
☆ دلبو، ڊوهه، ٺڳي.
☆ شلوار جو ورُ، گهنج.
☆ ٺٽي ضلعي جي هڪ ڳوٺ جو نالو.
☆ چڱو، سنو، بهتر.
استعمال: ورُ سا سجي ويڙهَ، جتي سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڳو ئي قير، جتي ڪوڙ ڪماڙوئي. **(شاهه ڪريم)**

◈ **وائـــي:** سنڌن جو سور، باديءَ جو وڏڻ.
☆ هيرَ، **خصلت**، روَش.
☆ ڳالهه، پهاڪو، چوٽي، سخن.
☆ شاعريءَ جي هڪ صنف.
☆ تقرير، چوپچو، چؤٻول.
☆ آواز، ٻولي، پچار.
استعمال: ادا! وائي نہ سٽائي ڪر.

◈ **آرســـي:** آئينو.
☆ سست، ٿوٽي.
☆ ڪم چور.

◈ **چـــال:** هلت چلت، رسم و رواج.
☆ اٽڪل، چالبازي، حرفت.
☆ رفتار، ڊار.

### هڪ معنیٰ لاءِ گهڻن لفظن جا مثال

هيٺ هڪ معنیٰ ۽ مطلب لاءِ گهڻن لفظن جا فقط چند مثال پيش ڪجن ٿا.

**✱ اُٺ:** اُٺُ هڪ اهڙو جانور آهي، جنهن لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪيترائي لفظ موجود آهن جيڪي سندس جنس، عمر، نسل يا ڪمَ جي حوالي سان ڏار ڏار آهن.

لطيف سرڪار پنهنجي رسالي ۾ اُٺَ لاءِ ڪيترائي لفظ استعمال ڪيا آهن جن ۾ ڪرهو، ليڙو، ميو، چانگو، توڏو، شتر، بوتو وغيره اچي وڃن ٿا. جن مان ڪن جا مثال پيش ڪجن ٿا.

- ✦ الله ڪارڻ اونيا، ڪرها مَ ڪاهيو.
- ✦ الله ڪارڻ اونيا، ليڙا نيو مَ لُرَ.
- ✦ هڪ ميو پيو مينڊرو، سڄي رات ساريام.
- ✦ آءُ مسافر مينڊرا، چانگي تي چڙهي.
- ✦ اڳي اُٺَ رڙن، مون پيري ماٺِ ٿـــي.

جنس جي لحاظ کان بہ مذڪر ۽ مونث لاءِ اُٺَ جا الڳ الڳ نالا اُٺُ ۽ ڏاچي آهن. جڏهن تہ سندس عمر ۽ جنس جي نسبت سان ننڍي ٻچي کي توڏو / توڏي يا گورو / گوري چئبو آهي. اهڙي طرح اُٺ جي استعمال جي خيال کان بہ سندس جُدا جُدا نالا رکيل آهن. جيڪو اُٺُ بار کڻڻ جي ڪم ايندو آهي تنهن کي 'لاڏو' ۽ سواريءَ لاءِ ڪم ايندڙ اُٺ کي 'مهري' سڏيو ويندو آهي.

**✱ نانگ:** نانگ هڪ اهڙو زهريلو ۽ موت مار جيت آهي، جيڪو انسان جو ازلي دشمن آهي. چيو وڃي ٿو تہ دنيا ۾ نانگن جا ٽيهہ هزارن کان وڌيڪ قسم آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ سندن، قد بت، رنگ، نسل ۽ اثر جي لحاظ کان الڳ الڳ نالا ملن ٿا، جن مان ڪي هن ريت آهن:

ڪاريهر، ڪپُرُ، گدو، لُنڊي، وسينگ، ٻہ مُنهين، اريڙ، ازده، گهوڙيل، ڊمڻ، پدم، سُرنگهہ، ڪُنيارو، پاٽيءَ واتڙو وغيره. ان کان علاوه اسان جي ٻهراڙين ۾ نانگ جي لاءِ پيئڻ بلا، سُرٽو، ڪکُ ۽ سَپ جا لفظ بہ استعمال ڪيا ويندا آهن. نانگ جي مذڪوره نالن مان ڪوبہ نالو کڻبو تہ ٻُڌندڙ جو ڌيان هڪ دم نانگ طرف ئي

چڪجي ويندو. لوڪ ادب جي سخنورن وري نانگ لاءِ اليهر، تليهر، بشيهر، سسيهر، وسيهر، راجل، ڦُن، اجگر، پونگُ، اُرگُ، پين ۽ ڪنئيرو جا لفظ به استعمال ڪيا آهن.

* **شينهن**: جهنگلي جانورن ۾ شينهن جو شمار نهايت هيبت ناڪ ۽ طاقتور جانورن ۾ ٿيندو آهي، جنهن ڪري کيس ’جهنگل جو بادشاهه‘ به ڪري سڏيو ويندو آهي. عام چوڻي آهي ته ’به شينهن هڪ ٻيلي ۾ ڪونه رهي سگهندا آهن.‘ خبر ناهي ته اها چوڻي وجود ۾ ڪيئن آئي. جڏهن ته شينهن هميشه گڏجي هڪ ئي ٻيلي ۾ رهندا آهن. بهرحال ان جو ڪو پسمنظر ته سگهي ٿو.

سنڌي زبان ۾ شينهن جي جنس، رنگ ۽ نسل مطابق مختلف نالا ملن ٿا جن ۾ ببر شير، چيتو، ڪيهر، ڪنير، ڪارڏو، ڪيسر، سُنگهه، مزار، ڪينٺل وغيره اچي وڃن ٿا. جڏهن ته عربي زبان ۾ شينهن کي ليس، اسد ۽ ضرار جي نالن سان سڏيو ويندو آهي ۽ اُهي نالا پڻ سنڌي زبان ۾ عام طور استعمال ڪيا ويندا آهن.

* **ٻڪري**: ترتيب جي لحاظ کان شينهن کان پوءِ ٻڪريءَ جو ذڪر ان ڪري به آندو ويو آهي جو شينهن ۽ ٻڪريءَ جو پاڻ ۾ تاريخي تعلق رهيو آهي. هڪ طرف ٻڪري، شينهن جي من پسند غذا ليکي ويندي آهي ته ٻئي طرف وري امن امان واري دور جي تمثيل انهن ٻنهي جانورن جي هڪ هنڌ گڏُ رهڻ سان ڏني ويندي آهي. چيو ويندو آهي: ’اهو اهڙو ته دور هو جو شينهن ٻڪري گڏ پئي چريا.‘ جيتوڻيڪ شينهن چَرندو نه آهي پر محاوري طور ائين چيو ويندو آهي. جنهن جو مطلب آهي ته شينهن ۽ ٻڪري گڏُ ٻينا رهن. مٿين محاوري کان علاوه هڪ ٻي چوڻي به مشهور آهي ته ’شينهن ۽ ٻڪري هڪ ئي گهاٽ تان پاڻي پيا پيئن.‘ هي محاورو وڏيڪ وزنائتو آهي.

ٻَڪري هڪ ٿاهو ۽ ڊڄڻو جانور آهي، ان ڪري ئي ڪنهن ڪمزور دل ماڻهوءَ جو مثال ٻڪريءَ جي دل سان ڏنو ويندو آهي.

چئبو آهي: ’هو تہ وڏو ڪو بزدل آهي.‘ فارسيءَ ۾ ٻڪريءَ کي ’بُز‘ سڏيو ويندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻڪريءَ لاءِ جيڪي نالا استعمال ٿيندا آهن انهن ۾ ڪاموري، ڪُري، ڪمري، چانهين، ڪَتي، ٻوري، ريڍي، ماڙي ۽ ٻُتي وغيره اچي وڃن ٿا.

* **مڇي**: مڇي انساني جيئاپي لاءِ غذا جي ضرورت آهي. غذا جي اسمن ۾ مڇيءَ کي خاص اهمت حاصل آهي. جنهن ۾ قدرت انساني جسم جي طاقت ۽ قوت لاءِ بهترين ڪئلريز رکنيون آهن. مڇي درياهن، واهن، سمندن، هترادو تلائن کان علاوه عام کڏن، کُڻ مان بہ حاصل ٿئي ٿي. هر هڪ مڇيءَ جو پنهنجو پنهنجو ذائقو هوندو آهي. درياهہ جي مڇي لذت ۾ سيني کان وڌيڪ ليکي ويندي آهي جنهن ۾ پَلي ۽ ڪرڙي يا ڏنيري جو جواب ناهي. سمند جي مڇيءَ ۾ وڏ ۾ وڏ لذت واري مڇي پاپليٽ، ڳانگٽ يا جهينگو هوندي آهي، جنهن جو اگهہ ٻين مڇين جي مقابلي ۾ گهڻو وڌيڪ هوندو آهي.

مڇين جا هونءَ تہ بيشمار قسم ۽ نالا آهن پر خصوصاً سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي نالا ملن ٿا تن مان ڪجهہ هن ريت آهن: پلو، ڪرڙو يا ڏنيرو، پاپليٽ، ڳانگٽ، سينگاري، شاڪر، موراڪي، ٿيلهي، جرڪي يا پوئڪي، مُڪُرُ، ڳوج، موڳي، ڳنڊڻ، موري، مَڪَ، سهٽي، ڏاهي، ٽپري، رڙو، وونچي، درو يا درڙو، پوپري، سرهل، ڪڳو وغيره.

* **مينهن**: مينهن جو اسان جي سماجي زندگيءَ سان گهرو تعلق آهي. اسان جي ٻهراڙين توڙي شهرن جي معيشت ۾ مينهن جو وڏو عمل دخل آهي. ماهيو مالُ رکندڙ ماڻهوءَ کي وڏو ڀاڳوند تصور ڪيو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن ڀاڳ ڀري جانور لاءِ ڪيئي نالا ملن ٿا، جيڪي سندس رنگ، قد بت ۽ خاصيتن مطابق رکيا ويا آهن، جن مان ڪجهہ نالا هن ريت آهن:

ڪُنڍي، ڪونج، ڀوري، ڪانگهاري، حور، چال.

✱ **فقير:** جانورن ۽ ٻين ساهوارن جي چند مثالن کان پوءِ انسانن توڙي انهن تي گذرندڙ خاص ڪيفيتن متعلق ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا.


سنڌي زبان ۾ فقير جي مثال لاءِ ڪيترائي مثال موجود آهن، جيڪي فقير جي خاصيتن، ڪرت، لباس توڙي ماڳ مڪان جي حوالي سان استعمال ۾ اچن ٿا. جهڙي طرح جوڳي، سامي، ڪاپڙي، گيڙو رتا گودڙيا، ڪابولي، آديسي، آڌوتي، ملنگ، پوربي، لاهوتي، جبروتي، نانگا، سنت ۽ ساڌو وغيره وغيره. انهن نالن ۽ وصفن وارن فقيرن مان اڪثر جو ذڪر لطيف سائين پنهنجي رسالي ۾ ڪيو آهي، جنهن جا چند مثال پيش ڪجن ٿا:

✦ پارا پُڇي آءُ، خبر ڪاهوڙين جي. (سُر ڪاهوڙي)
✦ چڏي سڀ لباس، لوچي لاهوتي ٿيا. ( سُر ڪاهوڙي)
✦ قدم ڪاپڙين جا، لڳا ۾ لاهوت. (سُر رامڪلي)
✦ واجھ ويراڳين جا، مون وٽ وڏو مالُ. (سُر رامڪلي)
✦ نانگا ناني هليا، سامي سيبئي. (سُر رامڪلي)
✦ گولا جي گراهه جا، جونا سي جوڳي. (سُر رامڪلي)
✦ مونا طورسينا، سندا سنياسين. (سُر رامڪلي)
✦ الف آديسين، چونڊي رکيو چت ۾. (سُر رامڪلي)

✱ **بخار:** بخار انسان جي اگهائيءَ جي ڪيفيت جي علامت آهي. بخار لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف لفظ ملن ٿا، جيڪي بخار جي شدت، ڪيفيت ۽ وقت جي لحاظ کان استعمال ڪيا وڃن ٿا. جهڙوڪ تَپُ، ٻرو، ڪٽس، ڪوسا، وارو، ٻيهڙ، ٽيهڙ وغيره وغيره.

اهڙي طرح سج لاءِ شمس، آفتاب، سورج، خورشيد، ۽ چنڊ لاءِ بدر، ماهتاب، قمر، ماهه، هلال، چندر ۽ پونم وغيره جا لفظ ملن ٿا.

بهرحال جيڪڏهن ڌس ۾ باقاعده ويهي کوجنا ڪجي ته سنڌي زبان ۾ اهڙا هڪ معنىٰ لاءِ گهڻا لفظ جهجهي تعداد ۾ نڪري نروار ٿيندا.


سنڌي ٻوليءَ
جا ٻهاڪا

# سنڌي ٻوليءَ جا ڪجھ منفرد ۽ غير معمولي پهاڪا

پهاڪا ڪنهن به سڌريل ۽ ادبي ٻوليءَ جي سونهن ليکجن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي پهاڪن متعلق ڪجھ لکڻ کان اڳ بهتر ٿيندو ته لفظ پهاڪو جي معنىٰ ۽ مفهوم بابت ڪجھ ويچار ونڊجن.

مرليڌر جيٽلي پهاڪي جي لفظي ۽ معنوي چند ڇاڻ ڪندي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا' ۾ لکي ٿو "سنڌي ۾ هڪ مصدر آهي 'پهڻ'. ان جون مکيه معنائون آهن خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح ونڻ يا ڏيڻ، ملڻ، سرچڻ، نبرڻ. لطيف سائين جي سٽ آهي ته "پتنگن پهه ڪيو، مڙيا مٿي مچ".

پهاڪو لفظ جي اکري معنىٰ آهي اهو نڪتو يا گفتو، جنهن ۾ ڪو اونهو خيال يا ويچار سمايل هجي. عام ماڻهن جي روزاني جيوت ۾ اهو گفتو، صلاح يا هدايت طور ڪتب آندو وڃي ٿو، جن مان ٻين کي اڪثر صحيح واٽ تي هلڻ جو اشارو ملي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پنهنجي ڪتاب 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ پهاڪي جي لفظي معنىٰ نصيحت آميز چوٽي يا ضرب المثل لکي آهي. شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ 'سنڌي لغات قديمي' ۾ پهاڪو لفظ جي معنىٰ واٽ، رستو ۽ پَهُ ڏني آهي. اهڙي ريت مغرب جي ڪن معروف اديبن پهاڪي جو مطلب ۽ مفهوم ڪجھ هن طرح بيان ڪيو آهي.

فرانسز بئڪن چيو "ڪنهن به قوم جي اعلىٰ درجي جي انوکي سمجھ، چترائي ۽ آتما جي سڃاڻپ انهن جي پهاڪن مان ٿئي ٿي.

پهاڪا ٻوليءَ جا اهي هٿيار آهن، جيڪي وهنوار ۾ ڪمن ڪارن جي ڳنڍين کي ڪاٽي اندر گهري تا وڃن.“

ڊان ڪئيزات جي لفظن ۾ ”پهاڪا اهي ننڍڙا جملا آهن، جيڪي گهٽي آزمودي ۽ تجربي مان نڪتا آهن.“ مشهور ڏاهي ارسطو جو پهاڪي متعلق خيال آهي: ”پهاڪا اهڙا آڳاٽا بچيل جزا آهن، جيڪي پنهنجي ننڍڙي روپ ۾ صحيح معنیٰ سببان قديم فلاسافي جي کنڊر مان، سالم صورت ۾ ڪوٺي هٿ ڪيا ويا آهن.“

انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا ۾ پهاڪي جي تشريح هن ريت ڪئي وئي آهي ”پهاڪو هڪ اهڙو ننڍڙو گفتو آهي، جيڪو ڳالهه ٻولهه ۾ مروج آهي ۽ عوام ۾ تسليم ٿيل آهي. پهاڪي ۾ گهڻو ڪري ڪا ڳجهي پيٽ يا تجنيس حرفي هوندي آهي. منجهس اهڙي ڪنهن سچائيءَ جو اظهار هوندو آهي، جنهن جي تصديق يا پرک، تجربي يا جاچ جوچ وسيلي ڪيل هوندي آهي.“

سنڌي زبان جو شمار دنيا جي مهذب ۽ سٽريل ٻولين ۾ ٿئي ٿو. مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ٻولي پهاڪن جي دولت سان مالا مال آهي. هتي سمورا پهاڪا ڏيڻ مقصد ناهي بلڪ هتي فقط ڪجهه اهڙا غير معمولي ۽ منفرد پهاڪا قلم بند ڪيا ويا آهن، جيڪي پنهنجي معنیٰ توڙي مفهوم جي لحاظ کان منفرد ۽ غير معمولي آهن، پر اهي ٻوليءَ ۾ عام طور استعمال نه ٿا ٿين يا تمام گهٽ استعمال ٿين ٿا. مقالي لکڻ جو خاص مقصد اهو آهي سنڌي قلم ڌڻين جو ان طرف ڌيان ڇڪائجي ته اهي پنهنجي تحريرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي انهن منفرد ۽ غير معمولي پهاڪن کي ڪم آڻين ته جيئن ٻولي جي گلستان ۾ انهن گلن جي سڳنڌ کي شامل ڪري ڪيس وڌيڪ خوبصورت ۽ معياري بڻائي سگهجي.

- **انڌن جي وهاڻ منڊا نچن، ٽُنڊا پائن ڦيريون.**

انڊن جو وهاڻ، مَنڊن جو نچڻ ۽ ٺُنڊن جون ڦيريون پائڻ، اهي سڀ ڳالهيون اڻ ٿهندڙ آهن.

● **اٽائي ٻه وئي، ٽُٽائي ٻه وئي، وري ڪپهه جي ڪَپهه.**

هن پهاڪي جي معنىٰ آهي، پنهنجي غفلت سبب پاڻ کي ئي نقصان ۾ وجهڻ.

هن پهاڪي جو پس منظر هن ريت ٻڌايو وڃي ٿو: هڪ آفيميءَ کي واٽ ويندي ڪا پنڪي اچي وئي ته رستي جي وَٽِ ۾ ئي ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو. هڪ شرير واٽهڙو سندس مٿي تان پڳڙي لاهي، ڪپهه جي ڪوٽي ڪٽي رکي، ڪجهه ويرم بعد جڏهن مواليءَ جي پنڪي پوري ٿي ته مٿي تي پڳڙيءَ بدران پوٽي ڏسي حيران ٿي ويو. چيائين: ”مار ڪپهه ڪتجي سُٽ ٿيو ۽ سُٽُ اُڃي ڪپڙو ٿيو. سڀ پورهيو ويو وري ڪپهه جي ڪپهه ٿي پئي.“

● **اڳي ٻه اَنُ هو، پوءِ ٻه ٿيو اَنُ، ڪانو ويو وچئون ئي نڪري.**

انسان خاڪ آهي ۽ آخر خاڪ ۾ ويندو. دنيا جا ڏنڊا اتي ئي رهجي ويندا.

ٻج پوکڻ کان اڳ ٻه اَنُ آهي ۽ زمين ۾ پئي پچي، لڻجي، ڳاهجي ۽ وائرجي ٻه اَنُ ئي رهي ٿو، باقي ڪانا توڙي سلا سڀ ختم ٿي وڃن ٿا.

● **اڌارو ڏجي تنهن کي جنهن کان گهرجي نه.**

● **اڌارو ونجي تنهن کان جيڪو گهري نه.**

يعني اوڌر اهڙي ڌائي کان ونجي، جيڪو ڏئي پوءِ مٿو نه پٽي وجي، پر ڪيس وقت سر واپس ڪجي. وري اهڙي سُپتي کي ڏجي، جيڪو گهرڻ جي نوبت تائين نه پهچائي.

● **اگهه ڳنيو ڪائجي، وَٽ ڪٽيو نه ڪائجي.**

معنىٰ: تور ۾ بي ايماني نه ڪرڻ گهرجي، اگهه جو ڪٽيو ڪي قدر ڪائي سگهجي ٿو.

● **اُپ ڦاٽي ڪي ٻه ڪڏهن اگڙي پوي!**

معنیٰ: ناقابلِ تلافي غلطي جي تلافي تي نه ٿي سگهي.

● **توڙي وڃي روم ته ڊوڙي مٿان ٿوم!**

معنیٰ جيڪي نصيب ۾ هوندو اهو ئي حاصل ٿيندو پل ڪٽي ڪيترا ٻه جتن ڪجن.

● **تِنهنجي مرڻ جو ارمان ڪجي،**
**جنهن جي جيئڻ مان فائدو هجي.**

معنیٰ: نيڪيءَ وارا عمل ئي انسان کي فائدو رسائن ٿا. اهو مرڻ ڪانپوءِ ٻه ياد ٿو اچي.

● **ٿورو ڏسي اُرهو نه ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نه ٿجي.**

معنیٰ: هر حال ۾ راضي رهڻ گهرجي.

● **پاڻي پي نه ذات پڇجي.**

معنیٰ: هميشه اڳ ويچار ڪرڻ گهرجي. ڪئي ڪانپوءِ پڇڻ يا پڇتائڻ مان ڇا حاصل؟

● **پَتِ، ٺُنهن تي پاڻيءَ مثل آهي.**

معنیٰ: انسان کي پنهنجو اعتبار برقرار رکڻ گهرجي پاڻيءَ جو ڦڙو ننهن تي ٽِڪي نه بيهندو آهي تنهن ڪري پَتِ جو ڪم نازڪ آهي. هڪ ڀيرو اعتبار ڀڳو ته انسان هميشه لاءِ بي پَتيو بڻجي ويندو آهي.

● **پريو مڙس پَي نه ڪجي، وڃائجي نه وهي.**

معنیٰ: رشتا هميشه عمر جي تناسب سان سونهندا آهن. پوڙهي مرد کي ننڍي نيٽي زال نه ٿي سونهي.

● **پو ڊائي ڪان قرض نه ڪڍجي توڙي لک لُٽائي.**

معنیٰ: ڪميني يا نئين ڊاول جو ٿورو هرگز نه ڪڍجي. ڇو ته اهو ٿورو ڪري مٿو پٽي ويندو.

● **پٽ تي گذار ته سگهو ئي پيءُ ٿيندين.**

معنیٰ: ننڍين وانگر هيناهين، نوڙت ۽ ادب سان گذار ته ترت وڏن وارو مانُ پائيندين.

● **جنهنجي واٽ نه وڃجي، تنهنجو پنڌ به نه پڇجي.**

معنیٰ: جنهن ڳالهه سان واسطو نه هجي ان لاءِ اجائي پڇ پڇ نه ڪجي.

● **چپ جي ترڪڻ کان پير جو ترڪڻ چڱو آهي.**

معنیٰ: هميشه سوچي سمجهي زبان جو استعمال ڪجي.

● **درياهه ڀرِ تي چوڪرُ ڪُڏي اڄ نه ڀڏي سيان ڀڏي.**

معنیٰ: خطري واري جاءِ کان پاڻ بچائڻ گهرجي نه ڪڏهن ضرور نقصان پهچندو.

● **دل ڪاريءَ کان مُنهن ڪارو چڱو آهي.**

معنیٰ: دل ۾ ڪوٽ ۽ ٻيائي رکي ظاهر ۾ پاڻ کي چڱو چوائڻ کان ڪار منهائي چڱي آهي.

● **سِرُ ڏجي پر سُر نه ڏجي.**

معنیٰ: ٻي کي پنهنجو راز نه ڏجي جو راز امانت هوندو آهي ان جي پيٽ ۾ وڏي کان وڏو نقصان ڪٽڻ لاءِ تيار رهجي.

● **سچن پٽيان وڍيا، وڍين پٽيان سچا.**

معنیٰ: ڪڏهن نيڪوڪار ماڻهن جو اولاد به ڪري پوندو آهي ته ڪڏهن بدڪار ماڻهن جو اولاد سڌريل نڪري پوندو آهي.

● **عقل ريءَ عذاب، گهٽا سهنديڻ جندڙي.**

معنیٰ: جيڪو انسان عقل استعمال نه ڪندو ته ان کي هر قدم تي مشڪلاتون درپيش ايندیون.

● **قرض ڪوڙهه جو ٽڪو آهي.**

معنیٰ: ڪوڙهه هڪڙو بڇڙو مرض آهي جيڪو ماڻهوءَ جي جسم کي داغدار بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ هو عذاب ۾ مبتلا ٿي پوندو آهي. قرض پڻ اهڙو ئي بڇڙو مرض آهي.

● **ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن پاڪر ۾.**

معنيٰ: حالتون هميشه هڪ جهڙيون ڪونه رهنديون آهن. ڪڏهن گهٽو هوندو آهي ته ڪڏهن گهڻ.

● **ڪک هيٺان لک پيو آهي.**

معنيٰ: ڪنهن کي ڪمتر يا گهٽ تصور ڪونه ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ هر انسان کي مختلف گڻن سان نوازيو آهي بقول شاعر:

خالي سڪٽا ڪوئي نهين، سب ڪي اندر لعل.

● **ڪک جو چور سو لک جو چور.**

معنيٰ: جنهن اڄ ڪک جي چوري ڪئي سو سڀاڻي لک جي به ڪري سگهي ٿو، ننڍي چوريءَ مان ئي عادتون خراب ٿينديون آهن ۽ اهو وڏو چور بڻجي ويندو آهي تنهن ڪري چيو ويندو آهي ته چوري ڪک جي به خراب.

● **ڪوسو پاڻي ڪک نه ساڙي.**

معنيٰ: پاڻ کي ڪجهه نه سمجهڻ وارا وڏي فائدي ۾ هوندا آهن. هن چوڻيءَ ۾ هيٺاهين سان هلڻ جي تلقين ڪيل آهي.

● **ڪاڏي ڪوري ڪاڏي ترار.**

معنيٰ: ڪمزور ۽ امن پسند ماڻهو مهاڏو ڪونه اٽڪائيندو آهي. اسان وٽ ڪن مخصوص ذاتين لاءِ اها چوڻي استعمال ۾ ايندي آهي. اهڙين ذاتين ۾ ڪوري سرِفهرست آهن.

● **ڪٿيو ڪاهي مڙس جو، چئي جيئي اَبو.**

معنيٰ: بي شڪري ۽ ڪم ظرف ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي جنهن جو مثال اهڙي زال سان ڏنو ويو آهي جيڪا ڪائي پيئي ۽ پهري چوڙي ته مڙس جي ڪمائي مان پر پڏائي ويني پيءُ کي. بي شڪر ۽ ڪم ظرف انسان به پنهنجي پالڻهار ڏاتار جا ٿورا مڃڻ بجاءِ پنهنجي ڪئي تي گهمنڊ ڪندو آهي.

● **گنجي جي مٿي ۾ جونءِ نه لِيکَ.**

معنيٰ: جن جي مٿان ڪا خاص ذميواري ڪانه هوندي آهي اهي ماڻهو عام طرح بي فڪر هوندا آهن. اهڙي ماڻهوءَ جو مثال اهڙي گنجي سان ڏنو ويو آهي جنهن جي مٿي تي وار نه هئڻ سبب هو جونءِ ليک کان آجو هوندو آهي.

● **گهر ۾ ٻه گهر ڪاڻٽو نه ٻاهر ٻه گهر ڪاڻٽو.**

معنيٰ: انسان جتي ٻه ويندو نه پنهنجو نصيب ڪائيندو. هتي گهڻي حرص ۽ لالچ کان منع ڪئي وئي آهي. انسان کي اهو ئي ملندو جيڪو سندس مقدر ۾ هوندو.

● **لِکيون لوهارن کي، چڏن ۾ چٽنگون**

معنيٰ: ٻاهر سان واهپو رکبو نه چٽنگون ضرور لڳنديون. يعنيٰ وڏو ڪم هٿ ۾ کڻبو نه ان ۾ مشڪلاتون نه ضرور درپيش اينديون.

● **ماءُ چٽيندي پٽڙا ڪونه ونڊيندي ڀاڳ.**

معنيٰ: هن پهاڪي جو ظاهري مطلب آهي نه ماءُ هڪڙي ساڳي ئي پيٽ مان گهڻا پٽڙا نه جڻي ٿي پر ڀاڳ هڪ جيترو ورهائي ڪينَ ٿي ڏئي سگهي. يعنيٰ مقدر جو مالڪ ڏٽي تعاليٰ آهي.

● **مُئا پَرُ پِنجن هيلَ.**

معنيٰ: گذريل ڳالهه کي گهڻي وقت تائين ديگهه ڏيارڻ. حال ماضيءَ جي مرهم هوندو آهي تنهن ڪري ماضيءَ کي وڏي وقت تائين سارڻ وقت جو زيان آهي. هر دم حال جو فڪر هئڻ گهرجي.

● **نه ڪنهن کي عقل منجهائيو آهي،**
**نه ڪنهن کي سونهن سِڪايو آهي.**

معنيٰ: هرڪو انسان پاڻ کي عقلمند ۽ سهڻو سمجهندو آهي. هونئن ٻه ماڻهو گهڻو ڪري خوش فهمين جو شڪار رهندو آهي، جڏهن نه عقل ۽ سونهن جو ڪو اَنت ئي ڪونهي.

● **نه کي پاراتن ۾ نه کي منجهه دعا،**

**انگ اڱ ئي لکيا پاڙڻ مون پيا.**

معنیٰ: جيڪي مقدر ۾ لکيل هوندو سو اَوَس ٿيندو. باقي ڪنهن جي پاراتي يا دعا سان قسمت ڪونہ مَٽجي سگهندي. هن پهاڪي سان مان سهمت ڪونہ آهيان ڇالاءِ تہ بحيثيت مسلمان منهنجو ايمان آهي تہ دعائون يا پاراتا انسان جي زندگيءَ تي اثر انداز ٿيندا آهن. اهلِ دل ۽ اهلِ نظر جي دعا سان انسانن جون تقديرون بدلجي وڃڻ جا مثال اسان جي آڏو آهن. بقول علامہ اقبال:

”نگاهِ مردِ مومن سي بدل جاتي هين تقديرين...“

- **ننڍي مري نہ مائٽري، ٻڍي مري نہ جوءِ.**

معنیٰ: ٻار جي ماءُ جيڪڏهن مري ويندي تہ هو معصوم ڇورو ڇنو يتيم ٿي ويندو، وري جنهن مڙس جي ٻڍاپي ۾ گهر واري گذاري ويندي تہ ان کي بہ باقي حياتيءَ ۾ ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوندا.

- **واهڻ جو واٽيو، جهڙو ڍوري جو پاتڻي.**

معنیٰ: واهڻ ۾ اڳي سيڌي لاءِ واٽي جو هٽُ هوندو هو جيڪو پنهنجي مرضيءَ جا اگهہ پارَ وني ڳوناٽن کي پيو ڦريندو هو. ساڳي طرح ڍوري تي پتڻ ٺپائيندڙ مهاڻو بہ پنهنجي مرضيءَ جو حساب وني پتڻ ٺپائيندو آهي. سو واٽيو ۽ پاتڻي ٻئي هڪ جهڙا ٿيا.

- **ويري هڪڙو بہ گهڻو، سجڻ هزار بہ ٿورا.**

معنیٰ جيڪڏهن هڪڙو دشمن هجي تہ ان کي ڪمزور نہ سمجهڻ گهرجي ڇو تہ اهو ڪنهن وقت بہ ڏک رسائي سگهي ٿو. جڏهن تہ دوست جيترا بہ هجن اهي ٿورا. دوست وڌائجن ۽ دشمن کان هر وقت محتاط رهڻ گهرجي.

- **هنجن سان حرص ڪري اڏاٽي ڇڙي.**

**ڇٽو هوس ڇهنب ۾ سو بہ پَيس ڪِري**

معنيٰ: پنهنجي وت ۽ وزن کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ سان اَوس پڇتائڻو پوندو. جيئن جهرڪي هنج سان ريسَ ڪئي ته چهنب وارو ڇٽو ٻه ڳنوائي ڇڏيائين.

# پس منظر تي مشتمل
# پهاڪا۔چوڻيون۔محاورا۔ورجيسون

سنڌي ٻولي دنيا جي انهن خوش نصيب ٻولين منجهان هڪ آهي، جنهن کي اسان هڪ اعليٰ ورجيسي ٻولي چئي سگهون ٿا. سنڌي ٻولي ۾ هونءَ ته ڪيترا ئي پهاڪا، چوڻيون، محاورا ۽ ورجيسون موجود آهن، جن جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي پر انهن مان ڪن جو دلچسپ ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ پس منظر انهن جي اهميت کي ويتر وڌائي ڇڏي ٿو. هن مضمون ۾ مون اهڙن پس منظر وارن ڪجهه اهم پهاڪن، چوڻين، محاورن ۽ ورجيسن تي ٻه اکر لکيا آهن، جن مان ڪن جي عام مقبول هجڻ باوجود ٿورن ماڻهن کي سندن پس منظر جي ڄاڻ هوندي آهي.

**✷ اهڙي ڪندو ساڻءِ جهڙي ٻُرڙي ڪئي ٻارن سان.**

چيو وڃي ٿو ته ٻرڙن جي هڪ ڳوٺ ۾ ٻارن سان اها ڄٽ ٿي. صبح جو ڳوٺ جون عورتون پنهنجن مردن سان ٻني ٻاري تي وڃڻ کان اڳ پنهنجا ڪجهه ٻارڙا گهر جي جهوني مڙس جي حوالي ڪري ويون ته سندن خيال رکي. ڪجهه دير ڪانپوءِ ٻارن اچي گوڙ مچايو. جهونو مڙس جيڪو حُقو ٽيڪيون وينو هو تنهن کي انهيءَ گوڙ ۽ شور پريشان ڪري رکيو، سو چا ڪيائين جو گهر جي وڏي گنديءَ جو ڍڪ کولي هڪ هڪ ڪري ٻارن کي ڪٽي انهيءَ ۾ ڦٽو ڪيائين ۽ گنديءَ جو ڍڪ بند ڪري ڇڏيائين.

عورتون جڏهن ٻنيءَ تان موٽيون ۽ پنهنجا ٻار سنڀاليائون ته جهوني چين اهي گنديءَ ۾ پيا اٿو منهنجو ته مغز ئي چٽي ويا

هئا. آخر ٻارن کي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو اتان اها چوٽي عام ٿي وئي.

ان حوالي سان هڪ ٻي روايت اها به آهي ته ٻرڙا ۽ ٻارا ٻئي ذاتيون آهن جن جو ڪنهن دور ۾ اتڪاءُ ٿي پيو ۽ آخر جهيڙو گهڻو مچي ويو ۽ ان ۾ ٻرڙن ٻارن کي حيرتناڪ شڪست ڏني.

✷ **جتي لوڀي هجن اتي ٺوڳي بک نه مرن.**

لوڀي ۽ ٺوڳي يعنيٰ لالچي ۽ ٺڳ اسانجي معاشري جا به ڪردارا آهن. چون ٿا ته هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ماڻهوءَ پاڙيسريءَ جو وڃي در کڙڪايو. گهر مالڪُ ٻاهر اچي ڏسي ته پاڙي جو ماڻهو بيٺو آهي، ڪانئس پڇيائين ته ادا ڪيئن تڪليف ڪئي اٿوَ؟ هن وراڻيو: ”ڀائو! اسان وٽ اوچتو مهمان اچي نڪتا آهن چانورن رڌڻ لاءِ اسانجي گهر ۾ وڏو ديڳڙو ڪونهي ڀلائي ڪري ديڳڙو ڏيو سياڻي ئي واپس ڪري ويندس. گهر مالڪ پاڙي جو لحاظ رکي گهر ۾ پيل وڏو ديڳڙو ڪڍي ڪيس ڏنو. پاڙيسري ٿورا مڃيندو ديڳڙو ڪڍي راهي ٿيو.

واعدي مطابق ٻئي ڏينهن شام جو ديڳڙو واپس ڪرڻ آيو گهر مالڪ ديڳڙو وٺي ڏٺو ته ان ۾ اندر هڪ ٻيو ننڍو ديڳڙو پيل هو. هن حيرت وچان پاڙيسري کي چيو ادا! ڀُل ۾ پنهنجي گهر جو ديڳڙو به هن ۾ وجهي آيو آهين ڇا؟ هي پنهنجو واپس ڪڍي وڃ. پاڙيسري جيڪو اصل ۾ ٺڳ هو تنهن نماڻو منهن ناهي وراڻيو نه ادا نه هي اسانجو ديڳڙو نه آهي اهو ننڍو ديڳڙو ته تنهنجي وڏي ديڳڙي صبح اسانوٽ ڄڻيو آهي. سو اها تنهنجي امانت آهي. گهر مالڪ خوشي خوشي ٻئي ديڳڙا ڪڍي گهر ويو.

ڪجهه ڏينهن بعد وري ساڳيو پاڙيسري وٽس آيو ۽ ساڳيو سبب بيان ڪري گهر مالڪ کان پهرئين کان به وڏو ديڳڙو وٺي ويو. گهر مالڪ لالچي هو تنهن سوچيو ته اڳئين ڀيري اسانجو

ديڳڙو ويامي آيو هو ۽ هڪ جي بجاءِ ٻه ديڳڙا مليا هئا. هن پيري ڪيس اجا وڏو ديڳڙو ڏيانس جيئن اهو به ويامي پاڻ سان ٻيا ديڳڙا ڪٽي اچي.

ڪافي ڏينهن گذري ويا پر ديڳڙو واپس ڪونه ٿيو سو گهر مالڪ وڃي ان نڳ جو در ڪڙڪايو نڳ ٻاهر نڪتو. هن ڪانئس ديڳڙي واپس نه ٿيڻ جي شڪايت ڪئي. نڳ روئنٺهارڪو مُنهن ڪري چيو: يائو! معاف ڪجانءِ ڏاڍي ڏک جي خبر آهي تنهنجو ديڳڙو ته ٻئي ڏينهن تي ئي گذاري ويو.

گهر مالڪ ڪاوڙ مان چيو بيوقوف ديڳڙو به ڪڏهن مُئو آهي!؟ نڳ وراڻيو يائو! ديڳڙا جي مرندا ناهن ته پوءِ ڀلا ويامندا به آهن ڇا!؟

**✷ جيڪي ڪُلهو ڏيندا، سي توڙ به پهچائيندا.**

هڪڙو ڳوناٺو پوئين عصر پنهنجي بيمار گهر واريءَ کي بيل گاڏي جوٽي علاج لاءِ شهر ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي ڪنهن مهل ڳوناٺي کي اک لڳي وئي. اوچتو سندس گهر واريءَ جي اک کُلي وئي. ڏسي ته مار! گاڏيءَ جي پاڇاريءَ ۾ هڪ پاسي کان ڏاند ته ٻئي پاسي هڪ شخص پاڻ کي ڍُڪايون پيو هلي. دراصل زال ۽ مڙس جي ننڊ جو فائدو وٺي ٻن چورن مان هڪ ڍڳو ڪاهي روانو ٿي ويو ۽ ٻئي ان ڍڳي جي جاءِ تي پاڻ کي ڪٽي جوٽيو هو.

عورت آهستگيءَ سان پنهنجي مڙس کي هوشيار ڪندي چيو ميان! اٿ جو چور هڪ ڏاند ڪاهي ويو ۽ ان جي جاءِ تي ٻيو شخص ڪلهو ڏيون تو هلي. تنهن تي مڙسهنس آهستگيءَ سان جواب ڏنس چري! جيڪي ڪلهو ڏيندا سي توڙ به پهچائيندا.

ائين چور شهر پهچڻ تي پڪڙجي ٻه پيو ۽ ٻيو ڏاند ٻه ڪيس واپس مليو سندس زال جو علاج ٻه ٿيو. ڏسو ته ڳوناٽي ڪيڏي نه عقلمندي جو مظاهرو ڪيو.

✷ **پري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو.**

هڪڙي پتڻ تان ٻيڙيءَ ۾ مسافر چڙهيا. ناڪئين لالچ ۾ اچي وڏيڪ ماڻهو ڪٽي ڪنيان. جڏهن ٻيڙي درياهه جي وچ سيرَ ۾ پهتي ته گهٽي وزن سبب لڏڻ لڳي. ناڪئين مسافرن کي چيو ته جي ٻيڙيءَ مان بار هلڪو نه ٿيو ته سڀئي ٻڏندا سين تنهن ڪري پاڻ ۾ جلدي فيصلو ڪريو ته ڪير درياهه ۾ ٽپو ڏئي ٻيڙيءَ کي ٻڏڻ کان بچائيندو.

سڀني هڪ ٻئي ڏي ڏٺو ۽ پوءِ ٻيڙيءَ ۾ سوار هڪ ٿلهي متاري واٽيي سيٺ کي چيو ته ديوان! تون گهٽو ڳورو آهين تنهن ڪري تون درياهه ۾ ٽپو ڏي ته ٻيا ٻڏڻ کان بچي وڃن. تنهن تي واٽيي سيٺ وراٽيو ٻيلي مار! پري ٻيڙيءَ ۾ ٻه واٽيو ڳورو ٿيو!

✷ **چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪَکُ.**

هڪ هندو سيٺ جي گهر مان چورُ چوري ڪري ويو. صبح جو سيٺ پوليس اسٽيشن تي چور خلاف رپورٽ لکرائي ۽ پوليس جي مٿان زور ڀريو ته ڪنهن ٻه ريت منهنجي چوري ورائي ڏيو. صوبيدار سيٺ کي چيو ته ڇا تون چور کي سڃاڻندين؟ سيٺ هائو ڪئي ٻي ڏينهن تي ٿر جي چورن کي ٺاڻي تي سڃاڻپ لاءِ آندو ويو ۽ قطار ۾ ويهاري صوبيدار سيٺ کي چيو ته سيٺ صاحب چور کي سڃاڻ ڀلا.

سيٺ ڏٺو ته سڀئي ڏاڙهي ڪوڙ هئا البته انهن ۾ هڪڙو ڏاڙهي سان هو. سيٺ اصل ۾ چور ته ڏٺو ئي ڪونه هو پر اهو سوچي ته من ٻه ڏکو لڳي وڃي سو چيائين ته صوبيدار صاحب! مون واري چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک نظر آيو هو.

ڏاڙهيءَ واري چور کي اچي ڦِڦڙي لڳي ۽ ڪيس دل ۾ خيال آيو تہ چور تہ واقعي مان آهيان متان منهنجي ڏاڙهي ۾ ڪو ڪک اٽڪي پيو هجي سو وني ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمايائين. سيٺ هڪدم چيو سائين اهو ئي منهنجو چور آهي. ائين سيٺ کي پنهنجي چوري واپس ملي ۽ چور کي بہ سزا ملي.

**✷ اڌ رات ئي ڪڏ ۾.**

ڪنهن نيڪيدار ڪڏ کوٽڻ جو ڪم دايَن جي حوالي ڪيو. داين ڪم تہ شروع ڪيو پر پوءِ پاڻ سنياليائون تہ هن ڪم ۾ تہ پاڻ کي ڪَسُ لڳندي، تنهن ڪري ڏينهن جو ٻي ڪم تي ويندا هئا ۽ رات جو نيڪي وارو ڪم ڪندا هئا. جيڪو يقيناً تورو ٿيندو هو.

ٻن ڏينهن بعد نيڪيدار ڪانئن پڇيو ڀلا ڪيترو ڪم ڪيو اٿوَ؟ دايَن وراڻيو سائين! اڌ رات تائين ڪم ڪندا آهيون جڏهن نيڪيدار ڪڏ تي پهتو تہ ڪم نالي ماتر ٿيل ڏسي چيائين اڙي نياڳئو! توهانجي تہ اڌ رات ئي ڪڏ ۾ آهي.

دل سان ڪم نہ ڪرڻ جو مثال مٿئين چوٽيءَ سان ڏنو ويندو آهي.

**✷ الله ڏيوَئي، ميان ڏيوَئي صحبت نہ ڏيوَئي.**

چون ٿا تہ ڪلهوڙن جي دور ۾ حڪومت طرفان چاندڪا پرڳڻي جي هڪ حصي جو صحبت خان نالي هڪ ڪاردار (مختيارڪار) هو. هو ايترو ڪنجوس هو جو ڪنهن کي دمڙي بہ ڪونہ ڏيندو هو.

هڪ ڀيري ڪو فقير صحبت خان وٽ سوالي ٿِجي آيو ۽ ڪانئس خيرات گهريائين پر صحبت خان ڪيس بيهڻ ئي ڪونہ ڏنو. فقير مايوس ٿي وقت جي حاڪم ڏانهن ويو ۽ ڪيس سوال ڪيائين جنهن سندس ضرورت پوري ڪئي. فقير عرض ڪيو تہ ”سائين!

صحبت خان ڏانهن ٻه ٻه اکر لکي ڏيو ته اهو ٻه مون مسڪين ٻچڙيوال جي مدد ڪري.“

ميان صاحب فقير کي صحبت خان ڏانهن اهڙو سفارشي خط لکي ڏنو. صحبت خان خط پڙهي پوءِ به فقير کي ڪا مدد نه ڪئي ۽ کيس چيو ”پل توکي الله ڏيوئي، ميان ڏيوئي پر صحبت خان صفا نه ڏيوئي.“

**✷ ڀاڳ ڏئي ڀيڙو ته دال مان سيرو.**

يعنيٰ ڪڏهن ڪڏهن بخت سجائيءَ مان انسان کي آسودو بڻائي ڇڏيندو آهي. ڳالهه ڪندا آهن ته ڪنهن پوليس عملدار سان سندس وڏو آفيسر ايترو ته ناراض هو جو کيس ٺاڻي تي وينو به نه سهندو هو. اجا هڪڙي پاسي ڪان ڊيوٽي ڏئي ٺاڻي تي مس پهچندو هو ته سندس آفيسر کيس وري ڪنهن ٻيگر پنيان موڪلي ڇڏيندو هو ۽ ويچاري جو سڄو مهينو ائين گذرندو هو.

هڪڙي دفعي اهو ننڍو عملدار رات جي وقت اجا ٺاڻي تي پهتو ئي مس ۽ پورو ٿڪ به نه ڀڳو هئائين ته وڏي عملدار گهرائي چيس ته ”فلاڻو ماڻهو ڪنهن ڏوهه ۾ گهربل آهي وڃي کيس پڪڙي اچ.“ ويچارو حڪم جو ٻندو ’حاضر سائين‘ چئي گهوڙي تي لانگ ورائي روانو ٿيو. ٻيگاهه وقت جي ڪري پڪي سڙڪ ڇڏي جهنگ مان هڪڙي قتل ڪڙيي جو ڪپ ڏئي ان ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو، جنهن ڳوٺ ۾ گهربل ماڻهوءَ جو ڏسُ مليل هيس. اوچتو گهوڙي جو سُنب ڪنهن اهڙي سخت شيءِ سان لڳو ۽ اهڙو آواز ٿيو جهڙو ڪنهن ٽامي جي ٿانون کي ڌڪ لڳڻ سان ٿيندو آهي. هو هڪدم گهوڙي تان لهي پيو ۽ اُتان هٿن سان مٽي هٽائڻ لڳو ته کيس هڪڙي ديگ نظر آئي جيڪا سموري سونين مهرن سان ڀريل هئي. خُرزين ۽ توبرو ڀريائين کيسا به پُر ڪيائين ۽ ٻچي پيل مهرون هڙ ۾ ڪري ٻَڌائين ۽ خوشي خوشي گهر ڏانهن

موٽيو. هاڻي ڪيس نوڪريءَ جي ڪا پرواهه ئي ڪانه هئي. ڪيس غيبي خزانو مليو جنهن مان هن زمين ۽ ٻي ملڪيت خريد ڪئي ۽ امير بڻجي ويو. ماڻهن ۾ چوپچو شروع ٿي ته هيءُ اڳ ۾ هڪ رواجي سپاهي هو هينئر امير بڻجي ويو آهي! تنهن تي ڪنهن سالڪ چيو ادا! ”جي ڀاڳ ڏئي ڀيڙو ته دال مان سيرو.“

**✷ پئسا ئي پاٽيءَ ۾.**

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙو واٽيو گهوڙي تي چڙهي ٻهراڙي مان واپار لاءِ مکڻ وٺڻ لاءِ نڪتو. وات تي هڪڙو واهه هو جنهن مان لنگهڻو پيس. جڏهن گهوڙو واهه جي ٻيءَ پَر تي آيو تڏهن گپ ۾ گجي پيو. واڻئي ويچاري گهوڙي کي گهڻو ئي ڪُٽيو پر گپ کان ٻاهر گهوڙو نڪري ئي نہ! وات ويندي هڪ ڏنار کي چيائين ته: ”گهوڙي کي پويان ٻہ چار لڪڻ هڻ.“

ڏنار گهوڙي کي اهڙا لڪڻ هنيان جو گهوڙو اڳتي اچل ڏئي ڪناري تي ته پهتو پر گهوڙي جو تنگ ڇڏي پيو جنهن ڪري واٽيو ويچارو سامان سوڌو پوئتي وچي ڪريو. واٽيو ته نڪتو پر ويچاري جي هَڙ جنهن ۾ پئسا پڻ ٻڌل هئا، سا وچي پاٽيءَ ۾ پئي. انهيءَ تان اها چوٽي جُڙي ته ”پئسا ئي پاٽيءَ ۾.“

**✷ پيرَ کي ڪم نڪاءَ سان.**

هڪڙي ماڻهوءَ ڪنهن پيرَ تي باس باسي ته پير سائين جيڪڏهن منهنجي دل جي مراد پوري ٿي ته تنهنجي در تي اچي نڪاءُ ڪيندس.

جڏهن ان شخص جي من جي مراد پوري ٿي تڏهن ٻبڻ جو ڏوڏو ڪٽي اچي پير جي در تي نڪاءُ ڪيائين. ڪنهن چيس ته نامراد! پيرن سان ٻہ ائين نڳي! تنهن تي وراڻيائين ادا پير جو ڪم نڪاءَ سان.

**✷ ڄڻيءَ سُٽ پُسايو، واڻئي وِڌس وَٽي،**

**ڄٽيءَ ليکي واڻيو مُنو، واڻيي ليکي ڄٽي.**

پراڻي وقت ۾ دستور هوندو هو ته زالون ائٽ تي سُٽ ڪَتي وڃي دڪانن تي وڪڻنديون هيون.

ڳالهه ٿا ڪن ته ڪنهن ٻهراڙيءَ جي اڻ پڙهيل عورت سٽ ڪتي پاٽيءَ ۾ پسائي رکيو. جڏهن سُٽ ٿورو سُڪو تڏهن دڪان تي ڪٽي وئي.

واڻيي هڪدم سهي ڪري ورتو ته سٽ ۾ ڪوٽ آهي تنهن ڪري مقرر وزن بدران ڳري وزن وارو وٽ ٻي پڙ ۾ وڌائين. ڄٽي ويچاري خوش ٿي ته واڻيي ڪي ڦُري آيس. جڏهن پئسا وٺي گهر موٽي تڏهن ڪنهن سياڻي سان اها ڳالهه ڪيائين ته مان واڻيي کي ڦُري آئي آهيان. اهو سياڻو واڻيي جي حرفت کان اڳ ۾ ئي واقف هو سو کِلي چيائين:

”ڄٽيءَ سُٽ پُسايو، واڻيي وڌس وٽي،
ڄٽيءَ ليکي واڻيو مُنو، واڻيي ليکي ڄٽي“

**✷ چورَن مٿان مورَ.**

چون ٿا ته چورَ چوري ڪري اچي جهنگ ۾ گڏ ٿيا ۽ مال ورهائڻ خاطر ڪولي ڪٽي ميدان تي رکيائون، ان سامان ۾ هڪڙو سونو هار به هيو.

وڻ تي هڪڙو مور ويٺو هو، چيو وڃي ٿو ته مور سونَ جي چمڪ تي عاشق آهي سو مور لامارو ڏئي اهو سونو هار ڪٽي اڏامي ويو، تنهن تي هڪڙي چور چيو مار! چورن مٿان مور!

**✷ ڇَتي ڪوريءَ واري ڊيگهه.**

مٿئين چوٽيءَ مان مراد آهي گهٽو يا بيجا ڳالهائڻ. ڇتو ڪوري، رامڻ ڪوريءَ جو شاگرد هو، جيڪو پنهنجي استاد رامڻ ڪوريءَ وٽ اُٽت جو ڪم به سکندو هو. ڇتو جڏهن به ڳالهائيندو هو ته وڏي ڊيگهه ڪندو هو. هڪ دفعي رامڻ پٽڪو لاهي پاسي ۾

رکيو. پر ۾ رکيل حقي مان ڇٽنگ وجي پٽڪي تي پئي. ڇتي اهو ويني ڏٺو ۽ باهه وسائڻ بجاءِ رامڻ جو ڌيان اينگهه ڪري هن ريت ڇڪائڻ لڳو:

جناب حضرت استاد رامڻ جِي! حقي مان هڪڙي ڇٽنگ اڏامي وجي سائين جن جي دستار مبارڪ تي پئي آهي سو پنهنجو پٽڪو سنڀاليو.

جيسين ڇتي پنهنجي ڊيگهه پوري ڪئي تيسين رامڻ جي پٽڪي جو ڳچ حصو سڙي چڪو هو.

رامڻ جڏهن جوڙيون ڪٽي وڪڻڻ ويندو هو ته ٻيا ڪوري پنج پنج جوڙيون ڪپائي ايندا هئا پر هن مڙس ڪان هڪ جوڙي مس ڪپندي هئي، ڇاڪاڻ ته ڊيگهه ڪرڻ سندس عادت ٿي وئي هئي. جوڙي وڪڻندي وني پنهنجي اٽيل ڪپڙي جي تعريف ڪندو هو. چي ”هيءَ جوڙي مضبوط آهي سندس نِڪري پڪي آهي ڏاڍو پڪو اتس، گهاٽي اٽيل آهي، تمام گهٽو چوڙ ڏيندي، ڏاڍي سستي آهي، ٻَرُ به وڏو اتس ۽ ڪار ۾ سڳو به ڪونه ڳرندس وغيره.“

پلا جيڪڏهن ھر ھڪ گراهڪ سان ايڏي بڪ شڪ ڪبي ته ڪم جلدي ڪيئن اُڪلندو! سندس انهيءَ عادت تي مٿئين چوڻي مشهور ٿي وئي.

✷ ڏيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڏيءَ دور ڪائي چُور.

ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي ڏيءَ پاڙي ۾ پرڻائي ڏني ته جيئن اکين آڏو هجي. پهريائين ته گهوٽ ڪنوار پاڻ ۾ کير ڪنډ هئا پر پوءِ دنيا جي دستور مطابق جيئن چيو ويندو آهي ته ٻه نِڪر ٻه پاڻ ۾ ٻه پيا نهڪندا آهن. تيئن گهوٽ ڪنوار ۾ به اٽبٽت شروع ٿي.

هڪڙي پاڙي واري عورت وجي ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ٻڌايو ته ”تنهنجي ڏيءَ کي مڙسهنس ڏاڍو ماريو آهي.“ مطلب ته ڳالهه هجي يا نه پر پاڙي ۾ ڪا شرارتي عورت ضرور هوندي آهي

جيڪا ڪنوار ماءُ جا ڪنَ پريندي رهندي آهي. ويتر جڏهن ڪنوار پيڪي ويندي آهي ته اها ڳالهه لڪي هوندي به نه سگهندي آهي. ماءُ جا آندا سڙڻ لڳندا آهن. انهيءَ تي سياڻن مٿيون پهاڪو جوڙيو ڏيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڏيءَ دور ڪائي چُور (چوري).

مطلب ته پاڙي ۾ پرڻيل ڏيءَ جي ٿوري گهٽي ڳالهه ٻڌي به پيءُ ماءُ کي پيو ڏک ٿيندو پر ڏور پنڌ سبب جهڙي تهڙي ڳالهه ٻڌڻ ۾ ئي ڪونه ايندي آهي.

**✷ ڏاچي هٽي ڏهه ته توڏِي هٽي تيرنهن.**

راڻو مومل سان ملڻ لاءِ پلي ڏاچيءَ تي چڙهي روزانو وڃي مومل جو مهمان ٿيندو هو ۽ رات اتي گذاري، صبح جو موٽي ماڳ ايندو هو. اهو ڳجهه ڳوهه وارو قصو آخر کلي پيو جنهن ڪري، همير سومري کي منيان لڳي، سو راڻي جي ڏاچيءَ کي پيرن ۾ ڪِيرَ هٽائي مندو ڪرائي ڇڏيائين.

هاڻي راڻي لاءِ زندگي زهر تي پئي هئي سو لڳو ڪاڪ وڃڻ لاءِ گهات گهڙڻ. آخر ڏاچيءَ واري جت کي گهرائي ڪيس ٻي ڪنهن اهڙي پلي ڏاچي يا اٺ لاءِ چيائين. جت عرض ڪيو ته ”سائين! اوهان واري ڏاچيءَ جي هڪ توڏي آهي، جنهن ۾ ماءُ جهڙا ئي پاڻي آهن.“ راڻي چيس ته جلد وڃي ٻندو بست ڪر پر تو واري توڏي ڪٿي وڃ تي ويلو ته ڪونه وجهندي. جت وراڻيو ”سائين اوهان دلجاءِ ڪريو، توڏي ننڍي ضرور آهي پر پنڌ ۾ ماءُ کان به ٻه وکون وڌيڪ آهي. ڏاچي جي ڏهه هٽندي هئي ته توڏي تيرنهن هٽندي. پوءِ راڻو روزانو انهيءَ توڏيءَ تي سوار ٿي، مومل سان ملڻ ويندو هو. لطيف سائين سُر مومل راڻو ۾ اهڙو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

ننڍو تان ڪوهه، پر وکين آهي وترو،
اچو ڪاڪ ڪنڌين ۾، پهس پڪيءَ جان پوءِ.

ان ڪُر منجهان ڪوءِ، ميو مانو نہ ٿئي.

✷ **لاهي لنگها ويهہُ، آريجن مان آسرو،**
**ٻِني پرائو ڏيهہُ، اچي ڪاءُ آريجن ۾.**

آريجا هڪ ذات آهي جنهن جي نالي سان تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڳوٺ خير محمد آريجا منسوب ٿيل آهي، انهيءَ ڳوٺ ۾ مخدوم شهاب الدين نالي هڪ بزرگ، ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ رهندو هو، جيڪو پنهنجي وقت جو ڪامل ولي هو.

مخدوم صاحب آريجا ۾ غير شرعي ڪمن جي پاڙ ئي پٽي ڪڍي، ايتري قدر جو اُتي شاديءَ تي بہ نہ ڍُهل وڄندو هو ۽ نہ وري محفل ۾ ڪو ناچ ڳانو ٿيندو هو. ڳوٺ ۾ هندن جو هڪ ٺڪاڻو بہ هو پر اتي بہ نغارا ۽ ڍُڪڙ وغيره نہ وڄايا ويندا هئا.

اتفاق سان اتي هڪڙو لنگهن جو گهر اچي وينو جن کي اها حقيقت معلوم ڪانہ هئي تہ هتي ڪا اهڙي منع ٿيل آهي. انهن رات جو دهل ۽ شرنائن جو واڄو ڪيو. قدرتاً سندن شرناءِ ڀڄي پئي ۽ دهل بہ ڦاٽي پيو! جڏهن ڪين بزرگ جي اهڙي منع جي خبر پئي تہ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪانئن معافي ورتائون. ان موقعي تي اتي بيٺل ماڻهن مان ڪنهن لنگهن کي ائين چيو هو تہ: ”لاهي لنگها ويهہُ، آريجن مان آسرو، ٻِني پرائو ڏيهہُ، اچي ڪاءُ آريجن ۾“

✷ **پنهنجي ڪَئي جو نہ ڪو ويڄ، نہ ڪو طبيب.**

چون ٿا تہ هڪڙي ڪڙميءَ کي گهر جي پرسان ٻنيءَ جو ٽڪرو هو ۽ هو ڪڪڙين پالڻ جو شوقين هو. هڪڙي لومڙي اچي هِري روزانو رات جو ڪڙميءَ جون ڪڪڙيون چورائي ويندي هئي، ڪڙمي ويچاري ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن ريت لومڙيءَ

کي قاسائي وجهي، آخر هڪڙي رات هن ڪنهن ڦند سان لومڙي کي قاسائي وڌو. هاريءَ کي لومڙيءَ تي ڏاڍي خار هئي تنهن ڪري لومڙيءَ کي سخت سزا ڏيڻ جي خيال سان سندس پڇ کي گهٽيون اڳڙيون ويڙهي ڪٽي باهه ڏنائين. لومڙيءَ کي جو تڪ آيو سو ڪڻميءَ جي ٻنيءَ مان تڪڙي ڀڄندي وئي جتي هن جو ڪٽڪ جو پڪل فصل بيٺل هو. نتيجي ۾ سڄو فصل سڙي خاڪ ٿي ويو. اهڙيءَ طرح ڪڻميءَ گهٽو ئي پٽيو ڪُٽيو پر ڏوهه ڪنهن کي ڏئي. اهڙي ئي موقعي لاءِ مٿيون پهاڪو جڙي ويو.

### ✷ هجئي ناٽو ته گهم لاڙڪاڻو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ هي پهاڪو مشهور ٿيو جڏهن سن 1025 هجري مطابق 1675ع ۾ ميان شاهل محمد ڪلهوڙي گهاڙ واهه کٽايو. ان وقت سنڌو درياهه کان ويندي گهاڙ واهه جي چوڙ تائين لاڙڪاڻو هن ٿَر جو واحد مشهور شهر ۽ بندر هو. ايران ۽ بلوچستان کان واپاري ڪهي اچي هتي وڻج ڪندا هئا. لاڙڪاڻي کي ٻيڙين جي رستي ٻين شهرن سان ملائڻ سبب مرڪزي حيثيت حاصل ٿي وئي هئي. هتي اناج ۽ ٻين شين جا قافلا اچي منزل انداز ٿيندا هئا، انهيءَ هنڌ کي هن وقت به محلا قافلا سراءِ سڏيو وڃي ٿو.

سچ پچ ته ڪلهوڙن رستن ۽ واهن نهرائڻ جي ڏِس ۾ وڏي خدمت جو ڪم ڪيو انهيءَ ڪري لاڙڪاڻو سبزي ۽ ساوڪ ۾ ايترو ته وڌي ويو جو ڪيترا سياح ان کي ”سنڌ جو عدن“ سڏڻ لڳا.

جنهن جاءِ تي ٻيڙيون مختلف پاسن کان اچي لنگر هٽنديو هيون اها جاءِ هينئر به بندر روڊ جي نالي سان سڏجي ٿي. اتي رات ڏينهن ماڻهن جي گهَم پيهَ لڳي پئي هوندي هئي. سنڌو درياهه ذريعي گهاڙ واهه رستي مال سان ڀريل ٻيڙا ايندا ويندا هئا ۽ خشڪيءَ جي رستي واپاري قافلن جي اچ وڃ گهٽي هوندي هئي. واپار سبب ڏيهي توڙي پَر ڏيهي واپارين کي جهجهو فائدو ٿيندو هو

جنهن ڪري سنڌن لاءِ پئسن سان راند ڪرڻ سولي تي پئي هئي. بندر گاهه جي اوپر ۾ گهاٽ جي ڪناري شوقينن لاءِ محفلون مچنديون هيون، جتي حسن جي بازار لڳل هوندي هئي ۽ طعام، قيام ۽ جام جو جوڳو بندوبست پڻ ٿيل هوندو هو، جنهن ڪري پري پري ڪان شوقين ۽ عاشق مزاج پکين جيان پرواز ڪري اچي اتي پرگهٽ ٿيندا هئا ۽ ڪنپ ڪُهائي کيسا خالي ڪرائي ٽرڙ ٿي موٽندا هئا.

شوقينن جي توجه جو مرڪز مهتاب هوندي هئي جيڪا پنهنجي پيڻ سان گڏ ڪجاوي ۾ ايندي هئي ۽ چيو وڃي ٿو ته سندس قافلو 9 ميل ڊگهو هوندو هو. مهتاب جي سندرتا جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، سندس وارن ۾ جوانيءَ واري چمڪ هئي، سنگ مر مر جهڙي سفيد ۽ لسي چمڙي، لب، پرون، اکين جا ڇپر، توڙي پنبڻيون سڀ اهڙا ته جاذب هئا جو ڏسندڙ جا ڇهه ڇڄي پوندا هئا.

لاڙڪاڻي جي انهيءَ خوشحالي ۽ رونق سبب مٿيون پهاڪو مشهور ٿيو.

لاڙڪاڻي جي اهڙي ڪمال سبب ڪيترن شاعرن به پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو. حاجي خان چنجڻي هڪ ڪافيءَ جو ٿلهُ مٿئين پهاڪي تي ٻڌو آهي

هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو، نه ته وت ويڳاڻو

### ✷ اُپ ڦاٽي ڪي ٻه ڪڏهن اڳڙي پوي!؟

هڪڙي ماريءَ جهرڪي ڦاسائي ۽ ڪيس ڪُهڻ جو ارادو ڪيائين ته جهرڪيءَ چيس: ”مون مان ته ڏُڪو گوشت جو مس نڪرندئي تنهن مان ڪهڙو ڍؤ ٿيندءِ.“ پوءِ ڪيس لالچ ڏيندي چيائين ”جيڪڏهن تون مون کي آزاد ڪري ڇڏيندين ته مان توکي ٽي نصيحتون ٻڌائيندس، پر شرط اهو آهي ته هڪڙي نصيحت تنهنجي

هٿ تي ويهي ڪنديس، ٻي جڏهن ڇڏيندين تہ وڻ تي ويهي ڪنديس ۽ تنهن وڻ تان اڏامڻ مهل.“

ماريءَ کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي. ماري ڪيس پڃري مان ڪڍي هٿ تي ويهاريس تہ جهرڪيءَ چيو: پهرئين نصيحت ٻڌ ”جيڪا ڳالهہ ٻڌين ۽ عقل ان کي قبول نہ ڪري تہ ان تي ڪڏهن بہ ويساهہ نہ ڪجانءِ.“ ائين چئي جهرڪي اُڏامي وڃي وڻ تي ويني ۽ ماريءَ سان ٻيهر مخاطب ٿيندي چيائين ”جيڪو ڪم هٿان نڪري وڃئي تہ ان تي ارمان نہ ڪجانءِ.“ اهو چئي جهرڪي غمگين ٿي وئي ۽ ماريءَ جي حال تي رحم ڪائيندي چيائين ”چريا! منهنجي پيٽ ۾ بہ ڏُڪا تورَ جو هڪ قيمتي هيرو موجود آهي جيڪڏهن هٿ اچئي ها تہ سموري ڄمار لاءِ ڍَوَ ۾ هجين ها.“

اها ڳالهہ ٻڌي ماري هٿ مَهٽي پڇتايو ۽ ڪائنس ٽين نصيحت بابت پڇيائين جنهن تي جهرڪيءَ چيس تہ ”ٻن ڳالهين توتي اثر نہ ڪيو ڀلا ڏڪو تور واري پکيءَ جي پيٽ ۾ بہ ڏڪا تورَ وارو هيرو ڪٿان ماپندو ان تي ويساهہ ڪيئن ڪيئي!؟ جيڪڏهن هجي بہ ها تہ بہ اڏامي وڃڻ ڪانپوءِ وري هٿ اچڻ جو نہ هو تنهن لاءِ ارمان ڪيُئي، تو جهڙي ماڻهوءَ کي نصيحت ڪرڻ ئي بيڪار آهي.“

✷ ڏنو پُٽ ڇُٽي جو.

هڪ بزرگ پنهنجي مريدن کي نصيحت ڪئي تہ جيسين دنيا (دولت) نہ ڇڏبي تيسين ڇوٽڪارو نہ ٿيندو.

هڪ ڏينهن سندس هڪ مريد بزرگ جي ڪچهري ۾ ويو جتي تمام گهڻي رش هئي، جنهن ڪري هن مرشد جي ويجهو وڃي ويهڻ محال سمجهيو. هن هڪ اٽڪل ڪئي ڪيسي مان هڪ سوني مُهَر ڪڍي ڪامل جي خاص مريد کي چپر ۾ ڏنائين جيڪو مرشد جي ويجهو وينو هو. مُهر ملڻ جي لالچ ۾ هن پنهنجي جاءِ ڇڏي هن

ڪي ڏني ۽ پاڻ ٻاهر هليو ويو. جڏهن مريد مرشد سان اڪيلائيءَ ۾ ويجهو ٿيو تہ ڪيس عرض ڪيائين قبلا ”جنهن دولت ڇڏڻ لاءِ اوهان فرمايو هو اڄ ان جي برڪت سان اوهانجي قريب ويهڻ جو موقعو مليو اٿم.“ تنهن تي بزرگ فرمايو ”چريا جڏهن تو دولت هٿان ڇڏي تڏهن تہ توکي منهنجي قريب ويهڻ جو موقعو مليو، جنهن توکان اها دولت ورتي تنهن کان اها جاءِ ڪسجي وئي.“

مٿئين چوٽيءَ مان مراد اها آهي تہ جيڪڏهن دنيا جي لوبِ لالچ ڇڏبي تہ آخرت يا منزل تائين رسڻ ۾ آساني ٿيندي يا منزل ملي ويندي.

**✷ گهر جو پير چُلهہ جو مارنگ.**

هڪڙي بزرگ کي سندس گهر واري سدائين پئي چڙبون ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن بزرگ جي دل ۾خيال آيو تہ هن چنڊيءَ کي پنهنجي ڪا ڪرامت ڏيکاريان تہ من سندس دل تي ڪو چنڊو پوي، سو گهر کان ٻاهر نڪري ويو ۽ پنهنجي ڪرامت جي زور تي ڳوٺ جي مٿان اڏامڻ لڳو. ڳوٺ جي ماڻهن کيس اڏمندي ڏٺو جن ۾ سندس گهر واري بہ شامل هئي ان وقت ڪنهن بہ کيس سڃاتو ڪونہ پر جڏهن لهي گهر واپس آيو تہ سندس گهر واري عادت مطابق مٿس چڙهي وئي ”مئا سدائين چوندو آهين بزرگ آهيان اڄ هجين هان تہ الله جو سچو بزرگ ڏسين ها! هڪڙو خدا ٻانهو اسانجي ڳوٺ مٿان اڏامندو ٿي ويو.“

تنهن تي سندس مڙس چيس ”صدوري! اهو آءٌ ئي تہ هيُس.“ تنهن تي سندس زال وراڻيو ”ائين ڇئجانءِ ماريا تڏهن تہ ٽيڏو ٽيڏو پئي وئين.“ سياڻن سچ چيو آهي گهر جو پير چلهہ جو مارنگ.

**✷ لوپين سندي راڄ ۾ ٺوڳي مرن نہ بک.**

پراڻي دور جي ڳالهه آهي تہ هڪڙي چالاڪ ماڻهوءَ ڪي پٽ جي وهاڻءَ لاءِ 30 رپيا گهربل هئا. گهر واريءَ کان پڇيائين پٽ تي پرڻائين پر خرچ پکي لاءِ ڪجهه گهر ۾ اٿئي؟ جوڙس ٻوٿ چِبو ڪندي چيو هڪڙو ٺڪو آهي انهيءَ مان چا ٿيندو!؟

گهڻو ڪجهه ٿيندو ٽکو مونکي ڏي، اهو ٺڪو وڏا ڪم ڪندو.

هو ٽکو ڪٽي ڳوٺ جي واڻيي وٽ آيو ۽ کيس چيائين: ”هي ٽکو اڳوات وياج جو وٽ ۾ مهيني ڪن لاءِ رپيو اوڌر تي ڏي.“

واڻيي اڳوات وياج جو ٽکو ڏسي کيس ايماندار سمجهيو ۽ هڪدم رپيو ڪڍي ڏنائينس. هن اهو رپيو ڪٽي شهر ۾ اچي ٻتيهه ٽکا ڪرايا. ٽکا مترائي هڪڙي مهاجن (وڏي پئماني تي وياج ڏيندڙ) جي دڪان تي پهتو ۽ کيس چيائين: ”هي ٽيهه ٽکا اڳوات وٽ ۾ ٽيهه رپيا مونکي وياج تي ڏي.“

باقي ٻہ ٽکا ڪڍي هن مهاجن جي پٽ کي خرچي طور ڏنا. مهاجن ڳرو وياج ۽ پٽ واري خرچي اڳوات ملندي ڏسي لوڀجي پيو ۽ يڪدم ٽيهه رپيا ڪڍي ڏنائينس.

هن ڳوٺ اچي پٽ جو وهاڻُ وڏي ڌام ڌوم سان ڪيو. ائين ڳوٺ جي واڻيي کي فقط سندس گهر وارو ٽکو ۽ شهر واري مهاجن کي ڳوٺ واري واڻيي وارو رپيو نصيب ٿيو.

### ✷ نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي
### نہ ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي

ڳندي پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ ڪجهه ڏيڏريون ڳڏ تي وينيون هيون. وڏي ڪچهري لڳي پئي هئي، منجهائن هڪ ڏيڏريءَ حورَ جي باري ۾ ذڪر ڇيڙيو ٻيءَ پڇيس: ”حورَ چا آهي؟“ پهرئين ڏيڏريءَ وراڻيس: ”چون ٿا تہ حورَ ڏاڍي سهڻي هوندي آهي. اسان کان بہ وڌيڪ سهڻي هوندي چا؟“ ٽئين ڏيڏريءَ وچ ۾ ڳالهايو.

”اسان ڪان وڏيڪ وري ڪهڙي سهڻي هوندي چوڻينءَ چيو. نہ ادي اسان ڪان وڏيڪ سهڻي ڪيئن هوندي.“

گهڻو بحث چڙي پيو آخر هڪڙي ڏيڏري جيڪا هن وقت تائين چپ هئي تنهن ڳالهايو ”جڏهن اسان هيون سين تہ پوءِ حورن جي ڪهڙي ضرورت هئي؟! خواه مخواه اسان اچي بحث ۾ منجهيون آهيون، اسان ڪان وڏيڪ سهڻو ڪوبہ نہ آهي.“

هڪ فارسي چوڻي مطابق جيڪڏهن سڄي ڌرتيءَ تان عقل ختم ٿي وڃي تڏهن بہ ڪو پاڻ تي شڪ نہ ڪندو تہ مان ڪو اڻ ڄاڻ آهيان.

# سنڌي ٻوليءَ ۾
# جانورن، پکين ۽ جيتن سان منسوب پهاڪا

ڪنهن به سڌريل ۽ ساهيتڪ ٻوليءَ ۾ پهاڪن کي وڏي اهميت حاصل هوندي آهي. پهاڪا قوم جي سگهڙن ۽ سياڻن جي حياتيءَ جي تجربن جي روشنيءَ ۾ جڙي عوام الناس جي زبان تائين پهچن ٿا. پهاڪن جي انهن چند لفظن ۾ اهڙا ته معنيٰ جا موتي موجود هوندا آهن، جو عام انسان انهن تي عمل ڪرڻ سان ڪيترين برائين کان بچي سگهي ٿو.

انسان جو زندگيءَ ۾ انسانن کان علاوه ٻي به ڪيتري مخلوق سان واسطو پوي ٿو. جيڪا سندس حياتيءَ تي بالواسطه يا بلا واسطه اثر انداز ٿئي ٿي. اهڙي مخلوق ۾ جانور، پکي پکڻ توڙي جيت جڻيا اچي وڃن ٿا. جيئن ته الله تعاليٰ دنيا ۾ ڪا به شيءِ بي مقصد پيدا ڪو نه ڪئي آهي، تنهنڪري مذڪوره مخلوق جي اهميت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي سياڻن ۽ سخنورن انهن جي ڳڻن ۽ اوڳڻن کي نظر ۾ رکي پنهنجي زبان ۾ انمول پهاڪا جوڙيا. جن جي ظاهري معنيٰ پڌري هوندي آهي پر انهن پهاڪن جي اوٽ سياڻن ۽ سخنورن پندونصائح جا انبار ڏنا آهن. هتي فقط انهن جانورن، پکين ۽ جيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي هن مضمون جي پهاڪن ۾ آيل آهن. اهي پهاڪا اسانجي سنڌي ٻولي ۽ ادب جو حصو بڻجي ويا آهن.

جانور جو انسان جي زندگيءَ تي گهرو اثر آهي. سماجيات جي علم ۾ انسان کي پڻ 'سماجي جانور' سڏيو ويو آهي. اسان جي

معيشت جو دارو مدار ڪافي حد تائين مختلف جانورن جي افزائش تي رهيو آهي. مثال ڍڳو، مينهن، ڳئون، رڍ، ٻڪري، اُٺ، گهوڙو، گڏهه وغيره اهڙا جانور آهن، جن جو انسان جي بقا ۽ معاشي ترقيءَ ۾ وڏو عمل رهيو آهي. ڍڳي ذريعي زمين کي هر ڏيئي اَنُ اپايو وڃي ٿو. مينهن، ڳئون، رڍ ۽ ٻڪري مان کير ۽ گوشت حاصل ڪري انسان پنهنجي خوراڪ جو بندوبست پئي ڪيو آهي. انهن جي کلن جي پڻ وڏي اهميت آهي. اُٺ، گهوڙي ۽ گڏهه کان سواري توڙي بار برداري جو ڪم ورتو وڃي ٿو. اُٺ کي ’ريگستان جو جهاز‘ سڏيو ويو. جڏهن ته گهوڙو ميدانِ رزم ۾ صدين تائين سپاهي جو ساٿي رهيو آهي. اهڙي طرح شينهن، هاٿي ۽ هرڻ جو پڻ انسان سان گهاٽو تعلق رهيو آهي. شينهن ۽ هاٿيءَ کي اسان فقط سرڪس تائين محدود رکي نٽا سگهون. شينهن جي کل ۽ هاٿيءَ جا هڏا مارڪيٽ جون ملهائيتون شيون آهن. هرڻ انسان جي مهانگي من پسند خوراڪ کان علاوه پالڻ/ ڌارڻ جي حوالي سان به وڏي ڪشش جو باعث رهيو آهي. گدڙ هڪ چالاڪ ۽ ڊڄڻو جانور آهي، ڪتو ۽ ٻلي پڻ پالتو جانور آهي جيڪي پنهنجن گڻن سبب انسان سان لاڳاپيل رهيا آهن. ڪتي کي وفادار جانور تسليم ڪيو وڃي ٿو. ٻليءَ جون پڻ خوبيون ڳڻائي سگهجن ٿيون. پاڻيءَ جي جانورن ۾ واڳونءَ جو ذڪر اچي ٿو جنهن جو وير توڙي مڪر مشهور آهي. ادب ۽ ٻوليءَ جي ماهرن مٿين مڙني جانورن کي ٻوليءَ ۾ ضرب المثل طور ڪم آندو آهي. پاڻيءَ جي حوالي سان پلن ۽ ڪڳن کي پڻ پهاڪن ۾ آندو ويو آهي. پَلو وڏي لذيذ ۽ قيمتي مڇي آهي. ڪڳو سستو ۽ عام قسم جي جنس آهي تنهنڪري پلي جي اهميت اجاگر ڪئي وئي آهي.

مضمون ۾ جن پکين جو ذڪر آيو آهي تن ۾ ڪانءُ، چڙي (جهرڪي)، ڪڪڙ ۽ هنج اچي وڃن ٿا. ڪانءَ جي سياٽپ مشهور

آهي پر سياٽو ڪانءُ ڪڏهن ٻه ٽنگو ٻه ڦاسي پوندو آهي. ڇڙي هڪ نُنڍڙو پر ڦڙت پکي آهي. هنجهه کي پکين ۾ وڏي اهميت ۽ معتبري حاصل آهي. ڪڪڙ اسان جي خوراڪ جي خاص اسمن منجهان آهي. ڪڪڙن جي غير معمولي افزائش سبب زرِ مبادله ڪمائي وڃي ٿي. مذڪوره پکين جي سندن خاصيتن سبب سنڌي پهاڪن جو موضوع بڻايو ويو.

جيتن ۾ وڇون ۽ نانگ کي پڻ پهاڪن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. جن ۾ انهن جي نقصانن متعلق ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح جُونءَ کي پڻ پهاڪي ۾ ڪم آندو ويو آهي.

هاڻي متي ذڪر ڪيل سمورن جانورن، پکين ۽ جيتن سان منسوب پهاڪا معنيٰ ۽ مطلب سميت پيش ڪجن ٿا.

- **اُٺ جي چاڙهيءَ کي ٻه لعنت، لاهيءَ کي ٻه لعنت.**

معنيٰ: اُٺ جڏهن چاڙهي تي چڙهندو يا لاهيءَ تي لهندو آهي ته ٻنهي حالتن ۾ سوار کي ڏکيو ڪندو آهي.

مطلب: لونئي ماڻهوءَ جي دوستي توڙي دشمني ٻه اُٺ جي لاهي چاڙهي وانگر ڏکوئيندڙ هوندي آهي.

- **اُٺ جي وات ۾ زيرو.**

معنيٰ: زيرو (جيرو) اُٺ جي وات ۾ چٻڻ ۾ ئي نه ايندو. هڪ ته سنهڙو آهي ۽ ٻيو ٿورو، جڏهن ته اُٺ کي خوراڪ لاءِ گهڻو گهرجي.

مطلب: مٺن جي هيراڪن جي سيرن مان پورت ڪا نه پوندي.

- **اُٺ جي وات ۾ لوڻ وجهه ته ٻه رڙي، کنڊ وجهه ته ٻه رڙي.**

معنيٰ: بي عقل ۽ منجهيل انسان جي دوستيءَ مان ٻه جوکو ته دشمنيءَ مان ٻه نقصان.

**❁ اُٺ جي چوري پڪي ۾ چا لڪندي.**

معنى: اهو ڳجهه ڪٿان لڪي سگهندو جنهن جي پچار محفلن ۾ هجي.

**❁ اُٺ کي لاٽو، گهوڙي کي داٽو، مرد کي ناٽو محبوب کي ماٽو.**

معنى: چئني لاءِ چارئي شيون لازمي آهن.

**❁ انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.**

معنى: اڻ ڄاڻ نهيل ڪم کي بہ بگاڙي ڇڏيندو.

**❁ اُٺ چڙهيءَ بہ ڪڏهن نانگ کائي!**

معنى: خدا تي توڪل ڪرڻ وارن کي ڪڏهن بہ نقصان ڪو نہ رسندو آهي.

**❁ اُٺ ٻڍو تہ بہ ٻہ ڪنواٽ لهي.**

معنى: تجربيڪار پير مرد عقل ۾ جذباتي جوانن کان گهٽ وڌيڪ هوندو آهي.

**❁ پرئي اُٺ تان وِچٽي لٿي تہ بہ چڱي.**

معنى: گهٽي قرض جي چوٽي ڏٿي تہ بہ چڱي آهي. ڪجهه تہ بار لٿو پائنبو.

**❁ جڏهن ٻورا تي سبيا تڏهن اُٺن تي رنو.**

معنى: اڳ ڳٽتي ڪرڻ ضروري آهي، تنهنڪري ذهني طور تيار رهڻ کپي.

**❁ جيڏ اُٺ تيڏا لوڏا.**

معنى: وڏن تي بار بہ وڏا هوندا آهن، ذميواريون هميشہ وڏن کي ئي ڪٽڻيون پونديون آهن.

**❁ ٿنونءَ کي ٿارو تازيءَ کي اشارو.**

معنى: سياڻو ماڻهو اشاري مان سمجهي وجي ۽ اياڻي ماڻهوءَ کي ڌڪن کائڻ بعد مس سمجهہ ايندي آهي.

**● ڏُچر گهوڙو ۽ سُچر زال ٻئي ٻن پيا.**

معنيٰ: انسان کي هميشه معتدل رهڻ کپي نه گهڻو ڏُچر ۽ نه گهڻو سُچر ٿيڻ کپي.

**● پنهنجي ٿوري گڏھ کي به پيرين پئجي.**

معنيٰ: سياڻي ماڻهو جو ڪم آهي ته وقت پئي ڪميني ماڻهوءَ سان به هيناهين وٿِ وٺي منجهائنس ڪم ڪڍي وڃي ۽ پنهنجي شرافت به قائم رکي.

**● جَوَ ڍيري، گڏھ رکوال.**

معنيٰ: جَوُ گڏھ جي مرغوب غذا آهي ان ڪري جيڪڏهن جَوَن جي رکوالي گڏھ کان ڪرائبي ته خير ڪونهي. سو امانت جو ڪم خيانت ڪندڙ جي حوالي ڪبو ته اوس نقصان ٿيندو.

**● ڏنيجي گڏھ سور ٿئي سانيءَ کي.**

معنيٰ: گندي ماڻهوءَ کي ڪئي جي سزا ملي ۽ شريف ماڻهو ان تي افسوس ڪائي.

**● سبر سوٽو ساڻ ته گڏھ گوهي نه ڪري.**

معنيٰ: سست ۽ ڪم چور ماڻهوءَ لاءِ سزا ضروري آهي.

**● سَوَ ڪري سينگار ته به ڪودڙيءَ جو پٽ ڪودڙو.**

معنيٰ: ڪمينو ماڻهو چڱي پوشاڪ کي به خوار ڪندو.

**● گڏھ پنهنجي سانوٽي هينگن ۾ وڃائي.**

معنيٰ: سياڻو ماڻهو پنهنجو قيمتي وقت ڪو نه وڃائيندو آهي، پر ڪم عقل ماڻهو اهڙو قيمتي وقت فضول مشغولين ۾ وڃائي ڇڏيندو آهي.

**● گڏھ کي به ڪوگج پائجي!**

معنيٰ: ڪميني ماڻهوءَ سان هرگز مهرباني نه ڪجي ورنه الٽو ٻُچيءَ کان وٺندو.

**● گڏھ کي به ڪڏهن گابو چائو!**

معنيٰ: لُچي ماڻهوءَ مان چڱائيءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي.

**اجان مينهون جهنگ ۾، ڏوئي ڏريائون رَڇَ.**

معنيٰ: پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهڻ يا بي صبريءَ جو مظاهرو ڪرڻ.

**مينهن ڊائي هوري هلي، رڍ ڊائي ٺينگ ڏي.**

معنيٰ: برباد انسان هوندي تي گهمنڊ ڪو نه ڪندو پر پوڊائو يا نو دولتو پانيولجي ويندو.

**نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪٽا لاهي ڊونهيون ٻاريون.**

معنيٰ: اڻ تجربيڪار ماڻهو بي خبريءَ سبب ضرور ڪو نقصان جو ڪم ڪندو.

**وئي سڱن کي ڪن ﺑﻪ ڪپائي آئي.**

معنيٰ: لالچ بري بلا آهي. گهٽي جي ڪڍ پوڻ سان ٿورو ﺑﻪ وڃائي ويهبو.

**وسي ﺗﻪ ﺑﻪ ڏٻري گسي، ﻧﻪ وسي ﺗﻪ ﺑﻪ ڏٻري گسي.**

معنيٰ: ڏٻرو ڍور وسڪاري ۾ ﺑﻪ جهنگ چرڻ ﻧﻪ وڃي سگهي ۽ سوڪهڙي جي حالت ۾ ﺑﻪ بک مري. هيڻو ماڻهو ﻧﻪ ٿڌي سهي ﻧﻪ ڪوسي.

**هاٿيءَ جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا ﺗﻪ کائڻ جا ٻيا.**

معنيٰ: ٻهروپيا ماڻهو ٻاهر هڪڙا ﺗﻪ اندر ٻيا هوندا آهن. جيئن لطيف سائين فرمايو: ’منهن ﺗﻪ موسيٰ جهڙو اندر ۾ ابليس.‘

**ٻچڙو ڪتو ڏٽي پٽائي.**

معنيٰ: گندو ماڻهو مائٽن لاءِ ﺑﻪ خواريءَ جو سامان پيدا ڪري ٿو.

**تڪڙي ڪُتي انڌا گلر ڄڻي.**

معنيٰ: اجائي تڪڙ ڪرڻ سان اجان ڪم رُلي ويندو آهي.

**پاڻ ﻧﻪ پالي ڪتا ڏاري.**

معنيٰ: هوند آهر خرچ ڪرڻ گهرجي.

● **ڇتي ڪتي جي دوا ڀتر.**

معنيٰ: ڪمينو ماڻهو موچڙي ڪانسواءِ ٻي ٻولي ڪو نہ سمجهندو آهي.

● **ڪتي جا ڏند ڳڌه جو ماس.**

معنيٰ: ٻچڙي ڪي ٻچڙو ئي پُڄي سگهندو آهي.

● **ڪُتيءَ کي ڪنهن اُماڙ ڏني تہ تارا ڏسي پئي ڀني.**

معنيٰ: ڀنل ماڻهوءَ تي سدائين خوف طاري هوندو آهي.

● **ڪتي جو پڇ ٻارنهن مهينا نڙ ۾ پوءِ بہ ڏنگي جو ڏنگو.**

معنيٰ: ڪمينو ماڻهو پنهنجي ٻچڙاين کان هرگز باز نہ ايندو آهي.

● **ڪُتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان.**

معنيٰ: ڪم ظرف انسان سان نيڪي اصل نہ ڪجي جو اهو ٻنهه ڪو نہ مڃندو.

● **ڪُتي جو ڪارو منهن، ربُ اوتري جي اوتري.**

معنيٰ: عقلمند انسان ڪڏهن بہ ڪنهن سازشيءَ ۽ ويڙهائيندڙ جي چڪر ۾ ڪو نہ ڦاسندو آهي. جنهن ڪري سازشيءَ کي شرمندگيءَ کڻڻي پوندي آهي.

● **ڪُتي بہ ڪاڏي ڪُڪ بہ نہ پري.**

معنيٰ: بي ايمان ۽ حرصي انسان جي ڪڏهن بہ پورت ڪو نہ پوندي آهي. تنهنڪري ڪپي تہ ايمانداريءَ سان حاصل ڪيل ٿوري مان پورائو ڪجي.

● **ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائي کي ماس جي.**

معنيٰ: خود غرضي برو عمل آهي. جيڪو پنهنجي لاءِ نٿو چاهي سو ٻين لاءِ بہ نہ گهرڻ کپي.

● **ٻڪري جنهن وڻ سان ٻڌِجي تنهن کي ڪائي.**

معنیٰ: ڪم ظرف ماڻهوءَ جي فطرت نقصان پهچائڻ آهي، سو ضرور پهچائيندو.

**✹ جيڪا ڏاريان ٻڪري، تنهن لمندا ڪَنَ.**

معنیٰ: ڪن ماڻهن جي هر ڪنهن ڪم ۾ وِڏ نڪري ايندي آهي.

**✹ جيري ڪاڻ ٻڪري نه ڪُهجي.**

معنیٰ: ٿوري فائدي لاءِ گهڻو نقصان نه ڪجي.

**✹ سڀ ڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگي.**

معنیٰ: جيڪو ڪندو سو لوڙيندو.

**✹ ٻلي شينهن پڙهايا، ڦر ٻلي ڪُن ڪا وڻ آيا.**

معنیٰ: بي شناس سان نيڪي ڪبي ته ڪم نڪتي ڪانپوءِ ڦيرائي ڇڏي پڪڙيندو.

**✹ پنهنجي گهر ۾ ٻلي به شينهن.**

معنیٰ: ڪمزور ماڻهو به پنهنجي گهر ۾ ٽَرَ ۾ همٿ پريو ٿي ويندو آهي.

**✹ ست ڪُئا ڪائي ٻلي حج هلي.**

معنیٰ: ڏيکاءَ جي عبادت گناهه آهي.

**✹ ڪاڻياري ٻلي ڪُئي جي جوءِ.**

معنیٰ: ضرورتمند ماڻهو مجبور ٿئي ٿو.

**✹ جهڙا ڪانون تهڙا ٻچا.**

معنيٰ: اولاد اڪثر پنهنجي والدين تي ئي ويندي آهي.

**✹ سياڻو ڪانون ٻه ٽنگو ڦاسي.**

معنیٰ: پاڻ کي وڏو عقلمند سمجهڻ نه گهرجي، ڇو ته ڪڏهن گهڻي سياڻپ ڇڏيءَ پئجي ويندي آهي.

**✹ سُتي شينهن کي نه جاڳائجي.**

معنیٰ: پاڻ ڏاڍي سان هٿ نه اٽڪائجي.

❁ دولتمند جا ڏاند ويامن.

معنيٰ: ڀاڳوند کي هر هنڌان فائدو ملي.

❁ **ڏاند چڙهي تي ڏک ڏسي.**

معنيٰ: سُکَ ۾ ناشڪري ڪرڻ نہ گهرجي.

❁ **رڍ اڳيان رباب وڄائيندي ورهہ ٿيا.**

معنيٰ: ڪم عقلن اڳيان عقل ۽ فهم جون ڳالهيون ڪرڻ اجايون آهن.

❁ **گدڙ گدڙ جي ڪُوڪ تي نہ اونائي تہ ڪوڙهيو ٿئي.**

معنيٰ: هي ڀهاڪو اتحاد جو عمدو مثال آهي ڇوتہ اتحاد ۾ وڏي برڪت آهي.

❁ **وڇ ڪير ڏي تہ ٻوءِ مينهن چو ڏارجي.**

معنيٰ: جيڪڏهن ميٺ محبت سان ڪم نڪري تہ هروڀرو تيک ۽ تاءُ نہ ڏيکارجي.

❁ **هرٽي اڳئي نچٽي ويتر ڀَيس گهنڊٽي.**

معنيٰ: بي ظرف انسان کي دولت هٿ ايندي تہ اهو وڌيڪ ڀانيولجي ويندو.

❁ **مادي ڪڪڙ بہ ڪڏهن بانگ ڏني!**

معنيٰ: بي همت ماڻهو مان ڪنهن غير معمولي ڪم جي اميد اجائي آهي.

❁ **هنجن سان حرص ڪري اڏاٽي چڙي.**

**چٽو هوس ڇهنب ۾ سو بہ پيس ڪري.**

معنيٰ: پنهنجي وت وزن کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي خواهش ڪبي تہ اٽلو نقصان ٿيندو.

❁ **چاڪيءَ ڏاند وڃايو، گهمي گهاٽي چوڌاري.**

معنيٰ: وڃايل وٿ کي صحيح ڏِسَ ۾ ڳولهڻ گهرجي.

❁ **چاٽي وچونءَ جو مَنڊ بہ نہ، هٿ وجهي نانگ ۾.**

معنيٰ: اياڻو ماڻهو پاڻ کي سياڻو سمجهي وٺ ڪان وڏيڪ ڪم ۾ هٿ وجهي.

**⬢ مور ڇڳو پرپير ڏنگا.**

معنيٰ: عيب ڪان ڪو به خالي نه آهي.

**⬢ پَلا چڙي پاپي ڪو ڪٿل ڪِڳا ڪائي.**

معنيٰ: بي شُڪريءَ جو مظاهرو نه ڪجي. الله تعاليٰ ڏئي ته سڪيو گذران ڪجي.

**⬢ گنجي جي مٿي ۾ جونءَ نه لِيکَ.**

معنيٰ: جيڪو مايا جي موهه ڪان پري رهندو تنهن کي ڏکار سکار جي ڳڻتي ئي ڪا نه هوندي.

**⬢ گدڙ ڊاک نه پُڄي آکي ٿُو کٽا.**

معنيٰ: ڪم ڪرڻ جي سگهه نه هجي ۽ فقط بهانا تلاش ڪجن.

**⬢ نانگ ريجهائڻ سولو، پر ڪرو ڪو ڳوهه ريجهائي.**

معنيٰ: سلڇڻو ماڻهو ڳڻ سيڪارڻ سان سکي ويندو پر ڪُلڇڻي کي سيکارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

**⬢ ويهي درياء جي پرتي، وجهي واڳونءَ سان وير.**

معنيٰ: پاڻ ڏاڍي سان هٿ اٽڪائڻ مان اوس نقصان ئي پلئه پوندو.

# سنڌي ٻوليءَ جا اصطلاح

# سنڌي ٻوليءَ ۾
# انساني عضون سان منسوب اصطلاح

ٻولي جي ذريعي ئي هڪ انسان ٻئي انسان آڏو پنهنجي مدعا ۽ مقصد بيان ڪري ٿو. جڏهن ڪو انسان اهڙو اظهار عام لفظن ۾ ڪري ٿو ته اهڙي اظهار کي عام ٻولي سڏيو وڃي ٿو، پر ادبي ۽ شسته زبان لاءِ ناليواري اديب حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي ڪتاب ”آفتابِ ادب“ ۾ هڪ سٽريل ۽ معياري ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪي معيار ٻُڌايا آهن سي هن ريت آهن.

* ٻوليءَ ۾ ڪراهت يا گراني نه هجي. يعني لفظن جا آواز ٻڌندڙ جي ڪنن ۽ دل تي بار جو باعث نه بڻجن.
* دنيا جي هر هڪ شيءِ جا نالا ۽ هر هڪ معنيٰ لاءِ وٽس لفظ موجود هجن، ڪوٺ جي صورت ۾ ٻين ٻولين مان لفظ وٺي به پورائوو ڪري.
* وٽس هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون هئڻ گهرجن.
* هم قافيه، تُڪ بندي ۽ تجنيس حرفي وارا لفظ پڻ ادبي ٻوليءَ جي اهڃاڻ مان ليکيا وڃن ٿا.
* ٻولي ٻين ٻولين مان لفظ وٺي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکندي هجي.
* ٻين ٻولين کي پڻ پنهنجي لفظن جي خزاني مان کُلي دل سان لفظ آڇيندي هجي.
* نئين ايجادات سان گڏ انهن لاءِ نوان لفظ گهڙي سگهي يا ٻين ٻولين مان حاصل ڪري پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي سگهه رکندي هجي.

* منجهس اهڙي صلاحيت هجي جو انسائيڪلوپيڊيا تيار ڪري سگهجي.
* گرامر مطابق هجي.
* علم بديع و بيان ۽ علم معاني جي خزاني سان مالا مال هجي.
* منجهس اصطلاح ۽ محاورا، تشبيهون ۽ ڪنايا، مثال ۽ پهاڪا ملڪ جي رسم و رواج ۽ ماڻهن جي سياءَ ۽ طبيعت مطابق جڙيل هجن.

سنڌي زبان کي اسان مذڪوره معيارن تي پرکيون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته ان ۾ اهي ڪُلي خوبيون موجود آهن. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جو شمار بنا مبالغي دنيا جي سڌريل ۽ ترقي يافته ٻولين ۾ ڪري سگهجي ٿو.

هن مقالي ۾ فقط سڌريل ٻوليءَ جي هڪ اهم خوبي يعني ٻوليءَ ۾ اصطلاحن جي استعمال جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اصطلاح ۽ محاورا سڌريل ۽ ادبي ٻوليءَ جي جان هوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اها انفراديت آهي جو اها اصطلاحن جي خزاني سان مالامال آهي. منهنجي خيال ۾ دنيا جي ٻي ڪنهن به سڌريل ٻوليءَ ۾ اهڙا ۽ ايترا با معنیٰ ۽ خوبصورت اصطلاح شايد ئي هجن، جيترا سنڌي ٻولي زبان ۾ موجود آهن.

سنڌي زبان جي اصطلاحن جي انفراديت ۽ معنويت کي هڪ ئي مقالي ۾ سموهڻ ۽ سهيڙڻ سولو نه آهي. تنهنڪري هن مقالي ۾ آئون فقط انهن اصطلاحن تي اڪتفا ڪندس، جيڪي انساني جسم جي عضون سان تعلق رکن ٿا ۽ نهايت خوبصورت ۽ با معنیٰ آهن. جيئن ته اهڙن اصطلاحن جو تعداد وڏو آهي، تنهنڪري هتي فقط انهن اصطلاحن جو وچور پيش ڪجي ٿو. مقالي ۾ ندرت اها آهي جو مون اهڙن اصطلاحن کي مٿي جي وارن کان ويندي پيرن

جي ڳُڙين تائين ترتيب سان رکيو آهي. ٻين لفظن ۾ تہ اهي اصطلاح سَر تا پا آهن.

## ◉ وار

**وار جو بہ نالو نہ وٺڻ**: ڪجهہ بہ نہ چوڻ.

**وار وار بچڻ** : صفا سلامت رهڻ، ذرو بہ نقصان نہ ٿيڻ.

**وار پوڻ** . : چير ٿيڻ.

**وار جي کل لاهڻ** : ذرو پرزو جاچي ڏسڻ.

**وار سان ٻڌل هئڻ** : تابعدار/ فرمانبردار هئڻ.

**وار ڪترڻ سان**

**مُردو هلڪو نہ ٿيڻ** : ٿوري خرچ سان خزانو نہ کُٽڻ.

**وار ڪڙا ٿي وڃڻ** . : خوف طاري ٿيڻ / جوش اچي وڃڻ.

**وار وڃائڻ** : مِٽي مائٽي ڪرڻ/ نياٽيءَ جو سنگ ڏيڻ.

**وار ونگو نہ ٿيڻ** : ڪو بہ جوکو نہ پهچڻ.

## ◉ مٿو

**مٿا مونا هڻڻ** : ڪوشش ڪرڻ / تڪليف وٺڻ.

**مٿو ٽپڻ** : مجبور ٿيڻ/ ڏکيائي ۾ مبتلا ٿيڻ.

**مٿو ٽيڪڻ** : ڏَنُ ڏيڻ / پيش پوڻ.

**مٿو ڪائڻ** : گوڙ ڪرڻ / بڪواس ڪرڻ.

**مٿو ڪوڙڻ** : نِڳڻ / ڦُرڻ.

**مٿو مارڻ / کپائڻ** : سمجهائڻ / نصيحت ڪرڻ.

**مٿا ڪٽ ڪرڻ** : وڏي محنت ڪرڻ/ جفاڪشي ڪرڻ.

**مٿو هڻڻ** : بار بار سمجهائڻ.

**مٿي تي چاڙهڻ** : مَنُ وڌائڻ / گهڻو پيار ڪرڻ.

**مٿي تي چڙهڻ** : گستاخي ڪرڻ.

**متي تان بار لاهڻ.** : قرض ادا ڪرڻ / فرض ادا ڪرڻ.

**متي تي کڻڻ.** : پنهنجي ذمي ڪرڻ.

**متي تي هٿ ڦيرڻ.** : ڇَٽَ ڏيڻ / دلاسو ڏئي ڪم وٺڻ.

**متي تي هٿ هئڻ.** : سنڀال ڪرڻ/ رعايت ڏيڻ.

**متي تي چانون ڪرڻ.**: پناهه ڳولهڻ/ اجهو حاصل ڪرڻ.

**متي ڪان پاڻي چڙهي وڃڻ.** : حد کان وڌيڪ ڳالهه ٽپي وڃڻ.

**متي کان پيرن تائين باهه لڳڻ.** : سخت عضي ۾ اچڻ.

**متي سان ڪفن ٻڌڻ.** : موت لاءِ تيار ٿي جهاد ۾ گهرڻ.

**متي ڪنهڻ جي واندڪائي نه هئڻ.** : تمام گهڻو مشغول رهڻ.

**متي ميڙ ڪرڻ.** : لائون ڏيارڻ.

**متي جا وار هئڻ.** : بيشمار هئڻ / گهڻي انداز ۾ هئڻ.

**متي هينيان وهاڻو ڏيڻ.**: بي فڪر ٿي ويهڻ.

## ◉ مغز

**مغز کائڻ / ڪَچو ڪرڻ.** : تنگ ڪرڻ / بڪواس ڪرڻ.

**مغز ۾ واءُ هئڻ.** : مغرور ٿيڻ.

**مغز جاءِ نه هئڻ.** : چريو / بيوقوف هئڻ.

**مغز ۾ واڻون ڪرڻ.** : تمام گهڻو پريشان ڪرڻ.

## ◉ دماغ

**دماغ رکڻ.** : وڏائي/ غرور ڪرڻ/ وڏي قابليت رکڻ.

**دماغ ڇٽي وڃڻ.** : متو ڪائي وڃڻ/ گهڻو تنگ ڪرڻ.

**دماغ خراب ٿيڻ.** : مستي ٿيڻ / چريو ٿي پوڻ.

## ◉ ڪنڌ

**ڪنڌ تي ڪاتي اچڻ.** : لاچار / مجبور ٿيڻ.
**ڪنڌ ڪڍائڻ.** : تنائڻ / گُسائڻ.
**ڪنڌڪٽڻ.** : ماڻ وارو ٿيڻ / سَنمُک ٿيڻ.
**ڪنڌ ڪٽي نہ سگھڻ.** : شرمندو ٿيڻ.
**ڪنڌ لھي پوڻ / وڃڻ.** : قتل ٿيڻ / ڪجھ بہ تي پوڻ.
**ڪنڌ متي ڪرڻ.** : عزت وڌائڻ.
**ڪنڌ ۾ ڪِلي هئڻ.** : مغرور هئڻ.
**ڪنڌ هيٺ ڪرڻ.** : لڄ ڪرڻ / ڏوھ باسڻ.
**ڪنڌ پرِ ڪِرڻ.** : وڏو ڏک رسڻ/ نقصان هيٺ اچڻ.
**ڪنڌ وٺڻ.** : گھڻي تڪليف ۾ مبتلا ٿيڻ.
**ڪنڌ ڪپائڻ.** : قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻ.

## ◉ ڪياڙي

**ڪياڙي ڪنھڻ.** : لڄي / شرمندو ٿيڻ.
**ڪياڙي ڦيرائي ڇڏڻ.** : چڱي چپيٽ ڪيڻ.

## ◉ گردن

**گردن تي چڙھي ويھڻ.**: گھڻو سوڙھو پوڻ / جند نہ ڇڏڻ.
**گردن ڪَڇڻ / مروڙڻ** : قتل ڪرڻ.
**گردن ڦاسائڻ.** : ذميواري ڪٽڻ / پاڻ کي ٻڌل رکڻ.
**گردن ڦيرڻ.** : نافرماني ڪرڻ / حڪم نہ مڃڻ.
**گردن جھڪائڻ.** : عاجزي ڏيکارڻ / تسليم ڪرڻ.

## ◉ ڳچي

**ڳچيءَ پوڻ.** : وچڙي وڃڻ / ڦاسائي وجهڻ.
**ڳچيءَ** کان ونڻ : جوابدار رهڻ/ پڪڙڻ/ روزيءَ ڦاسائڻ.
**ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهڻ:** نئڙت ڪرڻ/ عاجزي ڪرڻ.

## ◉ ڳل/ ڳلو

**ڳل تان ڳوڙهو نه سُڪڻ.**: رات ڏينهن روئندو رهڻ.
**ڳل پوڻ.** : زوريءَ شامل ٿيڻ / اُند وني جهيڙو اٿڪائڻ.
**ڳلي لڳڻ / لڳائڻ** : ملڻ / همدردي جو اظهار ڪرڻ.

## ◉ ڳاٽو

**ڳاٽو.** : گرفت مضبوط ڪرڻ/ هٿيڪو ڪرڻ.
**ڳاٽي ڀڳو خرچ ڪرڻ:** فضول خرچي ڪرڻ.
**ڳاٽو ڀڃڻ.** : وڏو بار مٿان پئجي وڃڻ.

## ◉ ڪَنُ

**ڪن ٻوساٽڻ / لڪائڻ:** ٻڏو اڻ ٻڏو ڪرڻ / ماٺ ۾ گذارڻ.
**ڪَنُ پرڻ.** : چغلي ڪرڻ.
**ڪَنُ تي پوڻ.** : معلوم ٿيڻ يا ٻُڌڻ.
**ڪَنُ پڪڙڻ.** : پڇتائڻ / توبهه ڪرڻ.
**ڪنن جو ڪچو هئڻ.** : ٻُڌي ڳالهه تي جلد ويساهه ڪري ويهڻ.
**ڪن جون ڳالهيون ڪرڻ.** : ڳجيهون ڳالهيون ڪرڻ/ چغلي ڪرڻ.
**ڪَنُ ڪيٽا ڪرڻ.** : هوشياري ونڻ.
**ڪَنُ چڏائڻ.** : بار ڪان آجو ٿيڻ.
**ڪَنُ ڏيڻ.** : غور سان ٻڌڻ.

**ڪن ڪترڻ.** : نڳڻ، جُٿ ڪرڻ.
**ڪَنُ هڻڻ.** : سنيالي هلڻ / برابري ڪرڻ.
**ڪَنَ ڪائڻ.** : گهٽو ڳالهائڻ.
**ڪَنَ ڪڙاڪرڻ.** : تياري ڪرڻ.
**ڪَنَ کولڻ.** : خبردار ڪرڻ.
**ڪَنَ ۾ ٺبي ڏيارڻ.** : تمام جلدي ڪري ونڻ.
**ڪَنَ ڦوڪَ ڏيڻ.** : اڳواٽ خبردار ڪرڻ.
**ڪَنن ۾ ڪپهه وجهڻ:** ڌيان نہ ڏيڻ / نہ ٻڌڻ.
**ڪَنَ سيءُ ٿيڻ.** : خدشو ٿي بيهڻ.

## ◉ پنبڻيون

**پنبڻين سان ٻهارڻ.** : خلوص سان خدمت ڪرڻ.
**پنبڻين سان لوڻ ڪٽائڻ.** : ڏاڍو ڏکيو ڪم ڪرائڻ.
پنبڻين جي پاڇي ۾ هجڻ. : تمام قريب رهڻ.
**پنبڻيون نہ پُسڻ.** : رحم نہ اچڻ.

## ◉ اکيون

**اکين اڳيان اونداهي اچڻ** : مٿو ڦرڻ / سخت صدمو پهچڻ.
**اکين اڳيان ڦرڻ.** : خيال يا تصور ۾ نظر اچڻ.
**اکين تي پٽي ٻڌڻ** : فريب ڪرڻ / ڌوکو ڏيڻ.
**اکين تي پردا چڙهڻ.** : حياءُ شرم چڏي وجڻ.
**اکين تي پنبڻين جو بار نہ ٿيڻ.**محبوب جي ڪا ڳالهہ ڳري نہ لڳڻ
**اکين تي چربي چڙهڻ.**: بي حيا / بي مروت ٿيڻ.
**اکين تي رات ڪاٽڻ.** : ساري رات اوجاڳو ڪرڻ.
**اکين تي رکڻ.** : دل جان سان قبول ڪرڻ.
**اکين تي ڪوپا چڙهي وجڻ.**: چڱيءَ مني جي خبر نہ پوڻ.

**اکين تي ويهارڻ.** : سچائيءَ سان آذرياءُ ڪرڻ.
**اکين تي هٿ ڏيڻ.** : ٺڳي ڪرڻ / ڦُرڻ
**اکين جو ٿار/ نور هئڻ**: سڪيلڌو پٽ هئڻ.
**اکين جا تارا ڦري وڃڻ**: دم نڪرڻ کي ويجهو اچڻ.
**اکين جو ڍوء هئڻ** : اجايو حرص ڪرڻ.
**اکين جو سُرمو چورائڻ.** : نهايت چالاڪي ڪان ڪم وٺڻ.
**اکين جي ديد وڃائڻ.** : لحاظ/ مروت ڇڏي ڏيڻ.
**اکين کان سڄو ٿيڻ.** : انڌو ٿي پوڻ / ڏسي نہ سگهڻ.
**اکين ۾ ٿُرڻ.** : نہ وڻڻ / ناپسند هئڻ.
**اکين ۾ جاءِ ڏيڻ** . : سڪ سان آجيان ڪرڻ.
**اکين ۾ سرمو وجهڻ.**: فريب ڏيڻ / ٺڳي ڪرڻ.
**اکين ۾ ڪنڊ هئڻ.** : ويري يا دشمن هئڻ.
**اکين ۾ گهُر ڪرڻ.** : گهڻي محبت ٿي وڃڻ.
**اکين ۾ هئڻ.** : ياد گيري، خيال ۾ هئڻ.
**اکين وارو ٿيڻ.** : شناس ڌارڻ.
**اکيون ٻوٽڻ.** : بيحائي جي هلت هلڻ.
**اکيون ٻوٽي ڪم ڪرڻ.** : بيپرواهي سان ڪم ڪرڻ.
**اکيون ٻوٽي هليو وڃڻ.** : رستو سلامتي وارو هئڻ.
**اکيون پٽڻ.** : خبردار / هوشيار ٿيڻ.
**اکيون ٺپرائڻ.** : سجاڳڻ جي قوت پيدا ڪرڻ.
**اکيون ٺري پوڻ.** : ڏاڍو خوش ٿيڻ.
**اکيون ڦاٽي وڃڻ.** : حيران ٿي وڃڻ.
**اکيون ٽمڪائڻ.** : تڪيندو رهڻ / افسوس ڪرڻ.
**اکيون پائڻ / پائي ويهڻ.** : اميد آسرو رکڻ / تاڙي ويهڻ.
**اکيون ڦوٽارڻ.** : ڪاوڙ ڪرڻ.
**اکيون جاءِ ڪرڻ** . : ڏسي وائسي هلڻ.

**اکيون ڏرا ڏئي وڃڻ** : هيڻو / ڪمزور ٿي وڃڻ.
**اکيون رت ڇڏڻ** : سخت غيرت اچڻ.
**اکيون زمين ۾ کُپي وڃڻ** : تمام گهڻو شرمسار ٿيڻ.
**اکيون سبڻ** : فريب ڪرڻ / اکين اڳيان ننگي وڃڻ.
**اکيون سيڪڻ** : ديدار ڪرڻ.
**اکيون ڪيڻ** : ٻئي کي فائدو نہ ڏيڻ.
**اکيون لال ڪرڻ** : ڪاوڙ ڏيکارڻ.
**اکيون لڳي چار ٿيڻ** : هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيڻ.
**اکيون کلي وڃڻ** : غفلت جو پردو لهي وڃڻ.
**اکيون کٽي نہ سگهڻ** : ڏاڍو شرمسار ٿيڻ.
**اکيون ويهجي وڃڻ** : نظر گهٽجي وڃڻ.
**اکيون وجهڻ** : تاڙڻ / تاڙي ويهڻ.
**اکيون هيٺ ڪرڻ** : شرمائڻ / لڄ ڪرڻ.
**اکيون هيٺ ڪري هلڻ**: نئڙت سان هلڻ.
**اکيون ڏسڻ** : ڪاوڙ يا غصوڏسڻ.
**اکيون ڏيکارڻ** : مهميز ڪيڻ / ڌمڪي ڏيڻ.
**اکيون وٺي ويهڻ** : نظر بنهہ نہ پوڻ.
**اک بُري ڪرڻ** : بُڇڙي ارادي سان ڏسڻ.
**اک بوٽ ڪيڏڻ** : لڪي ڇُپي ڪنهن لاءِ شرارت ڪرڻ.
**اک پوٽڻ** : بيحيائي ڪرڻ / گذاري وڃڻ.
**اک پيچڻ** : اشارو ڪرڻ / محبت جو اظهار ڪرڻ.
**اک ٽيٽ ڪرڻ** : اڻ لَکونهارڻ.
**اک پئجي وڃڻ** : اوچتو ڏسي وٺڻ.
**اک ڦرَڻ** : اک جو ڦرڪڻ.
**اک پٽڻ** . : هوشيار ٿيڻ.
**اک چنبي ۾ ڪرڻ** : فوري طور ڪري ڏيکارڻ.

**اک ڏيکارڻ.** : چَندَ ڪيڻ / ڌمڪي ڏيڻ.
**اک ڪيڻ.** : سج جو اُڀرڻ / طلوع ٿيڻ.
**اک ڪيي ونڃڻ.** : ڏيڻ کان انکار ڪرڻ.
**اک کي چوڏو ٻڌڻ.** : اميد نہ ڪرڻ / ڀرسو نہ ڪرڻ.
**اک کُلڻ** . : هوش ۾ اچڻ / حقيقت معلوم ٿيڻ.
**اک کولڻ.** : خبردار ٿيڻ / هوشياري ونڻ.
**اک لڳڻ.** : ننڊ جو جهوٽو اچڻ.
**اک کڻڻ.** : نهارڻ / منهن متي جهلڻ.
**اک مٽائڻ.** : رُکي نموني پيش اچڻ.
**اک لڄائڻ.** : شرم کان ڪنڌ نوائي ڇڏڻ.
**اک ونئي وڃڻ.** : چوريءَ کسڪي وڃڻ.
**اک هڻڻ / هٽي ڇڏڻ.** : ڳجهيءَ طرح همٿائڻ/ اشارو ڪري ڇڏڻ.

### ◉ تارا

**تارا ڏيکارڻ.** : ڏيجارڻ.
**تارا ڦوٽارڻ.** : ڪاوڙ سان ڏسڻ.
**تارا ساوا ٿيڻ.** : حيران ٿي وڃڻ.
**تارا ڪيي ڇڏڻ.** : سخت سزا ڏيڻ.

### ◉ نـڪُ

**نک ٻوڙڻ.** : لڄ ڇڏڻ / بيحياءُ ٿيڻ.
**نک تائين ڀرجڻ.** : تمام گهڻو کائڻ.
**نک تي مک ويهڻ نہ ڏيڻ:** ذرو بہ احسان نہ کڻڻ.
**نکُ ٽوپڻ.** : ڇوڪريءَ جي مڱڻي جي رسم ادا ڪرڻ.
**نک رڳڙڻ.** : خوشامد ڪرڻ / توبهہ تائب ٿيڻ.
**نک کي مَرُ لائڻ.** : ڀاڻ کي لڄائڻ / گلارو ڪرڻ.

**نڪ ڪٽي ڳالهائڻ.** : حياء شرم سان ڳالهائڻ.

**نڪ ۾ دم ڪرڻ.** : ڏاڍو تنگ ڪرڻ.

**نڪ ۾ نوڙي هئڻ.** : احسان جو بار هئڻ.

**نڪ نوڙي وجهڻ.** : مجبور ڪرڻ/ وس ۾ آڻڻ.

**نڪ وڍڻ.** : شرمائڻ/ گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

**نڪ مٿي ڪرڻ.** : عزت ۽ مانُ بخشڻ.

**نڪ وارو هئڻ.** : عزت ۽ شان وارو هئڻ.

**نڪُ هئڻ.** : مکيہ/ ڪارائتو هئڻ/ لڄ شرم هئڻ.

## ◉ ناس

**ناس پِتو هئڻ.** : شرم / لڄ هئڻ.

**ناس پِتو ڀوڙڻ.** : شرم حياء وڃائڻ.

**ناسون هڻڻ.** : بي مقصد ڀٽڪندو رهڻ/ نوس نوس ڪرڻ.

## ◉ چَپ

**چَپ چورڻ.** : ڳالهائڻ / گفتگو ڪرڻ.

**چَپ چٿِڻ.** : افسوس / ارمان ڪرڻ.

**چَپ ڪيڻ.** : روئڻ جهڙي شڪل بڻائڻ.

**چَپ پيڪوڙڻ.** : عضي جو اظهار ڪرڻ / شديد تڪليف ٿيڻ.

## ◉ وات

**وات ٻَڌڻ / ٻڌي ويهڻ.** : چپ ڪري ويهڻ.

**وات تي آڻڻ.** : ياد ڏيارڻ / جتائڻ.

**وات ٺڪاڻي ڪرڻ.** : متاچري صلاح ڪرڻ.

**وات پاٽي پاٽي ٿيڻ.** : هِرڪي پوڻ.

**وات ڦاڙي ويهڻ** . : گهڻي لالچ ڪرڻ.
**وات پري ڳنڍُ ڪائڻ.** : ڳنڍو گفتگو ڪرڻ/
نالا وني گهٽ وڌ ڳالهائڻ.
**وات خرچ ڏيڻ.** : زباني چوڻ تي ڪم ڪرڻ.
**وات رادو هئڻ.** : گهڻ ڳالهائو هئڻ.
**وات رڪڻ.** : پرهيز ڪرڻ / رڪ ڪرڻ.
**وات سبڻ.** : خاموش رهڻ.
**وات ڪرڻ.** : ڏاڍيان ڳالهائڻ / گوڙ ڪرڻ.
**وات ڪِنو ڪرڻ.** : گاريون گند ڪيڻ.
**وات ڪائڻ اک لڄائڻ.** : احسان ڪرڻ واري آڏو لجي ٿيڻ.
**وات کولڻ.** : ڳالهائڻ لاءِ مجبور ڪرڻ
**وات ڪي ڪَنبو ڪُرڙو نہ هئڻ** : ڳالھ چوڻ ۾ زبان ڪي تڪليف نہ ٿيڻ.
**وات ڪي لغام ڏيڻ.** : خاموشي اختيار ڪرڻ/
سنيالي ڳالهائڻ لاءِ چوڻ.
**وات ڳاڙهو هئڻ** : ناتجربيڪار هئڻ/
ننڍو بي سمجھ هجڻ
**وات مان کير جي بُوءِ اچڻ**: انتهائي ناتجربيڪار هجڻ.
**وات مان گُلَ ڪِرڻ.** : سهڻا گفتا ڪرڻ / ٺوڪ ڪرڻ.
**وات منو ڪرائڻ.** : رشوت ڏيڻ/
خوشي حاصل ٿيڻ تي ڪجھ کارائڻ.
**وات ۾ مگ وجهڻ.** : چئي نہ سگهڻ/ سچ نہ چوڻ.
**وات ننيو ڳالھ وڏي ڪرڻ.** : وڏائي ڳالھ ڪرڻ/ ٻٽاڪ هڻڻ.
**وات وجهڻ.** : چکڻ.
**وات وڪيل هئڻ.** : پنهنجو فيصلو
پاڻ ڪري سگهڻ جي صلاحيت. هجڻ.
**وات وِٺارڻ.** : پرهيز نہ ڪرڻ.

**وات سنگھڻ**: ٻي جو راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

**وات هڻڻ.** : گھٽ وڌ ڳالهائڻ / بڪواس ڪرڻ.

## ◉ واڇ

**واڇ ٽڙي وڃڻ / گودو ٿيڻ.** : وائڙو ٿي وڃڻ.

**واڇون ڇيريءِ ڇڏڻ.** : سخت ڌمڪي ڏيڻ.

## ◉ زبان

**زبان تي مهر هڻڻ.** : احسان ڪرڻ يا ڌمڪي ڏيڻ سان زبان کي بند ڪرائڻ.

**زبان تي آڻڻ.** : عام تذڪرو ڪرڻ.

**زبان ڦيرڻ.** : وعده خلافي ڪرڻ.

**زبان جو مٺو هئڻ.** : مروت ۽ لحاظ سان ڳالهائڻ

**زبان چورڻ.** : بيان ڏيڻ / ڳالهائڻ.

**زبان خِلق نقاره خدا هئڻ**: جيڪي عام طرح ماڻهن جي زبان تي هجي اهو ٿي پوڻ.

**زبان ڏيڻ / ڪرڻ.** : واعدو ڪرڻ.

**زبان قابو ۾ رکڻ.** : سوچي سمجهي ڳالهائڻ.

**زبان ڪڍي / ڪٽي ڇڏڻ.**: سخت سزا ڏيڻ

**زبان مان ڪيڻ.** : رڳو حڪم جي دير هئڻ.

**زبان نہ گسڻ.** : ڪا بہ تڪليف نہ ٿيڻ.

**زبان درازي ڪرڻ.** : بدتميزي واري گفتگو ڪرڻ.

**زبان تي مهر هئڻ.** : ڊپ/ مجبوريءَ وچان سچ نہ چئي سگھڻ.

**زبان جو پڪو هئڻ.** : وعده وفائي ڪرڻ.

### ◉ ڏند

**ڏند پيچڻ.** : سيکت ڏيڻ.
**ڏندن جي وچ ۾**
**زبان وانگر هئڻ** : دشمنن جي وچ ۾ سلامت رهڻ.
**ڏند چپن سان لڳڻ.** : حيرت ۾پوڻ/ عجب کائڻ.
**ڏند ڏسڻ.** : عمر جاچڻ.
**ڏند ڏيڻ.** : جهيڙو ڪرڻ / اتڪاءُ تيڻ،
**ڏند ڪيڻ.** : ڦڪو ڪلڻ/ ڦڪو تيڻ/ لڄي تيڻ.
**ڏند ڪرٽڻ.** : جَڪَ کائڻ/ جوش ۾ اچڻ.
**ڏند آڱريون اچڻ.** : حيرت ۾ پئجي وڃڻ.
**ڏندين ڏاند هجڻ** : همت پريو هئڻ.
**ڏند ڪوٽڻ لاءِ ڪکُ نه بچڻ.**: سڀ ڪجهه تباه تي وڃڻ.

### ◉ هوڙ

**هوڙ ڪي ئي نه لڳڻ.** : صفاڊءُ نه تيڻ.
**هوڙ هري پوڻ.** : عادت پئجي وڃڻ.

### ◉ ڏاڻ

**ڏاڻ چورڻ.** : حرام ڪائڻ تي هرڻ.
**ڏاڻ گرم ڪرڻ.** : رشوت ڪائڻ.
**ڏاڻ هرڻ.** : هري پوڻ/ سواد يا لذت اچڻ.
**ڏاڻون ڏيڻ.** : تڪڙو پوڻ/ تکو منو ڳالهائڻ.

### ◉ ڪاڪڙو

**ڪاڪڙو ڪَرڻ/ هٽڻ.** : وڏي وات ڳالهائڻ.
**ڪاڪڙو ڪِرڻ.** : ڳلي جي تڪليف تيڻ.
**ڪاڪڙو ڪيڻ.** : سزا جي ڌمڪي ڏيڻ.
**ڪاڪڙو ڦاٽڻ.** : وڏيون رڙيون ڪرڻ.

### ◉ مُڇَ

**مُڇَ چوڙڻ.** : ڪنجوسي ڪرڻ.
**مُڇَ ڏيڻ/ مُڇ تي هٿ رکڻ.** : انجام ڏيڻ/ واعدو ڪرڻ.
**مُڇَ کي وڪڙ ڏيڻ/ مروڙڻ.**: آڪڙ ڪرڻ / وڏائي ڏيکارڻ.
**مُڇَ سٽيي ڪرڻ.** : شان مانُ رکڻ/ هيٺو حال لڪائڻ.
**مُڇَ مڪائي لاءِ نہ ڏيڻ** : بلڪل تورو ڏيڻ/ ملڻ.
**مُڇون پٽڻ/ پٽائڻ.** : ذليل ۽ خوار ٿيڻ.
**مُڇَ مرد جو شان هجڻ**: مڇ کي مرد لاءِ ضروري سمجهڻ.

### ◉ ڏاڙهي

**ڏاڙهي ٻئي جي هٿ ۾ ڏيڻ.** : پَرَوَسِ رهڻ.
**ڏاڙهي پٽي ترِي ڪري ڇڏڻ.** :عزت لاهڻ/بيمانو ڪرڻ.
**ڏاڙهي ڏيڻ.** : پڪو انجام ڏيڻ.
**ڏاڙهي مڇ ۾ ۽ مڇ ڏاڙهيءَ ۾ ڪرڻ** :پَٽي سَٽي پورائو ڪرڻ.
**ڏاڙهيءَ ۾ ئي ڪين هئڻ.** : همت نہ هئڻ / لياقت نہ هجڻ.
**ڏاڙهي پَٽ هئڻ.** : افراتفري جو ماحول هجڻ.

### ◉ مُنهن

**مُنهن ٻَرڻ.** : نور ٻکڻ / پيشاني چمڪڻ.
**مُنهن پت سان لڳڻ.** : پڇتائڻ / شرمندو ٿيڻ.
**مُنهن پَچَڻ.** : نہ وڻڻ/ پسند نہ اچڻ.
**مُنهن پيلو ٿيڻ.** : شڪي ٿيڻ / شرمندگي ٿيڻ.
**مُنهن تڪڻ.** : آسرو رکڻ.
**مُنهن پاٽي ورائڻ.** : تندرست ٿيڻ / صحتمند ٿيڻ.
**مُنهن تي نہ پوڻ.** : شان وٿان نہ هئڻ.

مُنهن تي چڙهڻ. : روبرو ٿيڻ / ملڻ.

**مُنهن / مهڙ ٿيڻ.** : ڌوهه بيهڻ / ثابت ٿيڻ.

**مُنهن ڌوئڻ.** : ڪو خاص ڪم ڪري ڏيکارڻ.

**مُنهن ڦري وڃڻ.** : شرمندو ٿيڻ.

**مُنهن ڏسي مٿائي گهرڻ**: حيثيت جاچي سوال ڪرڻ.

**مُنهن ڏيڻ.** : مقابلو ڪرڻ.

**مُنهن سبي ڇڏڻ.** : ڪجهه ڏئي وٺي شڪايت بند ڪرائڻ.

**مُنهن ڪارو / اڇو هئڻ.**: ڪا بہ لياقت نہ هجڻ.

**مُنهن ڪرڻ. (جهنگ مُنهن ڪرڻ)**: ڀڄي هليو وڃڻ.

**مُنهن ڪيڻ.** : ڦيرو ڪرڻ.

**مُنهن ڪوڙو ڪرڻ.** : ارهائي جو اظهار ڪرڻ.

**مُنهن ڪرو ڪرڻ.** : بي حيائي جو ڪم ڪرڻ.

**مُنهن ڪوئنڙ هئڻ.** : نرم دل هجڻ.

**مُنهن وٺي وڃڻ.** : لَڄي ٿيڻ / ڦڪو ٿيڻ.

**مُنِهن لائڻ.** : روبرو اچڻ جي اجازت ڏيڻ.

**مُنِهن پوڻ.** : پردو / حجاب نہ ڪرڻ.

**مُنهن لهي وڃڻ.** : شرمندو ٿيڻ/ لَڄي ٿيڻ.

**مُنهن مٿي ڪرڻ** : شانُ وڌائڻ.

**مُنهن مٿو هڪ ڪري ڇڏڻ.**: ماري مُنهن سُڄائي ڇڏڻ.

**مُنهن مَٽِڻ / موڙڻ.** : واسطو گهٽائي ڇڏڻ.

**مُنهن مَڪي گهمڻ.** : اٺهوندڪي لڪائي هلڻ.

**مُنهن ۾ بہ اڪيون چوڻ**: ڏوراپو ڏيڻ.

**مُنهن ۾ نمڪ هئڻ.** : چهري ۾ رونق هئڻ.

## ◉ ڳچي

**ڳچيءَ پوڻ.** : وچڙي وڃڻ / ڦاسائي وجهڻ.

**ڳچيءَ ڪان ونڻ.** : ذميوار بڻائڻ / پڪڙڻ.
**ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهڻ.**: عاجزي سان هلڻ / نئڙت ڪرڻ.

## ◉ ٽِڙي

**ٽِڙيءَ تي لت ڏيڻ.** : لاچار ڪري ڇڏڻ/ زوريءَ ڪم ونڻ.
**ٽِڙيءَ مان پاٽي ٻَڪڻ.** : نهايت خوبصورت هئڻ.
**ٽِڙي تي ٺَنهُن ڏيڻ.** : سخت سزا ڏيڻ/ بيوس بڻائي ڇڏڻ.

## ◉ ڪُلهو

**ڪُلهو ڏِيڻ.** : ميت جو جنازو ڪڻڻ
**ڪُلها ڳنل هئڻ.** : تڪليف تي هريل هئڻ.
**ڪُلهي ڪانڌي ٿيڻ.** : مشڪل وقت ۾ ڪم اچڻ.
**ڪُلهي جوسي ٿيڻ.** : برابري ڪرڻ.
**ڪُلهي ڳيهه هئڻ.** : تمام گهٽو هجوم هئڻ.
**ڪُلهو هڻڻ.** : ڪنهن سان برابري ڪرڻ
جي ڪوشش ڪرڻ.

## ◉ ڪَڇَ

**ڪڇ خالي ٿيڻ.** : گهر واري گذاري وڃڻ / جدا ٿيڻ.
**ڪَڇون نوڪڻ.** : خوشيون ڪرڻ.
**ڪڇون ڏيکارڻ.** : مسڪين حال ٿيڻ.

## ◉ ٻانهون

**ٻانهن سيراندي ڪرڻ.**: بي فڪرو ٿي ويهڻ
**ٻانهن لوڏڻ.** : نخري سان هلڻ.
**ٻانهون ڊِگهيون هئڻ.** : وڏي پهچ / اثر رسوخ وارو هئڻ.

**ٻانهن جو زور لڳائڻ**: پورو وس هلائڻ / وڏي ڪوشش ڪرڻ.

## ◉ نوٽ

**نوٽ هڻڻ** : متوجه ڪرڻ.
**نوٽيون نوڪڻ** : خوشي جو اظهار ڪرڻ / وڏي ڪاميابي تي سرهو ٿيڻ.

## ◉ هٿ

**هٿِ اچڻ** : حاصل ٿيڻ.
**هٿُ اٽڪائڻ** : جهيڙو ڳنڍڻ.
**هٿ ٻڌڻ / جوڙڻ** : عرض ڪرڻ / ميڙ منت ڪرڻ.
**هٿ تُريل هڻڻ** : صحيح اندازو ڪرڻ.
**هٿ نانگ نچائڻ** : جوئتو ڪم ڪرڻ.
**هٿُ تنگڻ** : پنڻ / محتاج ٿيڻ.
**هٿ ٺارڻ** : سزا ڏيڻ/ مار ڪڍي دل خوش ڪرڻ.
**هٿ پچندي هڻڻ** : مدد ڪري سگهڻ.
**هٿ پير چيو ڪرڻ** : پورهئي جي طاقت هجڻ.
**هٿ پير لهڻ** : ويم ڪرڻ / ٻار جو پيدا ٿيڻ.
**هٿ پير نہ گسڻ** : ڪا بہ تڪليف نہ ٿيڻ.
**هٿ پير هلائڻ** : پورهيو ڪري روزي ڪمائڻ.
**هٿ پير چمڻ** : ادب ڪرڻ / عزت ڏيڻ.
**هٿ ڦاڙ هڻڻ** : وڏ خرچائو هئڻ/ فضول خرچي ڪرڻ.
**هٿ ڦيرائڻ / ڦيرڻ** : ڇَٽ ٻڌڻ / ٺيڪر ڏيڻ.
**هٿ جَس هئڻ** : ڪيل ڪم جو قدر ڪرڻ.
**هٿ جوڙ هئڻ** : نيازمنديءَ جو رستو هئڻ/ بيزار هئڻ.
**هٿ جا ليڪا نہ ڊهڻ** : مقدر جو لکيو اٽل هئڻ.

**هٿ جيڏي زبان ڪرڻ.** : تمام گهڻو ڳالهائڻ / زبان درازي ڪرڻ.

**هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جي ضرورت نه هئڻ** : پڌري ڳالهه جي بيان ڪرڻ جي ضرورت نہ هئڻ.

**هٿ جي هٽڻ.** : دل مان ڪوڙي ڳالهه ناهي ٻڌائڻ.

**هٿ جهلڻ.** : باز اچڻ / بس ڪرڻ.

**هٿ جي صفائي ڪرڻ**: چوري ڪرڻ.

**هٿِ چڙهڻ / چڙهي وڃڻ.** : ملي وڃڻ / اوچتو قبضي ۾ اچڻ.

**هٿ چراند ڪرڻ.** : چوري ڪرڻ / ڪوئنس ڪرڻ.

**هٿ چيو ڪرڻ.** : پُڄندي هئڻ / اثر رسوخ هئڻ.

**هٿ ڌوئڻ / ڌوئي ويهڻ.** : نراس ٿيڻ / نااميد ٿيڻ

**هٿ ڌوئي پٺيان لڳڻ**:. مڪمل تياريءَ سان مخالفت ڪرڻ.

**هٿ ڌوئارڻ.** : خدمت ڪرڻ.

**هٿ ڏيڻ.** : مدد ڪرڻ/ ٽيڪ ڏيڻ.

**هٿ ڏي ڏسڻ.** : محتاج ٿيڻ / ٻئي ڏانهن مدد لاءِ نهارڻ.

**هٿ ڏسڻ.** : نبض جاچڻ / قسمت جي اڳڪٿي ڪرڻ.

**هٿ ڏيکارڻ.** : نبض ڏيکارڻ / اڳڪٿي ڪرڻ.

**هٿ ڊگها هئڻ.** : وڏي پهچ / اثر رسوخ هئڻ.

**هٿ ڊگهو ڪرڻ.** : وڏن سان سامهون ٿيڻ.

**هٿ ڍگهيرڻ.** : مدد گهُرڻ.

**هٿ ڍِرا ڪرڻ.** : همت هارڻ.

**هٿ رکڻ.** : پنهنجو ڪرڻ / مدد ڪرڻ.

**هٿ رکڻ نہ ڏيڻ.** : تيز پر هئڻ / اجازت نہ ڏيڻ.

**هٿ سونا هئڻ.** : وڏو ڪاريگر / هنرمند هئڻ.

**هٿ سنئون هئڻ.** : بي ادبي ڪرڻ / سامهون ٿيڻ.

**هٿ گرم ڪرڻ.** : رشوت ڏيڻ / وٺڻ.

**هٿ ڪيڻ/ ڪيي وڃڻ**: لاڳاپو ٽوڙي ڇڏڻ.

**هٿِ ڪرڻ**: حاصل ڪرڻ / پڪڙڻ.

**هٿُ وڍي ڏيڻ / مُڇي ڏيڻ**: لکي پڙهي ڏيڻ.

**هٿ ڳسَ هئڻ**: قرلت يا زوري ڪرڻ.

**هَٿُ ڪڻڻ**: واسطا توڙڻ.

**هَٿ ڪڻڻ**: دعا گهرڻ/ جهمر هڻڻ.

**هٿُ ڳنڍڻ**: وڙهڻ/ جهڙو ڪرڻ.

**هٿُ لائڻ**: گستاخي ڪرڻ/ مارَ ڪُٽ ڪرڻ.

**هَٿ لڳڻ**: چپيٽ اچڻ.

**هٿُ مُنجهڻ**: محتاج ٿيڻ / پئسو نہ هئڻ.

**هٿ مهٽڻ/ مَلڻ**: افسوس ڪرڻ/ پڇتائڻ.

**هٿ ۾ هئڻ**: اختيار ۾ هئڻ.

**هٿ ۾ ڏوئي هئڻ**: ورهائڻ جو اختيار هئڻ.

**هٿ ۾ روٽي**

**مٿي ۾ سوٽي ڏيڻ**: ٿورو ڪري هرهر جتائيندو رهڻ.

**هٿ ۾ قرآن**

**ڪڇ ۾ ڇري هئڻ**: لڪل دشمني ڪرڻ.

**هٿ نصيب ٿيڻ**: واهر ٿيڻ.

**هٿڙي هڻڻ**: چوري ڪرڻ.

**هٿن تي پرتا ڪرڻ**: اتي جو اتي ڪري ڏيکارڻ.

**هٿن جا ليڪا ڍهڻ**: ويجهي مائٽي ڇجي وڃڻ/ اصل نسل گم ٿيڻ.

**هٿن جو چاول هئڻ /**

**هٿن جو ٻار هئڻ**: عمر ۾ گهڻو ننڍو هئڻ.

**هٿن مان نڪري وڃڻ**: ڏاڍو چڙي وڃڻ/ حاصل نہ ٿي سگهڻ.

**هٿئون ڏئي دوزخ وهائڻ**: نيڪي ڪري دشمني پرائڻ.

**هيٺن پوڻ** : غير عورت سان نازيبا
رويو اختيار ڪرڻ / جهيڙو ڪرڻ.
**هٿين خالي هئڻ**. : نادرا / مفلس هئڻ.
**هٿُ وجهڻ**. : ڪم شروع ڪرڻ.
**هٿَ وجهڻ**. : پرائي عورت سان گستاخي ڪرڻ.
**هٿَ هڻڻ**. : پڇتائڻ.
**هٿُ وٺي جهيڙو ڪرڻ**. : زوريءَ وجي وڙهڻ.
**هٿُ هٿَ کي ڏيڻ**. : جنهن کان ونڻ تنهن کي واپس ڪرڻ.
**هٿُ هٿَ کي نہ ڏسڻ**. : اونداهي هئڻ.
**هٿُ هٿ ۾ ڏيڻ**. : واعدو ڪرڻ / ملڻ.
**هٿُ وڪڻڻ ذات نہ وڪڻڻ**. : خدمت ڪرڻ پر ضمير جي
خلاف ڪو بہ ڪم نہ ڪرڻ.
**هٿَ هيٺ اچڻ**. : قبضي ۾ اچڻ.
**هٿان پوڻ**. : پاڻ کان غلطي ٿيڻ.
**هٿُ هيٺن هئڻ**. :سخي هئڻ/ عام جام خيرات ڪرڻ.
**هٿَ جي وڍيءَ جو**
**نڪو ويچ نڪو طيب هجڻ**. : پنهنجي خطا تي شرمسار ٿيڻ.
**هٿَ جي هڻڻ**. : ڪوڙ ڳالهائڻ/ وڏائي ڳالهہ
ڪرڻ.
**هٿَ هيٺ بيعت ڪرڻ**. : ڪنهن جي مريدي قبول ڪرڻ.

## ◉ آڱريون

**آڱرين تي نچائڻ**. : آسانيءَ سان ڪم ونڻ/ سڌوڪري ڇڏڻ.
**آڱرين جا زور لائي بيهڻ**.: پوري طاقت لڳائڻ
**آڱريون ڏندن ۾ اچي وڃڻ**. : اجرج وٺي وڃڻ/ حيرت ۾ پوڻ

### ◉ آڱوٺو

آڱوٺو ڏيکارڻ/ ڏيڻ. : انڪار ڪرڻ/ پرواهه نہ ڪرڻ.
آڱوٺو ڪڍي ويهڻ. : نابري وارڻ/ جواب ڏيڻ.
آڱوٺو هڻڻ. : اڻ پڙهيل هجڻ/ جاهل هجڻ.
آڱوٺي ڪي پرواهہ نہ هئڻ. : بي پرواهي ڪرڻ/ ڌيان نہ ڏيڻ.

### ◉ ننهن

ننهن تي نچائڻ. : مَڃو ٻڌائڻ/ زير دست ڪرڻ.
ننهن چوٽيءَ جو
زور لڳائڻ. : سموري طاقت ڪم آڻڻ.
ننهن کان ماس جدا نہ ٿيڻ. : مٽي مائٽيءَ جا ناتا قائم رهڻ.

### ◉ ترِيون

ترِيءَ تي رکڻ. : تيار رکڻ.
تريءَ تي بهشت ڪرڻ. : نهہ ڦهہ ڪم ٿيڻ.
ترِيءَ تيل نہ لائڻ. : نہ مڃڻ/ قبول نہ ڪرڻ.
تري کُپڻ. : هارائڻ/ پَٽ تي ڪرڻ.
ترِين پرپوڻ. : اڻ هوند جي حالت ڪي پهچڻ.

### ◉ مُٺ

مُٺ پيڙڻ/ پيڪوڙڻ. : ڪنجوسي ڪرڻ.
مُٺ مُٺ ڪري وڻڻ. : ڪم کي اڪلائڻ لاءِ ورهائي ڪٽڻ.
مُٺ وجهڻ. : پوک پوکڻ/ مال کي چارو ڏيڻ.

### ◉ ڇاتي

ڇاتيءَ تي مڱ ڏرڻ. : روبرو ويهي ساڙڻ/ تڪليف ڏيڻ.
ڇاتيءَ تي هٿ رکي ڏسڻ. : پنهنجي حالت ڏسي اندازو لڳائڻ.

**ڇاتيءَ تي وار ڄمڻ.** : رحمدلي، بهادري ۽ مروت جا نشان پيدا ٿيڻ.
**ڇاتي ٺرڻ.** : خوشي حاصل ٿيڻ.
**ڇاتيءَ تي پٿر رکڻ.** : برداشت ڪرڻ/ تڪليف سهڻ.
**ڇاتيءَ وارا ڇيهه اچڻ.** : سخت اذيت ۾ مبتلا ٿيڻ.
**ڇاتي وڏي ڪرڻ.** : همت ٻڌڻ/بهادر ٿيڻ/سخي سڏجڻ.

## ⦿ سِينو

**سِينو ساهڻ.** : مقابلو ڪرڻ/سامهون ٿيڻ.
**سِيني تي مڱ ڏرڻ.** : ساڙڏيارڻ/دٻاءَ ۾ آڻڻ

## ⦿ چمڙي

**چمڙي وڃڻ دمڙي نہ وڃڻ.** : انتهائي درجي جو ڪنجوس هجڻ.

## ⦿ هَڏُ / هَڏيون

**هڏ پچڻ.** : پورهئي جي لياقت پيدا ڪرڻ.
**هَڏِپوڻ.** : زوريءَ ڳَل پوڻ.
**هَڏُ پڳل هئڻ.** : محنتي هجڻ.
**هڏ جي مار اچڻ.** : مالي نقصان ٿيڻ.
**هڏ پيڙڻ/ پيڙجڻ.** : سخت ايذاءُ/ صدمو اچڻ.
**هڏ ڪُرڪڻ.** : قياس/ ڪهل اچڻ.
**هڏ گسائڻ.** : پورهيو ڪرڻ / محنت ڪرڻ.
**هڏيون وڃڻ.** : پٽيءَ ناس ٿيڻ.
**هڏيون نرم ڪرڻ.** : سخت مار ڏيڻ/ ڳري سزا ڏيڻ.
**هڏن جو پيرو ٻڌجڻ.** : ڳري ڪندا تي وڃڻ/ گهٽو ڏبرو ٿيڻ.

## ◉ دل

**دل ڀرجي اچڻ** : ڏاڍو ڏک ٿيڻ/ رئڻ جھڙو ٿيڻ.

**دل ڀَڄي پوڻ** : بي دليو ٿي پوڻ/ دلچسپي نہ وڃڻ.

**دل ڀِڄي پوڻ** : ڏاڍو ڏُک رسڻ.

**دل ڀِڄڻ** : بي ھمت ڪرڻ.

**دل تي تري اچڻ** : ياد پوڻ.

**دل ٿي وڃڻ** : پيار ٿي وڃڻ.

**دل ٺپا ڏيڻ** : خوشي ٿيڻ.

**دل ٺارڻ** : راضي ڪرڻ.

**دل پلڻ** : خيال ئي لاھي ڇڏڻ.

**دل جو گھاءُ چاڻڻ** : ڳجھي صدمي کان واقف ھئڻ.

**دل جو بخار ڪيڻ** : بدشد ڳالھائڻ / گندو ڳالھائڻ.

**دل جو قاضي ڪرڻ** : پاڻ انصاف ڪرڻ.

**دل جھلڻ** : ھمت ڪرڻ/ بھادري ڏيکارڻ.

**دل دبليءَ ۾ رکڻ** : تسلي ڪرڻ/ دلجاءِ ڪرڻ.

**دل ڏِسڻ** : حوصلو يا دل جي ڪشادگي آزمائڻ.

**دل ڏيڻ** : پيار ڪرڻ / محبت ڪرڻ.

**دل سوڙھي ڪرڻ** : ڪنجوسائي ڪرڻ.

**دل دل سان لڳڻ** : ياد ڪرڻ.

**دل شاھدي ڏيڻ** : اندر ۾ يقين اچڻ.

**دل کوسي ٿيڻ** : رنج رسڻ/ ناراضگيءَ ھجڻ.

**دل ڪٽي ٿيڻ / ٿي پوڻ** : بي دليو ٿي پوڻ/ ڪَڪِ ٿي پوڻ.

**دل ڪليل ھئڻ** : سخي ھئڻ.

**دل کولي رکڻ** : دل جو احوال ٻڌائڻ.

**دل کي دل جي**

**ڪشش ٿيڻ.** : هڪ ٻئي کي چاهڻ.
**دل لڳڻ.** : پريت پيدا ٿيڻ.
**دل لوڏو نه کائڻ.** : ڳڻتي نه ٿيڻ/ نه گهٻرائڻ.
**دل ننڍي ٿيڻ.** : بي همت/ سست ٿيڻ.
**دل من پڇڻ.** : پاڻ سان صلاح ڪرڻ.
**دل ۾ ٿيڻ.** : ڏک ٿيڻ.
**دل ۾ ڪرڻ.** : ڪاوڙجڻ/ محسوس ڪرڻ.
**دل ۾ چور ويهڻ.** : اندر ۾ بي ايماني پيدا ٿيڻ.
**دل جو نه ٻولڻ.** : ڳالهه اعتبار ۾ ئي نه اچڻ.
**دل وٺڻ.** : همدردي ڪرڻ/ خوش رکڻ.
**دل وڌڻ.** : گستاخي تي وجڻ.
**دل وڌائڻ.** : گستاخ ڪرڻ.
**دل وٺان هئڻ.** : دل کي وڻڻ / خواهش موجب هئڻ.
**دليون هٽڻ.** : پڪ نه پوڻ/ فيصلو نه ڪري سگهڻ.
**دلئون دور ڪرڻ** : وساري ڇڏڻ.

### ◉ هيانءُ / هنيئون

**هنيانءُ پرجي اچڻ.** : رئڻ جهڙي حالت ٿيڻ.
**هنيانءَ تي هٿ ڦيرڻ** : پنهنجي حالت ڏسي
ٻئي جي ڏک جو اندازو لڳائڻ.
**هنيانءَ تان بار لهڻ.** : آرام اچڻ/ اٽوٽندڙ ماڻهو
يا ڪم مان جان آجي ٿيڻ.
**هنيانءَ تي چندبو پوڻ.** : دلجاءِ ٿيڻ/ تسلي اچڻ.
**هنيانءَ تي لڪيل هئڻ.**: پڪي يادگيري هئڻ.
**هنيئون ڦسڻ/ ڦسي پوڻ.** : روئي ڏيڻ/ دلگير ٿيڻ.
**هنيئون ڏاڍو ڪرڻ.** : دل پڪي ڪرڻ / ڏک کي برداشت

ڪرڻ جو حوصلو پيدا ڪرڻ.

**هنيئون لاهڻ / لاهي پوڻ.** : بي همت ٿيڻ.

### ◉ جيرو

**جيري خاطر ٻڪر ڪُهڻ.** : ٿوري ضرورت لاءِ وڏو زيان ڪرڻ.

**جيرا جلي وڃڻ.** : تمام گهڻو صدمو رسڻ.

### ◉ آنڊا

**آنڊا آخر آنڊا هئڻ.** : پيٽ جائي اولاد هر حال ۾ پيار هجڻ.

**آنڊا ڪڍي وجهڻ.** : سخت سزا ڏيڻ.

**آنڊا گجيون**

**ڪڍي ٻاهر ڪرڻ.** : راز ۽ عيب ظاهر ڪرڻ.

**آنڊا منهن ڏي ورڻ.** : سخت ايذاءُ/ صدمو رسڻ.

**آنڊا ڳِرڙ جي**

**حوالي ڪرڻ.** : امانت بديانت ماڻهوءَ

جي حوالي ڪرڻ.

**آنڊن جو**

**قل هو الله پڙهڻ.** : ڏاڍي بک لڳڻ / بک ۾ ٻاهه ٿيڻ.

**آنڊن ۾ هٿ پوڻ.** : پنهجن جو احساس ٿيڻ/ تڪليف رسڻ.

**آنڊي جو وڪڙ لاهڻ.** : ٻڪن ڪان پوءِ ڍَو ڪري ڪائڻ.

**آنڊي جي ڇَرَ هئڻ.** : اولاد جي وڇوڙي

يا موت جو صدمو رسڻ.

**آنڊين گونڊين ڳنڍجڻ** : سڳابندي ڪرڻ.

### ◉ رتُ

**رت ٿهڪڻ/ ٻگڙڻ.** : ڪاوڙ اچڻ.

**رت جا دست تي پوڻ.** : سخت صدمو پهچڻ.
**رت جا ڍُڪ پيرڻ.** : صدمو برداشت ڪرڻ.
**رتو چاڙهڻ ڪرڻ.** : خونريزي ڪرڻ.
**رت روئڻ.** : ڏاڍو تنگ ٿيڻ/ گهڻي شڪايت ڪرڻ.
**رت ست ڏيڻ.** : سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏڻ.
**رت ريلا ڏيڻ.** : تمام گهڻي خونريزي ٿيڻ.
**رت ڪتائي نہ ڇنڻ.** : گهڻي رت وهي پوڻ.
**رت ڪري ڇڏڻ.** : تنگ ڪري ڇڏڻ/ بيزار ڪرڻ.
**رت جو دانگيءَ تي ورڻ.** : عزيز يا مائٽ جو قياس پوڻ.
**رت ولوڙڻ.** : سخت محنت ڪرڻ.
**رت وهائڻ.** : قرباني ڪرڻ/ خيرات ڪرڻ / خون خرابو ڪرڻ.

## ◉ خون

**خون پاڻي هڪ ڪرڻ.** : سخت محنت ۽ مشقت ڪرڻ
**خون پيئڻ.** : ڳڻتيءَ ۾ ڳرندو رهڻ/ انتقام وٺڻ.
**خون خشڪ ٿيڻ.** : ڊڄي وڃڻ/ دهلجي وڃڻ.
**خون جو پياسو هجڻ.** : جانِ جو دشمن بڻجي پوڻ.

## ◉ پيٽ

**پيٽ پرجڻ.** : مستي ڪرڻ/ هوند وارو ٿيڻ.
**پيٽ تي بيهارڻ.** : رڳو ٽن ويلن مانيءَ تي نوڪر بيهارڻ.
**پيٽ تي ڪمائڻ.** : فقط مانيءَ عيوض خدمت ڪرڻ.
**پيٽ جي لڳڻ.** : بُک جي ڳڻتي ڪرڻ/ روزگار جو فڪر ٿيڻ.

**پيٽ جي مار ڏيڻ.** : ڪجهي سزا ڏيڻ.
**پيٽ ڏيکارڻ.** : ڳجهيون ڳالهيون ظاهر ڪرڻ/ هيٺو حال اورڻ.
**پيٽ ڏيڻ.** : دل جي ڳالهه ٻڌائڻ.
**پيٽ ڪڍڻ.** : ٿلهو ٿيڻ/ پيٽ نڪري اچڻ/ راز معلوم ڪرڻ.
**پيٽ ڪرڻ.** : پيٽ چيرڻ (پڪيءَ جو).
**پيٽ تي پٽيون ٻڌڻ.** : بکون ڪڍڻ/ فاقا ڪرڻ.
**پيٽ لاهي پوڻ.** : لالچ يا هبچ ڪرڻ.
**پيٽ لکي ڏيڻ.** : نياڻيءَ جو سڱ اڳواٽ لکي ڏيڻ.
**پيٽ ۾ ڏاڙهي هئڻ.** : ننڍي عمر ۾ وڏو عقل هئڻ.
**پيٽ ۾ ساهه پوڻ.** : دلجاءِ ٿيڻ/ خوف لهي وڃڻ.
**پيٽ وڌڻ / وڏي وڃڻ.**: گهڻو اولاد ٿيڻ.

## ◉ پيُ

**پيپ پرڻ.** : حرام جو پئسو ونڻ/ حرام کائڻ.
**پيپ ڦاٽڻ.** : تمام گهڻو کائڻ.
**پيپ واءُ ٿيڻ.** : مغز ۾ مستي ٿيڻ.

## ◉ ڪمَر

**ڪمر ٻڌڻ.** : همت ڪرڻ.
**ڪمر ٽٽي پوڻ.** : جوان اولاد جو صدمو رسڻ.

## ◉ چيلهه

**چيلهه سڌي ڪرڻ.** : ٿورو وقت ليٽي پوڻ.
**چيلهه ٽُٽي پوڻ.** : سخت صدمو رسڻ.

### ◉ پُٽ/ پُٽي

**پٽ پرڻ.** : اولادي ٿيڻ.

**پٽ پرائي ڪرڻ.** : مدد ڪرڻ/ همٿائڻ/ حمايت ڪرڻ.

**پٽ پڌري ٿيڻ.** : پٽ جمڻ.

**پٽ ورائي ڏسڻ.** : پنهنجا عيب جاچڻ.

**پٽا سيڪڻ/ سيڪائڻ** : ڏاڍي مار ڏيڻ/ ملڻ.

**پٽيءَ تي هٿ رکڻ.** : همٿ ٻڌائڻ/ مدد ڪرڻ/ دلاسو ڏيڻ.

**پٽي ٺپڻ.** : دعا ڪرڻ / همٿ وڌائڻ.

**پٽي ڏيڻ.** : پڄڻ، هار مڃڻ.

**پٽيءَ پويان اڇلڻ.** : درگذر ڪرڻ.

### ◉ گوڏو / گوڏا

**گوڏا ڪوڙڻ/ ڪوڙائڻ.** : آڻ مڃڻ / مڃائڻ.

**گوڏا هميشه**

**پيٽ ڏي ورڻ.** : پنهنجن ڪي فائدو پهچائڻ/ پاسداري ڪرڻ.

**گوڏن تا گندي ڪٽڻ.** : حياءُ شرم ڇڏي ڏيڻ/ لڄ لاهي بيهڻ.

**گوڏن ۾ منهن وجهڻ**: سوچ ۾ ويهڻ/ مايوس ٿيڻ.

**گوڏي هيٺ ڪرڻ.** : دٻائي رکي ڇڏڻ/ نيڪال نہ ڪرڻ.

### ◉ ڇنگهون

**ڇنگهون ڊگهيون ڪرڻ.** : ٿورو آرام ڪرڻ.

**ڇنگهون ساهڻ.** : ڇهل قدمي ڪرڻ.

**ڇنگهون هڻڻ.** : رلڻ، گهٽو پنڌ ڪرڻ.

### ◉ ٽنگ / ٽنگون

**ٽنگ ڊگهيرڻ.** : ڪاروبار وڌائي ڇڏڻ.

**ٽنگ ڪٽي بيهڻ.** : حساب پورو نہ بيهڻ.

**ٽنگ هيٺيان لنگهڻ.** : آڻ مڃڻ / عاجز ٿيڻ.

**ٽنگ وچڙائڻ/ ڦاسائڻ.** : حصو ڳنڍڻ/ ڀائيواري ڪرڻ.

**ٽنگون ڀڃڻ.** : سخت سزا ڏيڻ.

**ٽنگون ساهڻ.** : هوا خوري ڪرڻ.

**ٽنگ ٽنگ تي**

**چاڙهي ويهڻ.** : بي فڪر تي ويهڻ.

## ◉ لَتَ

**لت ڳوري ٿيڻ.** : زور بار پوڻ / وڏي سفارش ٿيڻ.

**لت هٽڻ / هٽي بيهڻ.** : جواب ڏئي ڇڏڻ/ انڪار ڪرڻ/ جانور جو کير نہ ڏيڻ/ ڪٽي وڃڻ

## ◉ پير

**پير اٽڪائڻ/ اڙائڻ.** : شامل ٿيڻ/ دخل اندازي ڏيڻ.

**پير بہ نہ ڌوئاري سگهڻ.** : مقابلي ۾ تمام گهٽ هئڻ.

**پير ٽپڻ.** : ترسي نہ سگهڻ / آرام نہ اچڻ.

**پير ترڪڻ.** : غلطي/ گناهہ تي پوڻ.

**پير تي پورو نہ هئڻ.** : غلط راهہ اختيار ڪرڻ.

**پير تي کهاڙو هڻڻ.** : پنهنجو نقصان پاڻ ڪرڻ.

**پير تي هلڻ.** : نقل ڪرڻ / پيروي ڪرڻ.

**پير پائڻ / وجهڻ.** : همت ڪري هليو اچڻ/ ڳهري اچڻ.

**پير جهلڻ.** : فضول خرچ نہ ڪرڻ/ تعلقات جهڪا ڪري ڇڏڻ.

**پير ڊگهيرڻ.** : خرچ وڌائي ڇڏڻ.

**پير رڪيب ۾ هئڻ.** : سفر اختيار ڪرڻ/ مسافري ڪرڻ.

**پير زمين تي نہ پوڻ** : فرصت نہ ملڻ / يج ڊُڪ ۾ هئڻ.

**پير سدورا ٿيڻ.** : مراد پڄڻ/ خوشي حاصل ٿيڻ.

**پير قبر ۾ لڙڪائي ويهڻ.**: مرڻ کي ويجهو هئڻ / آخري عمر ٿيڻ.

**پير ڪڍڻ / ڪڍي ڇڏڻ.** : ڌوڪو ڏيڻ / جوکو رسائڻ.

**پير ڪيرائڻ.** : گسائڻ/ ٿٿائڻ/ ڦري وڃڻ.

**پير ڪُپڻ.** : نهي جڙي ويهڻ.

**پير ڪٽڻ.** : رستو رکڻ / جهمر هڻڻ.

**پير ڪوڙڻ.** : پڪي طرح رهڻ / جاءِ ڪرڻ.

**پير گسائڻ.** : هر هر اچڻ.

**پير لهڻ.** : ويم ڪرڻ.

**پير مان لاهي**

**منهن ۾ هڻڻ.** : پاڻ کي هٿ وني گلارو ڪرڻ.

**پيرن کي ميندي لائڻ.** : اجايا عذر پيش ڪرڻ.

**پيرن ۾ هئڻ.** : ماريل هئڻ/ ماتحت هئڻ.

**پيرن ۾ ٻيڙي پوڻ.** : شادي ٿيڻ.

**پير هيٺيان نڪري ڏيڻ.** : ڪارڻ / بگاڙڻ.

**پيرين ياري ٿيڻ.** : پيٽ ٿيڻ.

**پير سيرين ٿيڻ.** : ويم ڪانپوءِ پنڌ ڪرڻ.

**پيرن جي جتي هئڻ.** : عاجز/ نيچ هئڻ.

**پير جي جُتي**

**مُنهن ۾ لڳڻ.** : زيردست يا گهر جي نندي ياتيءَ جو بيحياءُ تي بيهڻ.

## ◉ قدم

**قدم بقدم هلڻ.** : پوري طرح پيروي ڪرڻ.

**قدم چمڻ.** : عاجزي ڏيکارڻ / پيش پوڻ.

**قدم ڪٽڻ.** : رسم رواج رکڻ / واسطو رکڻ.

**قدم ڀورو هئڻ.** : نڀاڳو / بدنصيب هئڻ.

**قدم وڌائڻ.** : زياده خرچ ڪرڻ / وِت کان وڌيڪ هلڻ.

### ◉ ڳُڙي

**ڳُڙي ڪرڻ.** : ڀڄي وڃڻ.

**ڳُڙي تپائڻ.** : ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ جلدي ڪرڻ.

**ڳُڙيون ڳسائڻ.** : ڳهٽا پنڌ ڪرڻ / حاضري ڏيڻ.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مٿين اصطلاحن کان علاوه انساني عضون جي حوالي سان ٻيا بہ ڪي اصطلاح موجود آهن، پر هتي پيش ڪيل اصطلاحن منجهان اسان کي اهو اندازو ٿي وڃي ٿو تہ سنڌي ٻولي انوکن اصطلاحن جي لحاظ کان ڪيڏي نہ اهميت جوڳي آهي ۽ هن مضمون منجهان سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ افاديت جو چڱيءَ پَر اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

# سنڌي سماج ۾ مروج شادي غمي ۽ ٻين رسمن متعلق اصطلاحن جو جائزو

ڪنهن بہ مهذب ۽ عوامي ٻولي جي پرک لاءِ ٻين نشانين سان گڏ اها پڻ هڪ وڏي نشاني آهي تہ ان ۾ معاشري جي رسمن رواجن، شادين غمين ۽ اٿي ويهڻي متعلق اصطلاح پهاڪا ۽ چوڻيون موجود هجن. جڏهن اسان سنڌي زبان کي انهيءَ معيار کان پرکيون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي قسم جا بيشمار اصطلاح، پهاڪا ۽ چٽيون موجود آهن. جيڪي خوبصورت ۽ بامعنيٰ لفظن سان سينگاريل ٿيل آهن.

هتي سنڌي سماج جي مختلف شادي غمي جي رسمن ۽ واقعن سان منسوب اصطلاحن مان ڪجهہ مثال طور پيش ڪجن ٿا. جن مان سنڌي زبان جي مهذب ۽ معياري هجڻ جا چٽا چوکا ثبوت ملن ٿا.

**پڪيءَ پير ۾ چاپڙ هڻڻ: (سڱ جي گُهر ڪرڻ، سڱ چڪائڻ.)**

جن گهرن ۾ نياڻيءَ جو وياءُ جوان ٿيندو آهي تہ اهڙي ٻاٻور پوڻ تي پنهنجي عزيزن، رشتيدارن توڙي ڪن صورتن ۾ ڌارين طرفان گهوٽيتي ڌُرِ جا انهن گهرن ڏانهن نياڻيءَ جو سڱ چڪائڻ لاءِ پيغام موڪليندا آهن. پوءِ جتي لڪئي جو ليک ٿيٽو هوندو آهي اُتي ٿيندو آهي. سڱ جي گُهر جي پَڪي پير ۾ چاپڙ هڻڻ جي اصطلاح سان مطابقت ڪيتري نہ موزون ۽ معياري لڳي ٿي.

**وات وڪيل هئڻ: (پنهنجي راءِ جي اظهار جي قوت هجڻ.)**

جڏهن ڪنواريتن ڏانهن مختلف طرفن کان شاديءَ جا پيغام اچڻ لڳندا آهن تہ پوءِ والدين پنهنجي نياڻيءَ جي راءِ معلوم

ڪرڻ چاهيندا آهن. ڇالاءِ ته عاقل بالغ نياڻيءَ کي اهڙو حق مذهب توڙي سماج طرفان ڏنو ويو آهي ته هوءَ پنهنجي رشتي جي معاملي ۾ پاڻ فيصلو ڪري. پوءِ سڌي يا اڻ سڌي طرح ڇوڪريءَ جي راءِ معلوم ڪري ونبي آهي. اهڙي راءِ يا فيصلي واري عمل کي وُات وڪيل هجڻ سان تشبيهه ڏني ويئي آهي.

**نڪُ ٽوپڻ:** (مڱڻي جي رسم ادا ڪرڻ.)

جڏهن گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن ۾ ڳالهيون پڪيون ٿي ويندڙيون آهن ته پوءِ مڱڻي جي تاريخ طئي ٿيندي آهي ۽ ان موقعي تي ڪنوار کي مُندي پارائڻ ۽ ٻين رسمن کان علاوه عام طور سندس نڪُ ٽوپيو ويندو آهي، جنهن کانپوءِ رشتو پڪو تصور ڪيو ويندو آهي.

**جندو پاڙو لکي ڏيڻ:**

**(گهوٽ جو ساهرن سان گڏ رهڻ جو شرط قبول ڪرڻ.)**

شاديءَ جي شرطن ۾ ڪي ڪنواريتا اهو شرط وجهندا آهن ته گهوٽ کي گهر جياٽو ٿي رهڻو پوندو. يعني هو ساهرن سان گڏ رهندو. گهوٽيتا جڏهن اهو شرط قبول ڪندا آهن ته ان قبوليت يا اقرار کي ’جندو پاڙو لکي ڏيڻ‘ چيو ويندو آهي. عام طور ڏنو ويو آهي ته اهڙي قبوليت لکي ڏيڻ لاءِ اهڙا مرد تيار ٿيندا جن جي واهر ڪرڻ وارا پوئتي ڪو نه هوندا آهن يا سندن پنهنجن مائٽن مٽن سان ڪا اٽڪٽ هوندي آهي.

**پيٽُ لِکي ڏيڻ:** **(نياڻيءَ جو سڱ اڳواٽ لکي ڏيڻ يا اهڙو اقرار ڪرڻ.)**

ڪڏهن شاديءَ جي شرطن ۾ ڪنواريتا اهو شرط به وجهندا آهن ته شاديءَ کانپوءِ جيڪڏهن پهرين نياڻي جمي ٿي ته ان نياڻيءَ

جو سڳ هو پنهنجي ڪنهن ڇوڪري لاءِ ونندا. جنهن لاءِ گهوٽيتن ڪي هر حالت ۾ ٻَڌل رهڻو پوندو. گهوٽيتا جيڪڏهن اهو شرط منظور ڪن تا تہ سندن اهڙي اقرار ڪي پيٺ لکي ڏيڻ ڇئبو آهي. ڪڏهن بي اعتمادي جي حالت ۾ اهڙو اقرار باضابطہ لکي ڏنو ويندو آهي.

**شينهن ڳُلهي چاڙهڻ:** (نياڻي اٿارڻ. نياڻيءَ جي شادي ڪرائڻ.)

جڏهن گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن جي وچ ۾ رشتي جي سلسلي ۾ ڳالهيون پڪيون ٿي وينديون آهن تہ پوءِ ڇوڪري پرڻائي ڏني ويندي آهي. والدين پنهنجو اهو اهم فرض ادا ڪرڻ بعد شڪرانا بجا آڻيندا آهن ۽ سک جو ساه کڻندا آهن. نياڻيءَ جي انهيءَ پرڻائڻ واري عمل کي شيهن مان مراد مرد آهي. جيئن تہ عورت کي مرد ڪانسواءِ ڪمزور ۽ غيرمحفوظ تصور ڪيو ويندو آهي. جهڙيءَ ريت شينهن جي قبضي هيٺ آيل شيءِ کي محفوظ سمجهيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت مرد سان منسلڪ ٿيڻ بعد عورت محفوظ ٿي ويندي آهي.

**پلو پلي ٻڌڻ:** (ازدواجي رشتن ۾ ٻڌڻ لاءِ هڪ رسم ادا ڪرڻ.)

هيءَ هڪڙي رسم آهي، جنهن ۾ گهوٽ جي چادر جو پلوء ڪنوار جي چُني يا رئي سان ڳنڍ ڏئي ٻڌندا آهن. جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي تہ گهوٽ ڪنوار جو رشتو مضبوط رهي ۽ منجهن محبت وڌي.

**پيرين ڀاري ٿيڻ:** (عورت جي گود سائي ٿيڻ. عورت کي حمل ٿيڻ.)

شاديءَ ڪانپوءِ عورت ۽ مرد جي فطري ميلاپ جي نتيجي ۾ الله تعاليٰ جي مرضيءَ مطابق عورت جڏهن حاملہ ٿيندي آهي تہ اهڙي عمل لاءِ گود سائي ٿيڻ يا عورت جو پيرين ڀاري ٿيڻ جهڙا مبهم اصطلاح استعمال ڪيا ويندا آهن.

**هٿ پير لهڻ:** (ويم ڪرڻ / ٻار پيدا ٿيڻ.)

حمل ٿيڻ کانپوءِ ڪجهه ڏينهن مٿي نون مهينن کانپوءِ جڏهن عورت جي پيٽان ٻار پيدا ٿيندو آهي، ته عورت جي اهڙي ڪيفيت مان گذرڻ کي پير لهڻ يا هٿ پير لهڻ جي اصطلاح سان سڏيو ويندو آهي.

**ڏانيئڻ ڏوئيڻ اٿڻ:** (ويم جي تڪليف ڪاٽي اٿڻ، پاڪ صاف ٿيڻ.)

**پيرين سيرين ٿيڻ:** (ويم کانپوءِ ڪم ڪار ڪرڻ جي لائق ٿيڻ.)

جيئن ته عورت لاءِ ويم واري ڪيفيت انتهائي تڪليف ده بلڪ موت حيات جي ڪشمڪش واري هوندي آهي، جنهن مان خيرخوبي سان گذرڻ بعد اهڙي عورت لاءِ مٿيان اصطلاح استعمال ڪيا ويندا آهن.

**پينگهو لُڏڻ:** (خاص طرح پٽ جو اولاد ٿيڻ.)

خاص طور تي جڏهن گهر ۾ پٽ ڄمندو آهي ته مائٽن ۾ شادمانا ٿي ويندا آهن ۽ اهڙي جوڙي کي وڏو ڀاڳوند سمجهيو ويندو آهي جنهن کي پهريٽي پٽ ڄمندو آهي. خاص طرح اهڙي عورت جو ڳاٽ فخر کان اوچو ٿي ويندو آهي. بدقسمتيءَ سان عام طور اسان جي سماج ۾ پٽ کي نياٽيءَ تي هميشه کان فوقيت حاصل رهي آهي. ڪنهن کي دعا ڏني ويندي آهي ته ٻه ڏڌ پٽ ۾ اضافي لاءِ چيو ويندو آهي. جمن چارڻ واري دعا ساري سنڌ ۾ مشهور آهي. جنهن ۾ هن الله سائين کان گهريو هو ته ”سوني ٻانهينءَ سان ٽُنهن، پٽ جهوليءَ ۾، ماڙيءَ تي کير ولوڙيندي ڏسان.“

ٻي اولاد فقير جمن چارڻ جي دعا ڪيڏي نه جامع آهي. چيو وڃي ٿو ته فقير جنهن وقت اها دعا گهري هئي ته ان وقت سندس حياتيءَ جو سج ٽيهري ٻه ٽپي چڪو هو ۽ هو پنهنجون اکيون ٻه وڃائي وينو هو. ان عمر ۾ فقير خدا کان سوني ٻانهينءَ سان ٽُنهن گهري جنهن جو مطلب ٿيو ته ڪيس پٽ جو اولاد ٿئي جيڪو جوان

ٿي شادي ڪري وني گهر وني اچي، جنهن کي سوني ٻانهين پيل هجي، معنيٰ رز زيور جي جهجهائي هجي. هاڻي فقير جي دعا جو ٻيو حصو تہ سندس نُنهن کي پٽ جهوليءَ ۾ هجي، يعنيٰ فقير پٽن پوٽن وارو ٿي وڃي ۽ دعا جو ٽيون حصو ماڙيءَ تي پنهنجي ننهن کي ڪير ولوڙيندي ڏسي. ماڙي مان مراد خوشحالي ۽ ڪير ولوڙڻ جو مطلب ٿيو تہ هو مالوندو پڻ ٿئجي وڃي. اها سموري خوشحاليءَ ۽ بخت ڀاڳ توڙي نُنهن پوٽو هو اکين سان ڏسڻ لاءِ ڏٽيءَ در دعاگو آهي جنهن جو مطلب ٿيو تہ فقير جي نور جي روشني بہ واپس وري اچي.

**مور ڪان وياج مٺو لڳڻ:**

**(پٽ يا نياڻيءَ ڪان پوٽو/ پوٽي يا ڏهٽو / ڏهٽي مٺا لڳڻ.)**

جڏهن جوان اولاد کي پرڻايو ويندو آهي ۽ وري انهن کي اولاد ٿيندو آهي تہ ڏاڏو ڏاڏي يا نانو ناني پنهنجي اولاد ڪان اولاد جي اولاد يعنيٰ پوٽن پوٽين ۽ ڏهٽن ڏهٽين کي وڌيڪ ڀائيندا آهن ۽ انهن سان تمام گهڻو پيار ڪندا آهن. پيار جي انهي ورڇي وڃڻ لاءِ سياڻن ۽ سپورنجن مور ڪان وياج مٺو لڳڻ وارو اصطلاح جوڙيو آهي. جيڪو ڪيترو نہ مناسب ۽ وقتائتو لڳي رهيو آهي.

**سهاڳ لهڻ: (رن زال ٿيڻ / مڙس مري وڃڻ.)**

موت هڪ اهڙي اٽل حقيقت آهي جنهن ڪان ڪو بہ جاندار هرگز بچي نٿو سگهي. انسان پل جوانيءَ ڪان پيريءَ رسي ۽ سندس عمر سو سالن ڪان بہ چڙهي چو نہ وڃي پر آخر ڪيس اڳتي هلڻو پوي ٿو. عمر جي ڪنهن بہ حد ۾ اها جواني هجي توڙي پيرسني، جڏهن ڪنهن عورت جو مڙس مري ويندو آهي تہ اها رن زال ليکي ويندي آهي. جنهن لاءِ سهاڳ (وَر يا مڙس) لهڻ جو اصطلاح جوڙيو ويو آهي. اسان جي سنڌي سماج ۾ اهڙي عورت پاڻ کي سخت اياڳي تصور ڪندي آهي. هن جي هميشہ اها خواهش

هوندي آهي ته شال پنهنجي مڙس جي هٿن ۾ سرهي ٿئي. يعني سندس لوڙه هٿن سان مڙس لٿي.

**ڪيرين پُٽين جُڙيو رهڻ:** **(مال ۽ اولاد جي خير لاءِ دعا ڪرڻ.)**

متين دعائيه اصطلاح ۾ ڪير مان مراد مال آهي يعني ڪير ڏيندڙ جانور منيهون، ڳئون وغيره. اصطلاح ۾ چوپائي مال جي جهجهائي سان گڏوگڏ اولاد جي جڙيي جيئري رهڻ جي پڻ دعا ڪيل آهي. معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان هيءُ اصطلاح ڪيترو نه جامع لڳي ٿو.

**ڇني ڦاڙي ويهڻ / نبيري نچيڙي ويهڻ:**

**(مٽي مائٽي ٽوڙي ڇڏڻ، تعلقات ختم ڪري ڇڏڻ.)**

انساني سماج ۾ سوين اهڙا مسئلا پيدا ٿيندا رهن ٿا جيڪي اختلاف جو باعث بڻجي پون ٿا ۽ ڪن صورتن ۾ ته رتُ جا رشتا به انهن اختلافن جو شڪار ٿي ٽُٽي ويندا آهن. قرب قرابت، ميٺ محبت ۽ مٽي مائٽي وغيره ويڇي، وير ۽ نفرت ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. مائٽ هڪ ٻئي سان مرٽي پرٽي کان به الڳ ٿي ويندا آهن. ايتري قدر تعلقات ڦٽي وڃڻ لاءِ ڇني ڦاڙي ويهڻ جو اصطلاح نهايت موزون ۽ مناسب جوڙيو ويو آهي.

**ٽالهي پاڄي مان ڪڍي ڇڏڻ:** **(برادريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ.)**

**حقو پاڻي بند ڪرڻ:** **(قطع تعلق ڪري ڇڏڻ.)**

جڏهن ڪنهن خاندان ۾ ڪو اهڙو فرد يا افراد پيدا ٿيندا آهن. جيڪي پنهنجي غلط ڪارين ۽ بد اعمالين سبب خاندان لاءِ ڪارنهن جو ٽِڪو ثابت ٿيندا آهن ته راڄ جا ماڻهو گڏجي مشترڪ فيصلي تحت اهڙن فردن يا فرد سان تعلقات ٽوڙي ڇڏيندا آهن، جنهن تحت شادي غمي ۾ ساڻن ڪو به ڪو نه اُٿندو ويهندو آهي ۽

نہ ڪين پنهنجي تقريبن ۾ ڪانديو ويندو آهي. اهڙا ماڻهو پنهنجي راڄ ڀاڳ هوندي بلڪل اڪيلا ۽ نڌڻڪا رهجي ويندا آهن.

**تڏي تي لڙي وڃڻ:**

**(اختلاف وساري دشمن جي در چڙهي وڃڻ، دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ)**

ٻن ڌرين ۾ پيدا ٿيل اختلافن ۽ دشمنيءَ جي باوجود ڪن صورتن ۾ هڪ ڌر ڪي ٻيءَ ڌر ڏانهن سمورا اختلاف وساري دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ لاءِ وڃڻو پوندو آهي. انهيءَ فراخدليءَ جي نتيجي ۾ اڪثر دشمنيون دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وينديون آهن ۽ ڏُريون ڪيرڪنڊ ٿي وينديون آهن. اهڙي مثبت عمل لاءِ تڏي تي لڙي وڃڻ وارو اصطلاح استعمال ٿيندو آهي، جيڪو پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان ڪيڏو نہ جامع نظر اچي ٿو.

**ننهن کان ماس جو جدا نہ ٿيڻ: (رت جا رشتا هميشہ لاءِ نہ ٽٽڻ)**

خاندان جي افراد ۾ وقتي طور ويڇا پئجي وڃڻ نئين يا غير فطري ڳالهہ نہ آهي. ڇالاءِ تہ عام چوڻي آهي تہ هڪ گهر ۾ ٻہ ٺڪر ٻہ ٺهڪندا آهن. پر وقت گذرڻ سان خاندان ۾ پيل اُهي وِريون ۽ ويڇا ختم ٿي ويندا آهن. عام طور جڏهن ان خاندان جي ڪنهن اهڙي فرد يا افراد تي اولو وقت ايندو آهي جن/ جنهن سان اڳ اختلاف هوندا آهن تہ ان وقت اهي رت جا رشتا وري ڳنڍجي ويندا آهن ۽ اهي اختلاف دور ٿي ويندا آهن. اهڙي فطري تعلق ۽ ڳانڍاپي لاءِ ننهن جو ماس کان جدا نہ ٿيڻ وارو نهايت با معنیٰ ۽ وقتائتو اصطلاح استعمال ڪيو ويندو آهي.

# سنڌي ٻوليءَ جا چند غير معمولي اصطلاح

اصطلاح ٻوليءَ جو نه فقط سينگار آهن پر ستريل ۽ مهذب ٻوليءَ جو اهڃاڻ پڻ. سنڌي زبان انهيءَ زيور سان پوريءَ ريت آراسته آهي. پر ان جي اضافي خوبي اها آهي ته اهو زيور فقط عام موتين سان مزين ٿيل نه آهي بلڪ ان تي انمول هيرن جي جڙاوت پڻ ٿيل آهي. اهي انمول هيرا اهڙن غير معمولي اصطلاحن جي صورت ۾ آهن، جيڪي ٻوليءَ جي سونهن کي جرڪائين ٿا، ۽ ان ۾ نکار پيدا ڪن ٿا، اهڙن اصطلاحن کي ’غير معمولي‘ ان ڪري سڏيو ويو آهي جو اهي پنهنجي اندر وڏي معنیٰ سمائين ٿا ۽ اهڙن اصطلاحن مان اسان جي سگهڙن ۽ سپورنجن جي ذهانت ۽ قابليت پڌري ٿئي ٿي. اهڙن اصطلاحن جو اسان جي روز مره جي ٻوليءَ ۾ وڏ ۾ وڏ استعمال ٿيڻ گهرجي.

سنڌي زبان ۾ اهڙن غير معمولي اصطلاحن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هتي اهڙا چند اصطلاح الف ب وار ترتيب سان پيش ڪجن ٿا، جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي مهذب ۽ شاهوڪار هجڻ جا روز روشن دليل ملن ٿا. مُٺ مان خرار پرکڻ جي مصداق اهڙن اصطلاحن مان ڪن جي ٿوري وضاحت به ڪئي وئي آهي. مضمون جي طوالت کي نظر ۾ رکي باقي اصطلاحن جِي آخر ۾ فقط وچور ڏني ويئي آهي.

**اُپ ۾ ڪکر ٿيڻ**: اميد واري ٿيڻ، عورت جو پيرين ڀاري ٿيڻ

اُپ ۾ ڪکر خوشحالي ۽ شادابي جي نشاني سمجهيو ويندو آهي. هن اصطلاح ۾ ڪهڙي نه خوبصورت نموني سان عورت جي حامله هجڻ واري عمل ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

**پيرل جي پڳڙي ميرل جي مٿي تي رکڻ**: هڪ جو حق ڪسي ٻئي کي ڏيڻ.

هن اصطلاح ۾ اسان جي معاشري مان ٻه عام نالا ڪٽي انهن کي تجنيس حرفي جي هنر ذريعي اهڙيءَ ريت رکيو ويو آهي، جو پڙهندڙ نه رڳو حظ حاصل ڪري ٿو، پر انهن مان بامقصد معنيٰ پڻ نڪري ٿي. ڪنهن جي حق تلفي ڪرڻ برو عمل آهي.

اڳيان ٻاهه ته پنيان پاٽي هئڻ: ٻن مصيبتن ۾ هجڻ.

جڏهن ڪنهن انسان کي اڳيان ٻاهه ۽ پنيان پاٽي هجي ته سندس بچڻ جون سڀ واٽون بند ٿي وينديون. چا لاءِ ته هو هڪ وقت ٻن مصيبتن ۾ هوندو. هن اصطلاح ۾ ٻاهه جي ساڙڻ ۽ پاڻيءَ جي ٻوڙڻ واري عمل کي علامت طور پيش ڪيو ويو آهي.

اڳينِ ڳاههُ پوينِ پاٽي ڏيڻ: بي انصافي ڪان ڪم وٺڻ.

هتي اڻ برابريءَ وارو سلوڪ روا رکڻ ڏانهن اشارو آهي. جتي اڳين کي ڳاهه ۽ پوين کي رڳو پاٽي ملندو ته اهڙو نظام گهڻو وقت هلي ڪو نه سگهندو. اها هڪ اٽل حقيقت آهي.

**ٻاندر جي ڳچيءَ ۾ موتين جي مالها ٻڌڻ:** نا اهل جي عزت وڌائڻ.

متيون اصطلاح ڪيترو نه دلچسپ ۽ عام فهم آهي. جهڙيءَ ريت موتين جي مالها جو قدر ۽ قيمت ٻاندر وت ٿي نٿو سگهي. اهڙيءَ طرح نا اهل ۽ نالائق انسان جي عزت وڌائڻ سان ڪيس اهل ۽ لائق بڻائي نٿو سگهجي.

**ٻاهه لڳڻ مهل کوهه کوٽڻ:**

مصيبت ۾ ڦاسڻ ڪاڻپوءِ ان جو تدارڪ ڪرڻ / اڳ ڳڻتي نه ڪرڻ.

اڳ ڳڻتي نه ڪرڻ وارن ماڻهن جو مثال متين اصطلاح ۾ ڪهڙي نه عمدي نموني ڏنو ويو آهي. اها ڪيڏي نه ناعاقبت انديشي ليکي ويندي جڏهن ڪو ٻاهه لڳڻ مهل کوهه جي کوٽائي ڪرڻ لڳي.

**ٻارهين پٽر کان ٻاهر ڪڍڻ**: ڄڀوءِ ڇڏائڻ / پري پري ڪڍي ڇڏڻ.

ڪنهن ماڻهوءَ کان بيزاريءَ جو اظهار ان ريت ڪيو ويندو آهي جو ماڻهو چاهيندو آهي ته سندس مخالف هن جي اکين کان ٽريل هجي. جيڪڏهن هن جو وس هلي ته جيڪر هو ڪيس جُوءِ مان ئي نيڪالي ڏياري ڇڏي. اهڙي اظهار لاءِ ڪهڙو نه موزون ۽ مناسب اصطلاح گهڙيو ويو آهي.

**ٻانهي تي ڪمائڻ ۽ ٻيٻي تي کائڻ / ٻانهي تي ڪمائجي، ٻيٻي تي کائجي**: محنت سان پورهيو ڪري سڻو گذران ڪجي.

هن نصيحت آميز اصطلاح ۾ محنت جي عظمت ۽ اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته انسان کي گهرجي ته محنت ۽ محبت سان پورهيو ڪري رزقِ حلال حاصل ڪري ۽ پوءِ ان حلال جي ڪمائي مان ڇگو کائي ۽ چوڙي. اهڙي انسان کي هميشه قلبي اطمينان حاصل رهندو.

**ٻليءَ نصيبن ڇڪو ٽٽڻ**: نصيب کلڻ / ڀاڳ ڀيڙو ڏيڻ.

انسان جي زندگيءَ ۾ تدبير جي وڏي اهميت آهي، پر تقدير واري عمل کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي. ڪڏهن تدبير جي نتيجي ۾ تڪميل تائين پهتل ڪم به ڊهي ويندا آهن، ته ڪڏهن اهڙا اڻ ٿيڻا ڪم ٿي ويندا آهن. جن جو ٿي وڃڻ انسان جي وهم گمان ۾ به نه هوندو آهن.

اهڙي ڳالهه کي متئين اصطلاح ۾ اسان جي سماجي زندگيءَ مان نهايت سولي مثال سان سمجهايو ويو آهي. ٻليءَ کان بچائڻ لاءِ جيڪا شيءِ ڇڪي ۾ رکي وڃي ۽ پوءِ اهو ڇڪو ئي ٽٽي پوي ته ان کي ٻليءَ جي خوش نصيبي کان سواءِ ٻيلا ڇا ٿو سڏي سگهجي!

**ٻُوڙو ٻڌي ويچار ڪرڻ**: ڪنهن نه ڪنهن سان ضرور صلاح ڪرڻ.

هن اصطلاح ۾ انسان جي عقلِ ڪُل نه هجڻ طرف اشارو ڪيو ويو آهي. اڪيلي ماڻهوءَ جي فيصلي ۾ غلطي جو احتمال ٿي

سگهي ٿو. تنهنڪري سياڻن اهڙو اصطلاح گهڙيو جنهن جو مطلب آهي ته انسان کي ڪنهن به مئسلي تي فيصلي ڪرڻ کان اڳ ڪنهن دوست همدرد يا ڄاڻوءَ سان ضرور صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو موجود نه به هجي ته اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن ڀوڙي سان ئي مشورو ڪجي، جيتوڻيڪ ڀوڙو ڪا صلاح ته نه ٿو ڏئي سگهي پر متين اصطلاح مان مراد اها ئي آهي ته ڪنهن به انسان جي لاءِ ڪنهن مسئلي ۾ منجهڻ بعد بار بار ويچارڻ ۽ صلاح ڪرڻ لازمي امر آهي.

**پڳيءَ سان پيرڻ**: ڏکين حالتن سان منهن ڏيڻ.

سکن ۾ گذارڻ سولو آهي پر ڏکن سان ڏورڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انسان ڪڏهن به هڪ ڪيفيت ۾ رهي ڪو نه ٿو سگهي. ڏک ۽ سک تارازيءَ جا ٻه پڙ آهن. انساني زندگيءَ جون ٻئي لازم ۽ ملزوم ڪيفيتون آهن. ڏاهن، ڏکن سان مردانه وار منهن ڏيڻ لاءِ متيون اصطلاح جوڙيو آهي. لطيف سائين رحه پڻ سُر سهڻي ۾ اهڙي ئي هدايت ڪندي فرمائي ٿو:-

**پڳيءَ سان ئي پير، جيسين رتو راس ٿئي (شاهه لطيف)**

**پوليءَ جي پچ کي باهه ڏيڻ**: چيڙاڪ کي وڌيڪ چيڙائڻ.

چيڙاڪ طبيعت رکندڙ ماڻهو عوام جي شرارت جو نشانو ٻڻبو آهي ۽ ماڻهو ڄاڻي واڻي ڪيس چيڙائي مزو وٺندا آهن. عام طور اهڙي ماڻهوءَ لاءِ چيو ويندو آهي ته 'اِهو اِهو ڪيوس ته چريو ٿئي.' متين اصطلاح ۾ اهڙي چيڙاڪ ماڻهوءَ جو مثال پوليءَ سان ڏنو ويو آهي. پولي هڪ اهڙو چيڙاڪ ۽ بي صبرو جانور آهي، جيڪو ٿوري چيڙائڻ سان مچرجي پوندو آهي ۽ چرڙات ڪرڻ شروع ڪندو آهي.

**تاجيءَ پيٽي پٽ هڻڻ**: اعلي خاندان يا نسب جو هڻڻ.

متين اصطلاح ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي اعليٰ نسب هئڻ ڏانهن اشارو آهي. يعني سندس پيءُ توڙي ماءُ ساڳي خاندان سان تعلق رکندا هجن، ۽ ان خاندان جو سنو نامچار هجي. عام طور سيد خاندان لاءِ چيو ويندو آهي ته جيڪڏهن سيد تاجي پيٽي پَٽُ آهي ته هن جو نڪو ثاني نڪو مَٽُ آهي.

متي تاجي پيٽي سان مشابهت ان ڪري ڏني ويئي آهي جو ڪپڙي ۾ تندون تاجي پيٽي هونديون آهن. عام طور ڪيترن ڪپڙن ۾ تندون هڪ خاص تناسب سان گڏيل هونديون آهن. مثال طور ڪي ڪپڙا پوليسٽر ۽ ڪاٽن ته اُن ۽ سُٽَ جي تندن سان تيار ڪيا ويندا آهن. جن ۾ هر هڪ جو تناسب مقرر ٿيل هوندو آهي. عام طور ان قسم جي ڪپڙي جو قدر ۽ قيمت ايترو ڪو نه هوندو آهي، جيترو ڪنهن تاجي پيٽي خالص ڪپڙي جو هوندو آهي. مثلاً: تاجي پيٽي پَٽَ جو ڪپڙو، بوسڪي جو ڪپڙو، خالص اُنَ جون شالون، خالص ڪاٽن (سُٽَ) سان تيار ڪيل ڪپڙو وغيره وغيره.

**تَرَ ڪان اڳ ٻَرَ ڪائڻ**: نفعي کان اڳ موڙي ڪائڻ.

متيون اصطلاح ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪم عقلي ۽ بي صبري جي نشاندهي ڪري ٿو. تَرَ ۽ ٻَرَ جو مثال نفعي ۽ موڙيءَ سان ڏنو ويو آهي. ڪو ماڻهو جڏهن نفعو ته نفعي جي ماڳ الٽو موڙي ڪائڻ ڪي لڳي وڃي ته ان کي احمق ۽ نادان سڏيو ويندو.

پرائي ٻوڙ تي ماني ٻڏڻ: ٻين جي عقل تي هلڻ.

انسان کي الله تعاليٰ اشرف المخلوق بڻايو آهي ۽ عقل جهڙي انمول نعمت سان مالا مال فرمائي مٿس وڏا وَڙَ ڪيا آهن. تنهنڪري ڪيس گهرجي ته پاڻ منجهه معامله فهمي پيدا ڪري ۽ پنهنجي عقل کي ضرور استعمال ڪري. فقط ٻين تي ياڙڻ واري

ماڻهوءَ لاءِ مٿيون اصطلاح ڪيترو نہ موزون ۽ مناسب آهي. پرائي ٻوڙ جي آسري تي ماني ٻڌي نڪرڻ ڪا عقلمندي نہ آهي.

**پرائي پاڇي چڪڻ**: گهر ڇڏي ٻئي هنڌ ڪري پوڻ/ ٻئي جي عزت ۾ اک وجهڻ.

متين ڪُڏي عمل جي جيتري بہ مذمت ڪجي اها ٿوري آهي. ٻئي جي ننگ ۾ اک وجهڻ ڪم ظرف ۽ ڪميڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي. پر اسان ڪي معاشري ۾ اهڙا بيشمار بي غيرت انسان نظر ايندا، جيڪي دولت ۽ جوانيءَ جي نشي ۾ پنهنجن ننگن کي ڇڏي يا انهن ڏانهن توجہ هٽائي اوباش قسم جي عورتن سان وجي ناتا جوڙيندا آهن. اهڙن انسانن کي پرائي پاڇيءَ ۾ وڌيڪ مزو ايندو آهي.

**پڳ جو پيچ پنهنجو هئڻ**: هر ڪنهن جي ريت رسم جدا هئڻ.

اها حقيقت آهي تہ هر هڪ سماج جون پنهنجون پنهنجون رسمون رواج ۽ طور طريقا هوندا آهن. اهڙي حقيقت کي پڳ جي پيچ سان مشابهت ڪيڏي نہ موزون ۽ مناسب محسوس ٿئي ٿي. هونئن بہ ڏٺو وڃي تہ هر هڪ ڪٽنب، قبيلي يا علائقي جي ماڻهن جي پٽڪي جو پير پنهنجو پنهنجو هوندو آهي.

**پلئہ پائي جهلڻ**: رضا تي راضي رهڻ، قبول ڪرڻ، سهائي وڃڻ.

انسان کي گهرجي تہ رب جي رضا تي هردم راضي رهي، ڇا لاءِ تہ اهو مهربان مالڪ آهي ۽ پنهنجن ٻندن سان بي انتها پيار ڪري ٿو. جيڪڏهن پنهنجي ڪنهن ٻندي کي وقتي طور ڪنهن تڪليف ۾ مبتلا ڪري ٿو تہ اها تڪليف ٻندي لاءِ ناقابلِ برداشت حد جي ڪا نہ هوندي آهي. پر جيئن تہ انسان نهايت بي صبرو آهي، تنهنڪري هو ٿوري تڪليف کي بہ وڏي مصيبت تصور ڪري

دانهون ڪندو رهي ٿو. جڏهن ته عبديت جي تقاضا اها آهي ته معبود جي هر حڪم تي بندو سرِ تسليم خم ڪري. الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن اهوئي رويو اختيار ڪيو. ڀٽائي صاحب رحه فرمايو:-

**ڏنا جي ڏاتار، سي جهوليءَ پائي مون جهليا.** (شاهه لطيف)

**پنبڻين سان لوڻ ڪٺائڻ**: تمام ڏکيو ڪم سر انجام ڏيڻ.

ڪنهن ڏکئي ڪم کي سر انجام ڏيڻ جي تشبيه پنبڻين سان لوڻ ڪٺائڻ واري محاوري ۾ ڪيتري نه موزون لڳي ٿي. پنبڻين سان لوڻ ڪٺائڻ جو تصور ئي ڪيترو تڪليف ده آهي.

**پنڊيءَ جو دشمن هئڻ**: ڪائڻ جو ڪرو هئڻ / سُچر هئڻ.

ڪي ڪي ماڻهو وڏا پيتوڙي هوندا آهن. جن کي مانيءَ جو دشمن تصور ڪيو ويندو آهي. اهڙا ماڻهو پيٽ کي پنهنجو ڪري ڪو نه پائيندا آهن. پر پوءِ گهٽي ڪائڻ جا نتيجا به خوب ڀوڳيندا آهن. پيتوڙي ماڻهن لاءِ مشهور محاورو آهي: 'ڦبيا اهي جيڪي ڦاٽي مئا، اسان ته پاڻ ڪٺايون تا وجون.' يعني پاڻ ڪٺائي وڃڻ وارو به پاڻ کي پيتوڙي ڪو نه پيو پائيئين.

**پير مان لاهي منهن ۾ هڻڻ**: پاڻ کي هٿ سان گِلارو ڪرڻ.

هڪڙا ماڻهو پاڻ کي State forward سڏائڻ / چوائڻ جي شوق ۾ پنهنجا ڊڪيل ڏوهه ثواب به پٽ پڌر ڪري ڇڏيندا آهن، ۽ ان ۾ فخر محسوس ڪندا آهن. مثال طور ڪن ماڻهن کي ائين چوندي ٻڌو ويو آهي. ته: ”سائين اسان جوانيءَ ۾ واهه جو شوق ڪياسين.“ يا ”اسان پنهنجي دور جا وڏا ڪاٽڪور رهيا آهيون.“ وغيره وغيره.

جاڳندن جون وَڇون ستلن جا ڪونهان هئڻ:

سجاڳ ۽ محنتي ماڻهوءَ کي لاڀ ملڻ. ۽ سست ۽ روڳي ماڻهوءَ کي ڪجهه به حاصل نه ٿيڻ.

سجاڳي ۽ محنت زندگيءَ جو دليل آهي. جڏهن ته ننڊ ۽ غفلت موت جي نشاني آهي. تنهنڪري جاڳندن کي سندن محنت جو لاڀ ضرور ملڻو آهي. لطيف سائين فرمايو.

**ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،**
**تن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لٿو مان،**
**ڪوڙين ڪن سلام، اچڻو آسڻ ان جي.**

ٻي طرف جيڪي غفلت جي ننڊ ۾ غلطان رهندا انهن کي مقصد جا موتي هرگز ملي ڪو نه سگهندا. مٿئين اصطلاح ۾ جاڳندن جون وچيون ڏيکاريل آهن. وڄ وڏي مينهن ٿيندي آهي، جيڪا پڻ مال ۾ برڪت جو باعث بڻبي آهي. جڏهن ته گهڻو ڪري ڪونهون ڪهڻ جي ڪم ايندو آهي. مال وندا ماڻهو وَڄِ جمڻ تي تمام گهڻو خوش ٿيندا آهن.

**جُتيءَ سوڌو جهوليءَ ۾ ويهڻ:** گستاخي ڪرڻ.

جتيءَ سوڌو جهوليءَ ۾ ويهڻ گستاخي ۽ بدتميزي جي نشاني آهي. مٿين محاوري کي ٻين لفظن ۾ هنيئَ ريت به لکيو ويندو آهي.

"هڪ وٽي ڪو نه ٻيو وري جُتيءَ سوڌو جهوليءَ ۾."

هن قسم جا لفظ عام طرح ناپسنديده شخص جي هرويرو ڳلِ پوڻ واري موقعي تي چيا ويندا آهن. ساڳي مطلب لاءِ هڪ ٻيو محاورو مشهور آهي.

**"هڪ وٽي ڪو نه ٻيو وچئون گرهه ڪٽي."**

**جَلَ جي مڇي جَلَ ۾ ڀلي هُئڻ** : هر ڪنهن شيءِ جو پنهنجي جاءِ تي سٺو لڳڻ.

اها هڪ حقيقت آهي ته هر ڪا شيءِ پنهنجي جاءِ تي موزون ۽ مناسب لڳندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي مناسب

جاءِ کان هٽائي يا مَٽائي رکبو تہ اها هرگز ڪا نہ سونهندي. سهڻي ذوق جي تقاضا بہ اها ئي آهي، ۽ قدرت جو نظام بہ ان ئي اصول تي قائم آهي. سج، چنڊ، تارا، جبل، آبشار، درياء، ڍنڍيون، سمنڊ، باغ بستان، مطلب تہ سڀ شيون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سهڻيون لڳن ٿيون. ساڳيون محاورو ڪجهہ اضِافي لفظن سان هن ريت بہ استعمال ٿيندو آهي.

**"اَنَ جي پَلي گهر ۾ پلي، جَلَ جي مچي جَلَ ۾ پلي."**

**جهڙو تارِ تهڙو تانگهو هئڻ**: هر حالت ۾ بي ڊپو رهڻ.

هي محاورو حالتن سان مردانہ وار مقابلو ڪرڻ ۽ ٿڏي ڪوسي سان منهن ڏيڻ واري بهادر انسان لاءِ ڪم ايندو آهي. شاعريءَ جي سِٽَ ۾ مٿيئن محاوري کي هن طرح رکيو ويو آهي.

**جنهن کي سرجو ناهي سانگو،**

**تنهن لاءِ جهڙو تار تهڙو تانگهو.**

**جيڪو ديڳ ۾ سو چمچي ۾ اچڻ**: جيڪو دل ۾ سو زبان ۾ تي اچڻ.

زبان دل جي ترجمان هوندي آهي. دل جو زبان سان گهرو تعلق آهي. جيڪي دل ۾ هوندو آهي، سوئي زبان سان اظهار ڪيو ويندو آهي. مٿيئن مفهوم کي ڪهڙن نہ سولن ۽ سهنجن لفظن جو روپ ڏئي اصطلاح ٺاهيو ويو آهي. ظاهر آهي تہ چمچي ۾ اهو ئي چڙهي ايندو جيڪو ديڳ ۾ موجود هوندو. هتي ديڳ کي دل سان ۽ چمچي کي زبان سان تشبيہ ڏني ويئي آهي.

**چاڪيءَ جي ڏاند کي گهر ۾ ئي ڪوهہ پنجاهہ:**

غريب ماڻهو سخت محنت ڪانپوءِ بہ ساڳيو ئي بدحال رهي ٿو.

هن اصطلاح ۾ غريب جي پورهئي کي چاڪيءَ جي ڏاند سان تشبيہ ڏني ويئي آهي. جهڙيءَ ريت چاڪيءَ جو ڏاند ويچارو سجو ڏينهن فقط هڪڙي ئي پٽي تي پيو ڦرندو آهي، ۽ ائين

ڪوهن جا ڪوهه ڪُتي ويندو آهي. ساڳي طرح مسڪين ماڻهو به روزانه سخت محنت ۽ مشقت بعد به ساڳي هنڌ بيٺو هوندو آهي ۽ ويچاري جو گذر، ’آٽين ۽ چاڙهين ڏث ڏهاڙي سومرا‘ وارو هوندو آهي. خوشحاليءَ جو ته هو خواب به ڏسي ڪو نه سگهندو آهي. چاڪيءَ جي ڏاند لاءِ ڪنهن شاعر خوب چيو آهي:

**نڪا سڙڪ سڌي ڪپي، نڪو سات سياءُ،**
**چاڪيءَ سندي ڏاند کي، گهر ۾ ئي ڪوهه پنجاهه.**

## درياهه پر تي واڳونءَ سان وير وجهڻ:

ڏاڍن جي حد ۾ رهي ساڻن مخالفت ڪرڻ. ڏاڍي سان پلئه ڪي مهمير ئي اتڪائيندا آهن. هي وڏو جان جوکي جو ڪم آهي. اصطلاح ۾ ڏاڍي يا ظالم جو مثال درياهه جي واڳونءَ سان ڏنو ويو آهي، واڳونءَ جو وير مشهور آهي. ڪي ظالم انسان وير وٺڻ ۾ واڳونءَ جو وير مشهور آهي. ڪي ظالم انسان وير وٺڻ ۾ واڳونءَ کان گهٽ ڪونه هوندا آهن.

## رِڍَ جي لت پيڏيءَ تائين:

ڪمزور ۽ غريب جي هٿان نقصان جو انديشو تمام گهٽ هجڻ.

رِڍ جانورن ۾ نهايت غريب ۽ مانيٽو جانور شمار ٿيندو آهي. جنهن مان نقصان جو امڪان تمام گهٽ رکبو آهي. اهڙي طرح غريب کي رِڍ سان تشبيه ڏئي اصطلاح ۾ آندو ويو آهي. مسڪين ماڻهوءَ مان به نقصان جو خطرو يا امڪان گهٽ رکبو آهي.

**زهر ترِيءَ تي رکي نه ڪائڻ:** بچڙي سنگت ۾ رهي به برائي اختيار نه ڪرڻ.

متين اصطلاح ۾ Will Power جو ذڪر ڪيو ويو آهي. بچڙي سنگت ۾ رهي به برائي اختيار نه ڪرڻ وڏي همت ۽ حوصلي جو ڪم آهي. ان لاءِ وڏي خود اعتماديءَ جي ضرورت آهي.

## سانوڻ جي انڌي کي رڳي ساوڪ نظر اچڻ:

غريبيءَ رسي ۾ اميريءَ جا خيال دل ۾ آڻڻ.

اها انسان جي فطرت آهي ته هو ڏک توڙي سک جي جن حالتن ۽ ڪيفيتن مان گذرندو آهي، انهن کي وساري ڪو نه سگهندو آهي. اهي سکيا توڙي ڏکيا ڏينهن وقت بوقت سندس ذهن جي پردي تي نقش ٿيندا رهندا آهن. وري جڏهن ڪو ماڻهو حالتن جي چپيٽ ۾ اچي عرش کان فرش تي پوندو آهي يعني هو سکن مان نڪري ڏکن جي حوالي ٿي وڃي ته سندس ذهن مان سکن پريو ماضي جلد وسري ڪو نه سگهندو. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ مذڪوره اصطلاح ڪيترو نه موزون ۽ مناسب جوڙيو ويو آهي.

## ڪڏهن ڏينهن وڏو ته ڪڏهن رات وڏي ٿيڻ:

زمانو هميشہ هڪ جهڙو نہ هئڻ.

حالتون هميشه هڪ جهڙيون ڪو نه رهنديون آهن. ڪڏهن ڏک ته ڪڏهن سک، ڪڏهن رنج ته ڪڏهن راحت، ڪڏهن سک جو وقفو وڏو ٿيندو آهي، ته ڪڏهن ڏک پهاڙن جيڏا اڳرا ٿي ويندا آهن. ڏکن وارا ڏينهن به سال پيا پائنبا آهن. ڪڏهن وري سک جي هڪ گهڙي صدين تي ڳري هوندي آهي. اهڙين ڪيفيتن لاءِ مٿيون اصطلاح منديءَ تي ٺڪ جهڙو محسوس ٿئي ٿو.

## ڪوئلن جي دلالي ڪرڻ ڪوئلن جو ڪاروبار ڪرڻ:

ٻچڙا ڪم ڪرڻ.

جهڙيءَ ريت ڪوئلن جو ڪاروبار ڪندڙ جا هٿ پير، لڱ لٽا ڪارا ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت ٻچڙا ڪم ڪرڻ سان ماڻهوءَ جي شخصيت داغدار ٿي پوندي آهي ۽ مٿس جڳ جهان جون آڱريون کڄنديون آهن ۽ هر ڪو ڪائنس نفرت ڪندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ جو مثال ڪوئلن جو ڪاروبار ڪرڻ واري سان ڏيڻ ڪيڏو نه مناسب ۽ موزون

لڳي ٿو. ٻيڙا ڪم ڪرڻ وارو انسان نہ فقط معاشري جي نظرن ۾ ڪري پوي ٿو پر الله جي حضور ۾ بہ گنهگار بڻجي ٿو جنهن ڪري سندس بُرن عملن جي سزا قيامت ۾ ڪيس ضرور ملندي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي غير معمولي اصطلاح ملن ٿا، تنهن ڪري هتي اختصار کان ڪم وٺندي هيٺ اهڙن اصطلاحن جي تشريح ڪانسواءِ رڳو معنيٰ تي اڪتفيٰ ڪندي مختصر وچور پيش ڪجي ٿي.

| | |
|---|---|
| **آنا انبن ۾ تہ ٻچا ٻيرن ۾ هئڻ:** | سچو ڪارخاتو ڏاتوان ڏول ڏيڻ. |
| **بهشت ۾ دوزخ جي ڏنگري هئڻ:** | آرام ۾ خلل وجهڻ. |
| **بي حيائي جو برقعو ڏڪڻ:** | لاهي پائي پيهڻ. |
| **ٻاهريون ٻنو رکڻ:** | مٿاچرو تعلق رکڻ. |
| **پنهنجي ڳاٻي جا ڏند ياد هئڻ:** | پنهنجي حال جي پوري خبر هجڻ. |
| **چلهہ ۾ ٻاهہ نہ دلي ۾ پاڻي هئڻ:** | مفلسيءَ ۾ گذران ڪرڻ. |
| **دمڙيءَ جي دال ٽي وقت چاڙهڻ:** | سخت ڪنجوسي ڪرڻ. |
| **ساڳي آويءَ جا ٺڪر هئڻ:** | ساڳي خاندان سان تعلق هجڻ. |
| **سڀ ڪي ساڳي لٺ سان ڪاهڻ:** | لچ توڙي اشراف سان ساڳي هلت هلڻ. |
| **سڳ ڪپائي ڳاٻن سان ڳنڍڻ:** | توجوان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ. |
| **سُوا ڳڌهہ ڦرَ تي اچڻ:** | ڪاهي پوڻ— ڏوڪي پوڻ. |
| **سَوَڙ ۾ ڇهنڊڙيون لڳڻ:** | ڏال جي مٽرس ڪي ڦرمائش ڪرڻ يا لاڏ ڪرڻ. |
| **سُئيءَ جي ٻاڪي مان اُٺ لنگهائڻ:** | ناممڪن کي ممڪن بڻائڻ. |
| **سيندِ ۾ مارئي ڳائڻ:.** | ڳالهہ منجهائي چوڻ / ڪرڻ. |
| **شهين جي ڪَنَ ۾ هئڻ:** | ڳُهٽي مشڪل سان ملڻ. |
| **فالودو ڪائيندي ڏند ڀڄڻ:** | سولي ڪم ڪندي نقصان رسڻ. |
| **قبر تي قبر اڏڻ:** | قرض تي قرض کڻڻ. |
| **قرض ڪٽي ڪنگڻ پائڻ:** | قرض کڻي ٺاٺ ڪرڻ. |

**ڪٽڪ جي مانيءَ لاءِ فولاد جو پيٽ هئڻ:** وڏي رتبي يا عهدي لاءِ وڏي حوصلي جي ضرورت هئڻ.

**ڪوٽ جي منّي ڪوٽ تائين پوري هئڻ:** جنهن شيءِ مان ڪمائڻ ان تي ئي خرچ ڪرڻ.

**ڪدڙي ڪي پٽ ڄمڻ:** ناممڪن ڳالهه تي پوڻ.

**ڪري ڪي تيل ڏئي پري تي ٻيهڻ:** جهيڙو مچرائي پاڻ تڪري وڃڻ.

**گپ جو ڪِلو هئڻ:** بنياد ڪمزور هئڻ.

**گونگن جو ڳائڻ ٻوڙن جو ٻڌڻ:** سڀ ڪم لڪ چوريءَ ۾ ڪرڻ.

**لعنت جي لسيءَ تي پلجڻ:** بي عزتي جي روزي کائڻ.

**ماءُ جو پيٽ ڪنير جي آوي هجڻ:** ماءُ جي ٻچيان خوبصورت توڙي ڪوجها ڄمڻ.

**ملان جي ڪُتي حلال هئڻ:** وڏي ماڻهوءَ جو هر ڪو ڪم جائز هئڻ.

**هڪ مڻ علم کي ڏهه مڻ عقل کپڻ:** علم کي سمجهڻ لاءِ عقل جو ضروري هجڻ.

**نه پاروٺو ٻچڻ نه ڪتو در تي اچڻ:** نه مالدار هجڻ نه چور جو در تي اچڻ.

**هاٿيءَ جو بار هاٿي سنڀالڻ:** وڏا ۽ غيرمعمولي ڪم حوصلي وارن کان ٿيڻ.

# سنڌي ٻوليءَ ۾
# اسمن ۽ فعلن جي با معنى ٻيهڪ ۽ تجنيسِ حرفي توڙي معنوي تضاد وارا اصطلاح

اصطلاح جو استعمال ٻوليءَ جي سينگار جو سبب بڻجي ٿو. هر هڪ ساهتيہ يا سڌريل ٻولي اصطلاحن سان مالا مال هوندي آهي. جيئن هر ٻوليءَ جي اصطلاحن جو معنىٰ توڙي مطلب جي لحاظ کان پنهنجو پنهنجو رنگ ٿئي ٿو، تئين انهن جي سٽاءَ ۽ ٻيهڪ جو بہ منفرد انداز آهي. سنڌي ٻولي پڻ انهي دولت کان وانجهي نہ آهي بلڪ ان جي ڪجھ اصطلاحن جي سٽاءَ جو تہ رنگ ئي نيارو آهي، جيڪو ٻين ٻولين ۾ ايڏو نظر نہ ٿو اچي. سنڌي ٻوليءَ جي اهڙن اصطلاحن جون جيڪي خصوصيتون مونکي نظر آيون آهن انهن ۾ اسمن ۽ فعلن جي بامعنىٰ ٻيهڪ ۽ تجنيسِ حرفي وارا اصطلاح ۽ ٻيهڪ جي لحاظ کان لفظي توڙي معنوي تضاد وارا اصطلاح اچي وڃن ٿا.

گرامر ٻوليءَ جو بنياد هوندو آهي، جنهن کان سواءِ اها اڻ پوري ۽ ٻُسي ليکي ويندي آهي. ساڳي طرح تجنيسِ حرفي پڻ ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ ۾ اضافي جو باعث بڻجي ٿي.

هيٺ اول سنڌي ٻوليءَ جي اسمن ۽ فعلن جي بامعنىٰ ٻيهڪ ۽ تجنيسِ حرفيءَ وارا ڪجھ اصطلاح معنىٰ سميت ڏجن ٿا. اهڙن اصطلاحن جو تعداد بيشمار آهي. هن قسم جا اصطلاح گهٽ ۾ گهٽ ٽن لفظن تي مشتمل آهن، پر ڪن ۾ ٻن کان وڌيڪ لفظ بہ ڪتب آندا ويا آهن. ڏسبو تہ انهن اسمن ۽ فعلن جي ٻيهڪ توڙي معنىٰ ڀرپور تاثر ڇڏي ٿي. ٻئي طرف انهن ٻن يا ٽن لفظن جو آڏو

وارو حرف ساڳيو هئڻ سبب تجنيسِ حرفي جي صنعت، اصطلاح ۾ خوبصورتي ۽ رواني پيدا ڪئي آهي.

**گهڙيون گهارڻ.** ـــ ڪجهه وقت گڏ گذارڻ.

**واڳون وارڻ.** ـــ واپس موٽڻ.

**هينئون هارڻ.** ـــ مايوس ٿي ويهڻ.

**پيرو پيچڻ.** ـــ وساري ڇڏڻ.

**پٽيون پڙهائڻ.** ـــ گمراهه ڪرڻ / برغلائڻ.

**ڪاڳر ڪارو ڪرڻ.** ـــ بي لايي محنت ڪرڻ.

**سُک سارڻ.** ـــ سکيا ڏينهن ياد ڪرڻ.

**احوال اورڻ.** ـــ حال ٻڌائڻ / مدعا بيان ڪرڻ.

**ڏوهه ڏيڻ.** ـــ ٻي کي قصوروار ڪرڻ.

**واجهه وجهڻ.** ـــ شدت سان انتظار ڪرڻ.

**پُنگَ پرڻ.** ـــ ڏنڊ ڏيڻ.

**نينهن نڀائڻ.** ـــ رستو نه ٽوڙڻ / وفادار رهڻ.

**گوندرَ گهارڻ.** ـــ غم ۾ گذارڻ.

**رنڊا روڙڻ.** ـــ وت آهر ڪم ڪرڻ / ٽلهو ڪَتڻ.

**مَلهه مارڻ.** ـــ ڪامياب ٿيڻ / فتح حاصل ڪرڻ.

**ميلو مچائڻ.** ـــ رنگ رچائڻ.

**پيچ پائڻ.** ـــ ناتو قائم ٿيڻ.

**نور نچوئڻ.** ـــ سخت محتن ڪرڻ.

**چنگ چورڻ.** ـــ ڪوشش جاري رکڻ.

**رنگ رچائڻ.** ـــ ميلو مچائڻ / رونق ونائڻ.

**ڪڏون ڪوٽڻ.** ـــ ٻي کي نقصان رسائڻ لاءِ سوچڻ.

**ڏونگر ڏورڻ.** ـــ تڪليفون ڪاٽڻ.

**مُنهن موڙڻ.** ـــ بي رخي اختيار ڪرڻ.
**هنجون هارڻ.** ـــ تمام گهڻو روئڻ.
**روح ريجهائڻ.** ـــ دل کي تسلي ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
**ڳوڙها ڳاڙڻ.** ـــ پڇتائڻ / شرمندو ٿيڻ.
**ڪِلي ڪِيڪارڻ.** ـــ آڏرياءُ ڪرڻ.
**جهوريءَ جهڄڻ.** ـــ گهڻو صدمو رسڻ.
**ڍَڪُ ڍڪڻ.** ـــ عيبن تي پردو وجهڻ.
**جنگ جوٽڻ.** ـــ جدوجهد ڪرڻ.
**پير پائڻ.** ـــ اچڻ / داخل ٿيڻ.
**تَڳا ٽوڙڻ.** ـــ رشتا ناتا ٽٽائي ڇڏڻ.
**لنؤن لڳائڻ.** ـــ جذباتي تعلق قائم ڪرڻ.
**لڄ لاهڻ.** ـــ بي شرمو / بي حيا ٿي بيهڻ.
**ويڳ وجهڻ.** ـــ پنهنجي لاءِ آزار پيدا ڪرڻ.
**ماري مڃائڻ.** ـــ پنهنجي ڳالهه تسليم ڪرائڻ.
**لوئي لڄائڻ.** ـــ شرمندگيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ.
**ڏاند ڏهڻ.** ـــ نڪمي / ڪنجوس کي نوائڻ.
**ڊونهين ڊُڪائڻ.** ـــ وِتَ آهر ڪوشش ڪرڻ.
**ونگ وجهڻ.** ـــ ڦاسائڻ / هٿيڪو ڪرڻ.
**ڏنڀَ ڏيڻ.** ـــ ذهني تڪليف ۾ مبتلا ڪرڻ.
**ڪُپُ ڪوڙڻ.** ـــ گهڻي وقت لاءِ ترسي پوڻ.
**جبل جهاڳڻ.** ـــ تڪليف ڪاٽڻ.
**پَهه پچائڻ.** ـــ سوچَ ويچار ڪرڻ.
**آڏو اچڻ.** ـــ ڪَئي جو نتيجو پوڳڻ.
**ڍارو ڍِرڻ.** ـــ بختُ ورڻ.

**هٿڙي هڻڻ**. ـــ حرفت سان حاصل ڪرڻ.
**چَپَ چورڻ**. ـــ اظهار ڪرڻ.
**چاڪَ چڪائڻ**. ـــ ڦٽَ اڏيڙي ڇڏڻ / سخت تڪليف رسائڻ.
**اوچو اوڍڻ**. ـــ قيمتي لباس پائڻ.
**چربي چڙهڻ**. ـــ سُستيءَ کان ڪم وٺڻ / ٿوٿي ٿيڻ.
**لاڪ لاهڻ**. ـــ وڏي تعدي ڪرڻ.

لفظي توڙي معنوي تضاد وارن اصطلاحن مان مراد اهڙا اصطلاح آهن جن جا لفظ پنهنجي بيهڪ توڙي معنىٰ جي لحاظ کان متضاد آهن. مثال طور 'قلم هميشه سبتو وهائڻ گهرجي.' يعني 'قلم ذريعي انصاف ملڻ کپي.' پر اصطلاح آهي "ابتو قلم وهائڻ." جيڪو چڻ 'انصاف جي نفي ٿو ڪري.' هينئين اصطلاحن ۾ 'ابتا'، 'اُبتي' ۽ 'اُلٽي' اهڙا لفظ آهن جيڪي اصطلاح ۾ لفظي توڙي معنوي تضاد جو سبب بڻجي پيا آهن. هيٺ اهڙا چند اصطلاح مثال طور پيش ڪجن ٿا.

**اُبتا ٽوپا ڏيڻ**. ـــ فضول خرچي ڪرڻ.
**ابُتا پير ڪڍڻ**. ـــ چڱي چال نه هلڻ.
**اُبتا واهڙ ترڻ**. ـــ بي سود ڪوشش ڪرڻ.
**اُبتو قلم وهائڻ**. ـــ انصاف نه ڪرڻ.
**اُبتي تسبيح پڙهڻ**. ـــ بد دعا ڏيڻ يا پِنڻ.
**اُبتي پَٽي پڙهائڻ**. ـــ برغلائڻ.
**اُبتي ڪاتي وهائڻ**. ـــ سخت ظلم ڪرڻ.
**اُبتي ڪاتيءَ سان ڪُهڻ** . ـ ڏاڍو وٽي وڃڻ./ وڏو نفعو وٺڻ.
**اُبتي گنگا وهڻ**. ـــ عام قانون جي اُبتڙ هلڻ.
**اُبتي ڪَل لاهڻ**. ـــ سخت اذيت ڏيڻ.
**اُبتو ڪلمو پڙهڻ**. ـــ غلط ڪم ڪرڻ.
**اُبتيون وکون کڻڻ**. ـــ غلط راهه تي هلڻ.

**اُلٽي کوپڙي هجڻ**. ـــ بد دماغ هجڻ.

## مددي ڪتابن جو وچور:


1. سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ .. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
2. اصطلاحن جي اصليت.. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
3. ماڻڪ موتي لعل.. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
4. قديم سنڌي ٻولي.. ڪاڪو ڀيرو مل آڏواڻي
5. سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد.. ڊاڪٽر غلام علي الانا
6. سنڌي لغات.. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
7. تحقيق لغات سنڌي.. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
8. سنڌي لغات قديمي.. مرزا قليچ بيگ
9. سنڌي شاعري تي فارسي شاعريءَ جو اثر.. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
10. سنڌي غزل جي اوسر.. ڊاڪٽر اياز حسين قادري
11. سنڌي پهاڪا ۽ محاورا.. مرلي ڌر جيٽلي
12. گل شڪر.. ڪيول رام، ترتيب ۽ تدوين: عبدالوهاب سهتو
13. شاهه جو رسالو.. غلام محمد شهواڻي
14. آفتابِ ادب.. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي
15. فيروزاللغات.. (ڇپائيندڙ:فيروز سنز لاهور)
16. اصطلاحاتِ اصغر.. غلام اصغر
17. انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا

18. ورجيسون پس منظر ۽ ڪارج.. عبدالوهاب سهتو
سنڌي ٻهاڪا.. لسانياتي ۽ سماجي ـ ثقافتي اڀياس..
ڊاڪٽر روي پرڪاش